

پوءِ ڦٽيا پوپٽيا
منوهر بيدي - جڳديش لڇاڻي

قدرن ہار

ادارہ پنجابی تحقیق دے مہتمم

منوہر بیدی

30/4/1989.

وڊيو فلم اسڪرپٽ

ڀؤ - ڦٽي پوپٽي

(ڪماري پوپٽي هيرانندڻيءَ جي جيون،
رچنائن ۽ خيالن جي آڌار تي جوڙيل)

000026

رچناڪار:

منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

وديا پبليڪيشن

٧٠١، راجيو اپارٽمينٽس،
گول ميدان،
الهاس نگر-٤٢١٠٠١.

پوپٽي: هڪ انوکي شخصيت جو ناول

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي

تازو اخبارن ۾ هڪ دلچسپ ۽ معنيٰ خيز خبر ڇپي هئي. لنڊن ۾ اندرا گانڌيءَ جي پتلي (بت) جو مهورت برٽش پرڌان منتري مارگريٽ ٿيچر کان ڪرايو ويو. اُن موقعي تي ڀارت جي هاءِ ڪمشنر رسگوترا اندرا گانڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي هڪڙو اهو جملو به دهرايو، جيڪو هتي ڀارت ۾ به ڪيترا ڀيرا شريمتي گانڌيءَ جي ساراهه ۾ ڪتب آندو ويندو هو ته "هوءَ پنهنجي منتري منڊل ۾ اڪيلي مرد هئي." (Only Man in her Cabinet) شريمتي ٿيچر ان تي رسگوترا کي هلڪڙي تنبيهه ڪندي رايو ڏنو ته منتري منڊل ۾ کيس اڪيلي مرد ڪوٺي توهين دراصل هن مهان عورت جو مان نه، بلڪ اپمان ڪري رهيا آهيو ۽ جنهن جو لڪل ارٿ اهو ٿو نڪري ته اندرا گانڌي هڪ مهان عورت جي حيثيت ۾ نه، بلڪ هڪ مرد جي سونهن، اهڙن گڻن، همت، بهادري، عقلمندي ۽ برجستي اڳوائيءَ بدولت مهان آهي. اڻ سڌيءَ طرح اسين، وري به پرش کي، استريءَ کان وڌيڪ اهم سمجهڻ جي ڀل دهرائي رهيا آهيون.

استريءَ ۾ پرش جا "گڻ" ڳولهڻ ۽ پرش ۾ استريءَ جا "اوگڻ" ڏسڻ، اِها اڄ به هن پرش پرڌان سماج جي دقيانوسي منورتي، خاص ڪري ڀارت ۾ حاوي آهي. ساڳي منوورتي ڪڏهن ڪڏهن پوپٽي هيرانندانيءَ بابت ڪجهه چوندي ۽ لکندي، اسين به ڏيکاري ويهندا آهيون، جڏهن سندس ساراهه ڪندي اسين کيس "مرد ليکڪا" طور نوازيندا آهيون. پر خود پوپٽيءَ به پنهنجي رچنائن ۾ ساڳي اڻ سڌيءَ طرح ان پرش پرڌان منورتيءَ جو ورونڌ پڻ ڪيو آهي. پوپٽيءَ جي

عنوان: پئو - ڦٽي پوپٽي
رچناڪار: منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻي
سال: ١٩٨٨
تعداد: ٥٠٠
قيمت: ٤٠ رپيا

ڇپائيندڙ: راجيش لڇاڻي، وينا پبليڪيشن،
٧٠١، راجيو اپارٽمينٽس،
گول ميدان، الهاسنگر-٤٢١٠٠١.
فون: ٧٠١٠٣
ڇپيندڙ: مڌوداس جي. ڇتاڻي (اڇڙا)
شري گيتا پرنٽنگ پريس،
الهاسنگر-٤٢١٠٠٣.
فون: ٧١٠١٦

Title: PAU PHATI POPATI
(Video Film Script on the Life, Works and Thoughts of Kumari Popati Hiranandani)
Authors; Manohar Bedee & Jagdish Lachhani
Year; 1988
Copies; 500
Price; Rs. 40/-

Publisher; Rajesh Lachhani
Veena Publication,
701, Rajiv Apts., Goal Maidan,
Ulhasnagar-421001. Tel.: 70103
Printer; Madhwdas J. Chhatani (Achhra)
Shree Geeta Printing Press,
Ulhasnagar-421003. Tel.: 71016

کان وڌيڪ اُڀري نڪري بيٺي آهي- ۽ مان ڀانيان ٿو تہ ساهتيہ جو اِتهاس ان جو ثبوت اوس ڏيندو- اُها مضمون نويسيءَ جي صنف آهي. ورهاڱي کان اڳہ جي اها مائيدار صنف، ڀارت ۾ ٻُوٽي ٻوندي وئي آهي. پوپٽيءَ اُن ادبي مضمون جي لاڄ ڪافي حد تائين قائم رکي آهي.

ساهتيڪ يا للت نبند (مضمون) جي سڀ کان اهم خوبي آهي، اُن ۾ مضمون نويس جي شخصيت جي گهري ۽ چٽي ڇاپ، تہ اهڙي برجستي ۽ دٻدٻي واري، بيباڪ ۽ گوناگون شخصيت پوپٽيءَ وٽ موجود آهي. هن اهڙي شخصيت ٺاهڻ کان، هڪ سنگهرشيل عورت، مخالف حالتن ۾ تعليم ۽ اوچ اڀياس ۽ پراچين ڀارتي ساهتيہ جي چٽن مان حاصل ڪئي آهي. هن جي انهيءَ شخصيت کي وڌيڪ نکاريو ۽ سنواريو آهي، عورت هوندي بہ ليکڪا بڻجڻ جي هن جي عهد، اُن کي پروان چاڙهيو آهي پوپٽيءَ جي ان ڪشمڪش تہ عورت جي روپ ۾ هوءَ پاڻ کي ۽ عورت ذات کي، اِنساني ملهن تي، مرد سمثون حق وٺي ڏيارڻ جي لڙائي جاري رکندي ايندي ۽ مضمون نويسي ۾ چٽي ۽ صاف سٿري اوچ پڙي ٻولي ۽ عبارت، پوپٽيءَ جي مضمونن کي ٻين ڪيترن کان نرالو درجو بخشيو آهي. پوپٽيءَ جي ڪهاڻين، ناولن ۽ ڪوتائن ۾ بہ عام زندگيءَ جي گوناگون وشين، سوالن ۽ مسئلن جي وهنوارڪ پيشڪش ۽ همدردانہ نظريہ، پاٺڪن کي سولائيءَ سان پاڻ طرف ڇڪيو آهي. جيڪا عام خوبي هن جي سڀني رچنائن ۾ موجود آهي، اُها آهي صاف سڌي ڳالهہ، وڏ وکڙ کان آجي، جذبي جي صداقت سان ڀريل، جوش، جولان ۽ اُتساهہ ڀريندڙ. اِنهين ڪندي پوپٽيءَ پنهنجي لکڻيءَ جو هڪ مخصوص لهجو بہ حاصل ڪري ورتو آهي، جنهن ۾ رواني آهي، ليکڪا جي

جيون توڙي ساهتيه ۾ جيڪڏهن اسانکي همت، حوصلو، صاف گوئي، جوش، برابريءَ جي حق جي حمايت، انسان پسنديءَ جا گڻ ملن ٿا، ته اهي گڻ محض پُرش جي هڪ هٽي ڪونه آهن. گڻ، گڻ آهن، ڪنهن ۾ به ٿي سگهن ٿا يا نٿا ٿين. ساراهه يا گلا، انهن جي هئڻ يا نه هئڻ ڪري ڪبي آهي يا ڪرڻ گهرجي، نه ان ڪري ته ڪو پُرش آهي يا ڪا استري آهي. ساهتيه ۾ ته وڌيڪ انهن انساني ملهن جي صاف نشان ڏهي ٻڌا جنسياتي تفاوتن جي ٽيڙڻ گهرجي.

پوپٽي هيرانندڻي اڄ هڪ ساهتيڪار طور شايد سڀ کان وڌيڪ لوڪپريه ۽ مانواري ليکڪا مڃي وڃي ٿي. اُن مٽا پنيان، ممڪن آهي، ٿورو هٺ، مٿي ذڪر ڪيل مورتيءَ جو به هجي؛ پر مونکي خاطري آهي- ۽ مان پوپٽيءَ جي وچارن کان چڱيءَ طرح واقف آهيان- خود هوءَ به اِن کي ناپسند ڪندي هوندي. هوءَ پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾، حياتيءَ جي جدوجهد ۾، پنهنجي ڀرپور رچنا سنسار ۾، هڪ آزاد، خوددار عورت جي روپ ۾، مگر سڀ کان وڌ هڪ بهتر انسان جي روپ ۾ ساراهه جي حقدار آهي. مهان ليکڪا شايد پوپٽيءَ کي مان به ڪونه سڏيندس؛ ورهاڱي بعد ڀارت ۾ مهان سنڌي ساهتيڪار اڃا ته ڪونه پيدا ٿيو آهي. ها، پوپٽي اسانجي برجستي، بيباڪ، ڀوڳٽي ليکڪا آهي. گذريل ٽيهن پنجٽيهن سالن کان لاڳيتو هن سنڌي ساهتيه جي ڪيترين صنفن؛ مضمون، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، ڪوتا توڙي اتهاس ليکن ۽ کوجنا ۾ ٽيهارو ڪن ڪتابن جيترو سرمايو اسانکي ڏنو آهي. اسانجي عام پڙهندڙن جي من ۾ جيون لئي، جن ٿورن ساهتيڪارن، سڀ کان وڌيڪ شفي ۽ اُتساهه اُڀر وڌو آهي، پوپٽي هيرانندڻي لاشڪ، اُنهن منجهان هڪ آهي. پر جنهن هڪ ادبي صنف ۾ هوءَ سڀ

مان هڪ بزرگ، پيڻ ۽ برجستي شخصيت جي مالڪ، انسان دوست فنڪار جو ڇپيو مون خوشيءَ سان قبول ڪيو. مان ڀانيان ٿو هي ڪتاب، سنڌي جاتيءَ کي ڏنل پوپٽيءَ جي قرب جي جوڳي موٽ آهي.

منوهر ٻيدي ۽ جڳديش لڇاڻيءَ ٽيلي اسڪرپٽ سيريل جو هي جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، تنهن جي عملي ڪاميابيءَ ۾ البت مونکي شڪ آهي، ڇو جو ساهتيه کان علحدي هڪ "ميڊيا" جي طرز ۽ طريقن کي اپنائي هي ٽيلي اسڪرپٽ لکڻ جي ٻنهي دوستن جيڪا همت ڏيکاري آهي، سا عملي روپ ۾ اچي، تنهن لاءِ جام پئسا کپن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌيءَ ۾ اُن جي "ڪامرشل وائبلٽي" نه جي برابر آهي. پر اِها ڳالهه واضح طور چئي ٿو سگهان ته "ٽيلي اسڪرپٽ" لکڻ جي سموري طور طريقي ۽ ٽيڪنڪ سان ٻنهي ليکڪن پوريءَ طرح نباهيو آهي. ڪتابي صورت ۾ پڙهندي به وشيه ۽ واقعات جي اوسر، ٽيڪنڪ جي حدن اندر رهندي، هُن چڱي طرح ڏيکاري آهي. پوپٽيءَ جي جيون ۽ رچنا سنسار جا سڀ اهم پهلوءَ، گهربل سمجهڻ سان، هن اسڪرپٽ ۾ هوءَ اُجاگر ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. اِن لاءِ مان جڳديش لڇاڻي ۽ منوهر ٻيديءَ کي ڌنيواد ٿو ڏيان. البت ڪتاب جو عنوان، الائي ڇو، مونکي نه ٿو وڻي. "پؤ ڦٽي" ارٿ جي خيال کان اڄ گهڻا سنڌي ٿوري سمجهي به ويندا پر اِن هندي لفظ جي غير مانوسيت ۽ آواز جي بي سُرائي، پهرئين تاثر ۾ پڙهندڙ کي پري ڌڪيندي. هونئن به اسانجي سنڌيءَ ۾ "ڦٽي" ۽ "ڦُٽي" جو فرق رڳو اُچار جو فرق ڪونهي؛ نرميءَ ۽ سختيءَ جو به فرق آهي. خير، شيڪسپيئر جي هڪ قول جو سهارو وٺي ته "نالي ۾ ڇا آهي؟" ان ڳالهه کي ڇڏي ڏئي به سگهجي ٿو. بنيادي ڳالهه آهي ته ڪتاب ڇا ٿو ٻڌائي ۽ مان سمجهان ٿو ته اُهو پوپٽي هيرانداڻي جي شخصيت جو وڻندڙ ۽ گهڻ ڪنڊو عڪس اسان آڏو رکي ٿو ۽ گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿو. ●●

عقيدن جو ڪڙڪو آهي ۽ جيڪو صرف پوپٽيءَ جو پنهنجو نجو لهجو آهي ۽ اِها هن جي سنڌي ساهتيہ کي ڏين آهي.

پوپٽي هيرانندڻي پنهنجي جيون، ساهتيڪ سرگرمين ۽ رچنا ۾ جيتري جرئت ۽ همت واري آهي، اوتري ئي قربدار، ممتامئي، مهذب ۽ موم واري عورت به آهي. مان گهڻو عرصو نه هن جي ويجهو ڪونه رهيو آهيان، پر گذريل ڏهن ٻارهن سالن کان ادبي سرگرمين ۾ هن جي قريب ايندي مون محسوس ڪيو آهي ته سنڌي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن کي، شاعرن ۽ سنگيتڪارن کي هوءَ تمام گهڻو ڀانئيندي آهي. سنڌي فنڪارن لاءِ، واقعي پوپٽيءَ جو هڏ ڪرڪندو آهي. هوءَ پنهنجين مٽائن ۽ وشواس سان نباهيندي سنڌي ليکڪن سان وڙهندي به آهي، اِنڪري پوپٽيءَ سان وابسته ڪيئي واد وواد به پيدا ٿيا آهن. پر پنهنجي رخ ۽ روش ۾ پوپٽي هميشه هڪ باضابطا، سچيه ۽ وقار پسند عورت رهندي آئي آهي. مونکي خبر آهي ته ننڍپڻ کان وٺي اڄ تائين پوپٽي ڪيترن صدمن، پيڙائن ۽ بيمارين مان گذري آهي، پوءِ به هن جي شخصيت جي ڏيا ۽ بردباري جنهن جو تئن قائم آهي. ها، پوپٽيءَ کي هلڪڙائي، بدگماني بعهہ نه وڻندي آهي!

ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ لاءِ، ڀارت ۾ سنڌي جاتيءَ جي مخصوص سڃاڻپ ٻڌائي رکڻ لاءِ، هيل تائين ٿيل ٿيندڙ هلچل ۽ سرگرميءَ ۾ پوپٽيءَ جو يوگدان به هن جي جيون جو هڪ روشن پهلو آهي. اُن ۾ هن چڱن ڀلن سان ٽڪر کاڌو آهي، ڏک ۽ پيڙا لتاڙيا آهن. جن به پوپٽيءَ جي مختصر آتم ڪٿا "منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق" پڙهي هوندي، جنهن تي کيس مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ جو انعام حاصل ٿيو، سي هن جي ولولي خيز زندگيءَ، زندگيءَ سان هن جي بي پناه محبت ۽ لکڻيءَ جي صاف سٿري انداز جو اندازو اَوس لڳائي سگهيا هوندا.

اِن ڪري جڏهن پوپٽيءَ هن "نيلي اسڪرپٽ" جو مهاڳ لکڻ لاءِ مونکي چيو، تڏهن سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي اڏيندڙن

اڄ جي يگ ۾ سائنس اسان کي اڃا به وڌيڪ سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون آهن ۽ اهو سائنس جي سهوليت جو اُپيوگ ڪلا جي کيتر ۾ به ٿيڻ لڳو آهي. اڄ وگيان وڊيو - يگ کي جنم ڏنو آهي ۽ وڊيو - يگ جو اهم ذريعو آهي ٽيليويزن، جا تمام تڪڙي رفتار سان سئنيما تي به حاوي ٿيندي ٿي وڃي. اڄ اسان کي وگيان جي بدولت اها به سهوليت ميسر آهي جو اسين پنهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ ويهي، پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي دل - پسند ڪا به وڊيو ڪئسيٽ ڏسي سگهون ٿا. مطلب ته گهر ۾ ئي اسان کي وندر جو ذريعو ميسر ٿيڻ لڳو آهي.

اڄ اسان کي پنهنجين مهان - هستين، سنڌين جي گڻن ۽ ڪلائن جو ڀاڻ پرچار ۽ ڦهلاءُ ڪرڻو آهي. ٻيو ڪوئي واندو ڪونهي، جو اسان سنڌين جي گڻن، ڪلائن ۽ مهان شخصيتن کي ويهي پڌرو ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪري.

اسان جي دلي تمنا آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ - ڪهاڻيون، لوڪ ڀري ۽ مهان هستين جا جيون چرتر روچڪ نموني پين اڳيان پيش ڪريون. ان لاءِ اسان ٽيلي- اسڪرپٽ ماڌيم چونڊيو آهي. جيڪڏهن ڪو سنڌي دانوڙ ۽ سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو شيدائي اڳيان وڌي، وڊيو- فلمون ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ته اها سنڌ سنڌي جاتيءَ جي وڏي سيوا ٿيندي. هونئن به وڇڙائيءَ ۾ ڪيترائي سنڌي سڄڻ، سنڌي ڪلائن ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي پرچار ۽ پرسار لاءِ نڪري نروار ٿيا آهن. اهي ڪلچرل پروگرام اسپانسر به ڪرڻ لڳا آهن. هيئنر جيڪڏهن هو ٽي. وي. سيريل کي ٽي. ويءَ تي سپانسر ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻن ته ان مان ٻٽو فائدو رسندو. سندن واپار ۽ پراڊڪشنس جي مشهوري هڪ

پنهنجي پاران

هتي مونکي پوپٽي هيرانندڻيءَ لاءِ گهڻو ڪجهه چوڻو ڪونهي. اسانکي جيڪو چوڻو هو، اهو اسان "پؤ- ڦٽي پوپٽي" ۾ چئي چڪا آهيون. سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت ۽ سنڌي سماج سان پوپٽي لڳاتار چاليهن سالن کان Actively وابسته رهي آهي. مان سمجهان ٿو سنڌيءَ ۾ اهڙيون زنده هستيون آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون مس ملنديون. اهوئي سبب آهي جو اسان زنده هستين ۾ سڀ کان اڳ پوپٽيءَ کي ئي چونڊيو، جيتوڻيڪ ڌيان ۾ ٻيون شخصيتون به آهن.

اسان هن کان اڳ، سنڌيت جي ايلچي پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان ٽي وڊيو اسڪرپٽ لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ ان بعد مشهور شاعر پرسرام ضيا، سنگيت آچاريه ماسٽر چندر ۽ سنڌي ڪويل ڪماري ڀڳونتي ناواڻيءَ تي لکيوسين ۽ هينئر منوهر ٻيديءَ ۽ منهنجي قلمبند ڪيل هيءَ ٽين رچنا "پؤ- ڦٽي پوپٽي" توهان جي اڳيان آهي.

سئنيما جي ايجاد جتي ناٽڪ- ڪلا کي ڪافي ڌڪ هنيو، اتي ريڊيو جي ايجاد "براڊ ڪاسٽ اسٽوڊيو" ۾ ان جو ڄڻ ٻيو جنم ٿيو. پهريون دفعو ناٽڪ- ڪار کي منورنجن جي متوالن جي سيٽين، تاڙين ۽ گوڙ شور کان مڪتي ملي. ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکڻ وقت ناٽڪ- ڪار کي ٻڌندڙن جو منهن ٻڌ رکڻ ۽ فرنيچر ٽوڙڻ کان باز آڻڻ لاءِ Sexual Bribery ڏيڻ جي ضرورت نه هئي. تنهن ڪانسواءِ ريڊيو- ناٽڪ، ليکڪ کي اسٽيج جي پابندين ۽ زمان ۽ مڪان جي بندشن کان به مڪت ڪري ڇڏيو، ڇو ته ريڊيو ناٽڪ ۾ زمان، مڪان جي سوچنا صرف آوازن (Sound Effects) ذريعي ئي ڏني ويندي آهي. پر

ڦيڊ - اِن،

ڊرشيه-١/الف　　　　ٻاهر (سمنڊ)　　　　پرهه ڦٽي

ڦل شاٽ. چوطرف ڏنڌلڪو. ڪئميرا اُفق کي ڪَوَر ڪري رهي آهي، جتي ڇوليون ماريندڙ ڪارنجهڙو سمنڊ آسمان سان ملي رهيو آهي. پوياتي سنگيت وايو منڊل کي موهڪ بڻائي رهيو آهي. ڌيري ڌيري اُفق وٽ پرڪاش جي هلڪي ريکا نمودار ٿئي ٿي. سج اُڀرڻ وارو آهي.

ڪئميرا هيٺ پئن ڪري ٿي ۽ اسان اٿاهه سمنڊ جي هڪ ڀِٽَ ۾ سمائجندڙ ڇولين کي وڏيڪ ڇڙي نموني ڏسون ٿا. سمنڊ جيڪو من موهڪ به آهي ته مؤثمار به!

(ڪٽ)

...　　　　...　　　　...

ڊرشيه-١/ب　　　　ٻاهر (باغ)　　　　صبح

ڪئميرا گلاب جي گل تي ڪلوز. گل جي ورقن تي ماڪ جا قطرا. هوا جو جهونڱو لڳڻ تي گلاب آس پاس جي ڪنڊن جي پرواهه نه ڪندي جهومڻ لڳي ٿو. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان قسمين قسمين گل هوا ۾ لهرائيندا ڏسون ٿا. تتليون هيڏانهن هوڏانهن ڦيريون پائي نظاري کي وڌيڪ رونقدار ۽ دلڪش بڻائي رهيون آهن. ڪئميرا ڪلوز هڪ تتليءَ تي جيڪا اُڏامندي اڏامندي دور اکين کان اوجهل ٿيندي وڃي ٿي.　　(ڪٽ)

...　　　　...　　　　...

ڦيڊ اِن.

ڊرشيه-٢　　　　ٻاهر　　　　ڏينهن

ميڊيم ڪلوز شاٽ. اسان هڪ شاهي ٻڙ جو وڻ ڏسون ٿا. ڪئميرا ساڄي کاٻي هيٺ مٿي پئننگ ڪري ٻڙ جي وشالتا

طرف ٿيندي ۽ پيو ٿئي. وڃيءَ ٿي وڌيڪ سنڌي پروگرام به اچڻ شروع ٿيندا.

منهنجي دلي خواهش آهي ته پوُ-ڦٽي پوپٽيءَ جي وڊيو-فلم ٺهي. مون کي خبر آهي ته پوپٽيءَ جا ڪيترائي فئن آهن، جيڪي صرف ڀارت ۾ ئي نه، پر جتي به سنڌي رهن ٿا، اُتي ڦهليل آهن. جيڪڏهن اُهي Popati Fan Club ٺاهي، اڳيان وڌي، پوپٽيءَ لاءِ پريم، سڪ ۽ شرڌا جو اظهار ڪن، ته وڊيو-فلم جو ٺهڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي يا ڪو سنڌيءَ جو سچو شيدائي، اڳيان وڌي، اسان جي خواهش کي ساڪار بڻائي. اِئين ٿيڻ سان اسان جي همت ٻيڻي ٿيندي، اسان کي اُتساهه ملندو ۽ پوءِ اسين ٻين سنڌي هستين ۽ مهان شخصيتن وغيره تي وڊيو-اسڪرپٽ لکي سنڌي سماج اڳيان رکندا سين.

جگديش صوڀراج لڇاڻي

پنهنجين پاڙن کان
جدا ڪيو ويو آهي.

سامان ڀوئي پيدل ويندڙ ماڻهو.
وڻ جي هيٺان کهاڙيون،
ڇرا، تلوارون، لوڙهيون وغيره
هٿيار هيڏانهن هوڏانهن ڦهليا
پيا آهن. وڻ جي پنن مان
خون جون بوندون ٽپڪن
ٿيون. زوردار طوفان. ڀيڊڪو
ڇيڙون. ڪئميرا هوا ۾ اڏامندڙ
پنن کي ڪور ڪري رهي آهي.)

هاڻي منهنجون پاڙون
اُتي آهن
۽ مان
ڪپيل ڪٽيل وڻ
هتي.
منهنجا پنا سڪل
ٽاريون جهڪيل
۽ ٿڙ ڪٻو ۽ ڇٻو آهي.

(وڻ بئڪ گرائونڊ ۾ آهي. ان
تي مهاراشٽر، گجرات، راجستان
هرياڻا، پنجاب، جمون ۽ ڪشمير،
تامل ناڊو، آسام، بنگال،
مڌيه پرديش، ڪيرالا وغيره
ڀارت جي جدا جدا پرانتن جا
نقشا سپر امپوز ٿيل ٿا ۽ هڪ
ڪنڊ کان اڀالو، لاچار، بيوس،
هارايل، نراش، دلشڪستو
پنهنجن جي هٿان ئي مارڪاٽل
سنڌي بيٺو آهي. هن جو
ڪنڌ جهڪيل آهي ۽ هٿ
مَلي رهيو آهي.)

مان پنهنجن جڙن لاءِ
سڪان ٿو
۽ منهنجون جڙون
مون لاءِ تڙڦن ٿيون.

(ڪئميرا ٿڙ جي وڻ کي جدا
ڪنڊن کان ڪَور ڪري ٿي.
وڻ جي جڙن تي ڪئميرا پنج
ڪن سيڪنڊ ترسي ٿي. وڻ

۽ پراچينتا جو اظهار ٿي ڪري. ٻڙ جي وڻ جي اوچائيءَ مان هن جي گهرائيءَ جو انومان لڳائي سگهجي ٿو. ستار جو هلڪو هلڪو ۽ مڌر تن تن تن جو آواز وايو منڊل ۾ لهرائي ٿو ۽ پوءِ هيرانعداڻيءَ جي بلند آواز ۾ سندس ڪوتا ”پاڙن بنا وڻ“ جون سٽون گونججڻ لڳن ٿيون.

ڊوپڻي: (فقط آواز، چهرو نه)

مان وڻ آهيان	(ڪئميرا ٻڙ جي وڻ کي جدا
هڪ جهور ٻڍو وڻ	جدا ڪندن کان ڪوَر ڪري ٿي)
منهنجون پاڙون	(ڪئميرا دور دراز مٿانئن تي
پوري پوري	ڏکي ٿي ۽ تارن جي هڪ
ان زمين ۾ کتل آهن	لوڙهي وٽ اچي اٽڪي بيهي
جا مونکان کسجي وئي آهي.	ٿي رهي.)
منهنجين جڙن کي	(ڪئميرا ٻڙ جي وڻ کي ڪوَر
اکوڙڻ جو ڏٺن ڪيو ويو هو	ڪري ٿي. وڻ بئڪ گرائونڊ
پر اهي جڙون	۾ هليو وڃي ٿو ۽ اُن تي شاهه،
هيٺ	سچل، سامي، بيدل، بيڪس،
تمام هيٺ	روحل ۽ دلپت جون تصويرون
پاتال تائين ڦهلجي	۽ ڪنڊن جي پگهت، صوفين
ويئون هيون،	جي طوف (نرتيه)، چيچ، جهمر،
	ڀهراڻي جا ڊرشيه سپر امپوز
	ٿين ٿا.)
ان ڪري	(بئڪ گرائونڊ ۾ ٻڙ جو وڻ.
زمين کان مٽي ٿي	لڏ پلاڻ جا درشيه سپر امپوز ٿين
مذهب جي نالي واري	ٿا. ماڻهن سان ستيل ريل گاڏي.
تلوار ڪٽي،	ڇت تي ٻه وڌل ماڻهو. جهاز
مونکي ڪٽي	رستي لڏيندڙ ماڻهو. مٿي ٿي

ڪشميرا پل بعد ٿئي ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ کي صوفي تي آرام ۽ آتم وشواس سان ويٺل ڏسون ٿا.

پوپٽي: اسان جي ناٽڪي آکهہ ۾ مشهور گوئيا پيدا ٿيا هئا. سنگيت ۽ گيتن لاءِ شوق ورثي ۾ مليو اٿم. (مرڪي ٿي) ائين ڪٿي سمجهو تہ اسان جي ڪٽنب جا سڀ ئي پاتي راڳ جا شوقين آهن. ناني بہ ڳائيندي هئي. امي بہ ڳائيندي هئي. منهنجا پائو بہ ڳائيندا آهن. مان پاڻ بہ ڪڙڪي سان ڳائيندي آهيان......

(ان وچ ۾ لاڏي جو سنگيت ڏيهي آواز ۾ بئڪ گرائونڊ ۾ هلندو رهي ٿو. لاڏي جي آخرين پڙا شروع ٿئي ٿي)

لاڏو: پيهنجيءَ لاڏيءَ لئہ نٿڙي گهڙايم
سوني ڏانوڻ سان تنهن کي سجايم
منديون مڙهايم جواهرن سان
تنهنجي سهڙي خميص...

(ان وچ ۾ پوپٽي صوفي تان اٿي ٿي ۽ هلندي هلندي دريءَ وٽ اچي بيهي ٿي. ڪشميرا بہ هن سان گڏ ئي پٺن ڪري ٿي، دريءَ جو پردو پاسيرو ڪري هوءَ ٻاهر نهاري ٿي ۽ ڪجهہ ئي دير ۾ دريءَ کي پٺي ڏئي بيهي رهي ٿي، لاڏي جي آخرين پڙا چالو آهي.)

پوپٽي: لاڏن ۾، لوڪگيتن ۾ سهڙي جيئي ٿي، سهڙي امر رهي ٿي... مون لاڏا بہ لکيا آهن تہ سهڙيءَ جا گيت بہ لکيا آهن...

(ڪشميرا پوپٽيءَ جي چهري تي چارج ٿئي ٿي.)

(ڪٽ)

... ...

ٻئڪ گرائونڊ ۾ هليو وڃي ٿو.
ماڻهن جو عمر جي اڳيان
آزيون نيزاريون ڪري وارو
درشيه سپر امپوز ٿئي ٿو.)

جيئسين اسين پاڻ ۾ گڏيل جون
(۽ ائين ٽيڏو ڪ الائي ڇو)
مان
پاڻيءَ ۾ گيهه جا ڦڙا وجهي
ان سان پٽن کي سٽيو
۽ ٽڙ کي
ٽاڻي جي لٽ جي سهاري
سڌو ڪري
تازو هٺ جو
پونگه ڪري رهيو آهيان.

(ڪئميرا وڻ جي جڙ تي ڏيري ڏيري چوٽيءَ ڏانهن پئننگ ڪري ٿي. وڻ ٻئڪ گرائونڊ ۾ هليو وڃي ٿو. جسلوڪ اسپتال، ڪاليجن، اسڪولن، ڌرمشالائن، آشرمن، عيش جي هر سامان سان ڀريل گهرن، فليٽن، بنگلن، ڪارن ۽ موٽرن، عاليشان دوڪانن، بازارين، زيورن سان سينگاريل عورتن، شراب پيئندڙ مردن وغيره جا درشيه سپر امپوز ٿين ٿا.)
(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - اِن

درشيه-۳/الف اندر (فليٽ جو ڪمرو) ڏينهن

ڪئميرا شو ڪيس ۾ رکيل هڪ ڏيڪ تي ڪلوز. پوئتيءَ جو لکيل ۽ پگهونٽيءَ جو ڳاتل لاڏو هلي رهيو آهي.

لاڏو: تنهنجي سنهڙي خميص سونهين ستارن سان
سونهين ستارن سان - منڙن ماڻهن سان
جيءَ نه جياري سان.
تنهنجي ......

(اڌ لکيل پني جي مٿان رکيل بال پين جو ڪلوز-اپ)
(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - ان

ڊرشيه - ۴ فلئٽ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز سوامي وويڪانند جي چهري تي. هن جي منهن مان محڪم ارادو ٽپڪي رهيو آهي. وڏين وڏين اکين ۾ مقناطيسي ڪشش ڀريل آهي. هن جي شخصيت مان تجلا ڪيندڙ مٺيا هرڪنهن کي موهي رهي آهي. ڪٿان گهڻ گنڀيرو آواز اچي ٿو.

آواز: (ڪوني چهرو نه) اُتشٺه! جاگرته!!
(وويڪانند جي اکين جو ڪلوز - اپ)

آواز: آتما جو اُڌار پوءِ سيکاريو، پهرين خالي پيٽ وارن بکين جي مک ۾ روٽي وجهو. پهرين ابلا جا ڳوڙها اگهو. پهرين انگم اگهاڙن جو بدن ڍڪيو.

(ڪئميرا پل - بئڪ ڪري هڪ طرف پئننگ ڪري ٿي ۽ اسان ساڌو واسواڻيءَ جي، سوامي وويڪانند جيتري ئي تصوير ڏسون ٿا. ساڌو واسواڻيءَ جي هڪ آڱر (ڏسٽي) مٿي کڄيل آهي. اوچتو وايومنڊل ۾ منتر گونججڻ لڳي ٿو)

منتر: اَستو ما سدگميه!
تمسو ما جيوترگميه!
مرتيور ما امرتم گميه!

(اوچتو سنگيت وڄڻ شروع ٿئي ٿو. هڪ اهڙي آواز ۾ گيت شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ عشق جو خمار به آهي ۽ ملڻ جي مڌرتا به ڀريل آهي)

درشيہ - ٣/ب. پوڄيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا پوڄيءَ جي چهري تي ڪلوز. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوڄيءَ کي پلنگ کي ٽيڪ ڏيئي، پاڻي تي پيڊ رکي لکندو ڏسون ٿا. پيڊ اڇا، پيڊ ليڪن ۽ فل-اسڪيپ جا آهن. پوڄي لکندي رهي ٿي. سندس آس پاس ۾ ڪيترائي لکيل پيڊ پکڙيا پيا آهن.

پوڄي: (لکندي رهي ٿي. چپ بعد ۾ سندس ئي آواز)

منهنجي زندگي ڪڏهن کان پيڊن ۾ ورهجي ويئي آهي، ياد نه اٿم. فائيل اندر پيڊ، فائيل کان ٻاهر پيڊ ...

(ڪئميرا پلنگ جي هڪ طرف رکيل فائيلن ۽ پيڊن تي)

... ڪٻٽ اندر پيڊ، ڪٻٽ جي مٿان پيڊ ...

(ڪئميرا فائيلن ۽ پيڊن سان ڀريل ۽ کليل ڪٻٽ تي. اندر ڪيترائي ڪتاب به پيا آهن. ڪٻٽ جي مٿان به فائيل ۽ ڪتاب)

... هر هنڌ پيڊ ئي پيڊ. ائين ئي پيڊ مونکي گهيري ويٺا آهن ۽ مان هميشه پيڊن جي ئي صحبت ۾ ويٺي آهيان ...

(ڪئميرا پوڄيءَ تي. ميڊيم ڪلوز شاٽ. هوءَ اڃا لکي رهي آهي. اوچتو پوڄي لکڻ بند ڪري منهن مٿي کڻي ٿي. ڪلوز شاٽ.)

پوڄي: ننڍي هوندي ٿي شوق هئم - باغاس، ڊانس ڪرڻ ۽ شاعره ٿيڻ. ڳائڻ ڏانهن لاڙو نه ورثي ۾ مليو هوم. باجو، بئنجو ۽ دلربا وڄائڻ سکيس. چوڏهن ورهين ۾ ئي پڪت اسڪول ۾ نوڪري ڪيم. مون کي ميوزڪ ٽيچر ڪري رکيو ويو هو. اڃا مئٽرڪ جي رزلٽ به ڪونه ظاهر ٿي هئي. منهنجو زندگيءَ سان مقابلو ننڍيءَ عمر کان ئي شروع ٿي ويو هو...

ماڻهن لاءِ ڳوڙها ويچار. رواجي انسانن لاءِ عمل ڪرڻ جهڙيون چوڻيون... هو بلڪل سرل ۽ سادا لفظ ڪم آڻيندو هو. مهان پرش جي جيون جا خاص واقعا ۽ آزمودا ائين بيان ڪندو هو، جڻ اسان سڀ ڪجهه ساکيات پنهنجين اکين سان ڏسون ويٺا!...
(ڪئميرا الماڙيءَ ۾ رکيل ڪلهن ڪتابن تي.)

پوپٽي: (فقط آواز) ساڌو واسواڻيءَ جي شخصيت مون کي فيلسوفيءَ ڏانهن مائل ڪيو...
(ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي - ڪلوز - اپ)

پوپٽي: ساڌو واسواڻيءَ جي من ۾ وهندڙ گيان جي گنگا جي هڪ بوند منهنجي من جي نديءَ ۾ ڪڏهن سمائجي ويئي اها خبر ڪين اٿم...
(ڪٽ)

... ...

درشيه-٥/الف. سنت ماڊل هاءِ اسڪول جو ٽيچرس روم (اندر) ڏينهن

ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي ڪلوز. چهري مان سندس عمر ٢٧-٢٨ سال لڳي رهي آهي. ڪئميرا ٿورو پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان کيس هڪ وڏي ميز جي اڳيان ڪرسيءَ تي ويهي ڪوئي ڪتاب پڙهندو ڏسون ٿا. کيس ساڙهي پيل آهي. او چتو هڪڙو مرداڻو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.

آواز: مس هيرانداڻي! چا هيءَ کهاڻي توهان لکي آهي؟
(آواز سان گڏ ئي ڪئميرا وڏيڪ پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ جي اڳيان هڪ ماستر کي بيٺل ڏسون ٿا، جنهن جي هٿ ۾ ڪائي مخزن آهي، جنهن جا پنا کليل آهن. ماستر کي سوٽ ۽ بش شرٽ پيل آهي.)

پوپٽي: (ڪتاب تان منهن نه هٽائيندي ۽ رکي آواز ۾) مون

گيت: نازڪ ڌاڳا نينهن جا ونڌي ونڌيان
سهڻا سڳڙا سڪ جا ونڌي ونڌيان
نازڪ ڌاڳا نينهن جا ...

(ڪئميرا اچانڪ پل بيڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ کي صوفي تي ويٺل ڏسون ٿا.)

پوپٽي: منهنجي جيون تي سڀ کان وڌيڪ اثر ٻن مهاپرشن جو رهيو آهي. هڪ سوامي ويويڪانند ۽ ٻيو سادو واسواڻي. سوامي ويويڪانند ته منهنجي جيون - پٿ جو ڌروُ تارو آهي، اڄ مون ۾ جيڪو آتم - وشواس آهي، ڪوڙ ۽ انياءَ سان ٽڪر کائڻ جي جيڪا مون ۾ همت آهي، پنهنجين ڪمزورين سان لڙڻ جي جيڪا مون ۾ سامرٿيه آهي، اِهي سڀ گڻ مون ۾ سوامي ويويڪانند کي پنهنجو آدرش بڻائڻ جي ڪري ئي پيدا ٿيا آهن... سنڌ ۾ اسان جي گهر جي لڳولڳ سادو واسواڻي رهندو هو. اسان جي ڪُڏ واريءَ پٽ ۾ سادو واسواڻيءَ جي ڪمري جون دريون هيون. اُتي يگيه - هوَن، پرارٿنا - ڀڄن، ڪٿا - اُپديش صبح شام ٿيندو رهندو هو. ستسنگ ۾ سادو واسواڻي ڏاڍيون سٺيون آکاڻيون ٻڌائيندو هو. جڏهن آکاڻيءَ جي ڪلائيميڪس تي اچي هو چوندو هو - "اڄ مان اِتي ڏاڍو ٿو رکان" ته من سسي ويندو هو. ٻئي ڏينهن آکاڻيءَ جي انت ڄاڻڻ جي موهه وچان ستسنگ ڏانهن ڀڄبو هو!...

(ڪئميرا سادو واسواڻيءَ جي تصوير تي)

پوپٽي: (فقط آواز - واسواڻيءَ جو ڪلوز - اَپ) سادو واسواڻيءَ جو اُپديش هر عمر واري لاءِ هوندو هو، هر سڀاءَ واري لاءِ هوندو هو...

(ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي - ڪلوز - اپ)

پوپٽي: ننڍڙن ٻارن لاءِ آکاڻيون. وڏن لاءِ فيلسوفي. گيتيو

درشيه-٥/ب.   وائيس پرنسيپال جي آفيس (اندر)   ڏينهن

ڪئميرا وائيس پرنسيپال جي چهري تي ڪلوز. هو غصي ۾ آهي. سندس عمر پنجونجاهه سال کن آهي.

وائيس پرنسيپال: توکي نؤڪري ڪرڻي آهي يا نه؟

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان وائيس پرنسيپال کي هڪ وڏي ميز جي پٺيان ڪرسيءَ تي ويٺل ڏسون ٿا. پوپٽي سندس سامهون بيٺي آهي. ڪمري جي ديوارن تي ديش جي مدبرن جون تصويرون لڳل آهن. ٻه ڪن آلماڙيون به پيون آهن. ميز تي ڪجهه پنا پيا آهن ۽ هڪ پاسي دنيا جو گولو به رکيو آهي.)

پوپٽي: (نبرتا سان) توهين پنهنجي جملي کي واضع ڪريو...

وائيس پرنسيپال: واضع؟

پوپٽي: کولي چئو ته ڇا ٿا چوڻ چاهيو.

وائيس پرنسيپال: (وڌيڪ غصي مان) مان کولي پڇي رهيو آهيان ته توکي نؤڪري ڪرڻي آهي يا نه؟

پوپٽي: (ڌيرج سان) ڪارڻ سمجهڻ کان پوءِ ئي ته نؤڪري ڪرڻ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪنديس. ان ڪري اوهين پنهنجو چيل جملو کولي سمجهايو...

(ڪٽ)

...   .

درشيه-٥/ب.   ٽيچرس روم (اندر)   ڏينهن

ڪئميرا ٽيبل تي رکيل نوٽ بوڪس جي ڍير تي ڪلوز. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ميز جي اڳيان ڪرسين تي ويٺل ماستر ماسترياڻين کي ڏسون ٿا. ميز جي نڍي پاسي وٽ پوپٽي بيٺي آهي. هن وقت ڪيس ڀڳي رنگ جي ساڙهي پيٺي آهي. پوپٽي تقرير ڪرڻ جي نوع ۾ ڳالهائي رهي آهي.

ڪٿين کهاڻيون لکيون آهن. مان ڪيئن ٿي چئي سگهان ته اِها کهاڻي مون لکي آهي يا نه. ڇا لکندڙ جو نالو ڏنل ڪونهي؟
(فل شاٽ. ٽيچرس روم ۾ ٧-٨ ماستر ۽ ماستريائيون ميز جي ارد - گرد ڪرسين تي ويٺا آهن.)
هڪ ماسترياڻي: ٻڌوس ڇو ٿا؟ سڌو ڇو نه ٿا چئوس ته هيءَ کهاڻي تو لکي آهي...
هڪ ماستر: ۽ ماسترياڻين جي بيعزتي ڪئي آهي...
ٻي ماسترياڻي: لکڻ نه اچي ته ماڻهو لکي ڇو؟
ٽين ماستريائي: ڇا ته موٽي وهايا اٿائين...
(مخزن جي هڪ ٻي ڪاپي ڪٿي ان مان پڙهندي) ... اِسڪول جي ماسترياڻي اُهائي ٿي بڻجي، جنهن جـــي ڪنهن سبب شادي نه ٿي سگهي آهي...
هڪ اچي ساڙهي پاتل وڏوا ماسترياڻي: جيئن پاڻ...
(سڀ ٽهڪ ڏين ٿا. پوپٽي خوني نظرن سان انهن ڏانهن نهاري ٿي)
ٽين ماسترياڻي: (مخزن پڙهندي) يا وڏوا بڻجي ويٺي آهي يا ماتا نه بڻجي سگهي آهي. ان ڪري هوءَ ننڍڙن ٻارڙن جي نازڪ جذبات کي سمجهڻ کان قاصر آهي...
هڪ ماسترياڻي: اٽ از ٽُو مچ ...
ٻي ماسترياڻي: شرم اچڻ کپيس...
پوپٽي: (اُٿي بهي - چيخ ڪري) شٽ اپ... هيءَ کهاڻي آهي ۽ کهاڻيءَ کي سمجهڻ جا پيمانا ماپا آهن....
(ڪئميرا پٺيان ڪندي دروازي تائين اچي ٿي. او چتو اسان هڪ پٽيوالي کي اندر ايندو ڏسون ٿا.)
پٽيوالو: دادي پوپٽي!... وائيس پرنسيپال...
(هٿ سان هلڻ جو اِشارو ڪريس ٿو.) (ڪٽ)

... ...

جي سياڻي، وهنوار ۽ شخصيت جي جدا جدا روپن ۽ پهلوئن کي کهاڻين رستي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان...
(ڪئميرا پٺئين ڪرڻي ۽ اسان پوپٽيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ صوفا ڪرسيءَ تي ويٺل ڏسون ٿا. هن جي پاسي ۾ هڪ ننڍي ٽيبل پيئي آهي جنهن تي ڪجهه ڪتاب پيا آهن.)
پوپٽي: (ڪلوز - اپ) : ڪهاڻي جيترو وڌيڪ آٽو بئگرافيڪل هوندي اوترو ئي وڌيڪ آبجيڪٽو ٿي سگهندي. مون وٽ ڪوئي خاص نظريو ڪونهي ان ڪري ڪوئي بندش به ڪونهي. چوطرف ڦهليل زندگيءَ ۾ ڪجهه سهڻو يا ڪجهه ڪوڙو محسوس ڪندي آهيان ته قلم کڻندي آهيان...
(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي)
پوپٽي: مرد عورت لاءِ ڪجهه چوي ۽ عورت پاڻ بابت ڪجهه ٻڌائي، ان ۾ تفاوت آهي. ٿورو نه پر ڪافي تفاوت آهي...
عورت جي چوطرف جدا جدا قسمن جون زنجيرون آهن. ان ڪري هوءَ يا ته ڪجهه ٻڌائي نه ٿي ۽ جي ٻڌائي به ٿي ته صرف مٿيون تهه ئي ظاهر ڪري ٿي...
مان اُها اِستري آهيان جيڪا ڪنهن به قسم جي بندشن ۾ ڪونه ٻڌي آهي. مان عورت جي زندگيءَ جون سڀ ڪنڊون ڏيکارڻ چاهيان ٿي...
مون پنهنجين ڪهاڻين ۾ عورت کي ٻاهرينءَ دنيا جي ٽڪر ۾ آڻي سندس من جو عڪس چٽيو آهي ۽ سندس عورتپڻي جو اهميت پورو مسئلو کنيو آهي... مون عورت کي گهر جي ننڍڙي دائري مان ڪڍي سندس زندگيءَ کي براڊر بيس (Broader Base) ڏنو آهي...
(ڪٽ)

ڀوڳني: ... ڀڳهار ڪنهنجو احسان ڪونهي. اُهـا اسان کي پنهنجيءَ محنت جي اُجوري جي روپ ۾ ملي ٿي. بالادست جي اڳيان پيچ لوڙڻ جي ڪائي ضرورت ڪونهي ... پنهنجي چوڌاري نظر ورائي ڏسو. سيني ڀراٽين جو ڀنيءَ جو ڪٽنبو ڪنهن نه ڪنهن نموني نميل يا وريل آهي. هڪ انسان ئي آهي جنهن جي ڀنيءَ جي ڪٽنبي جـو چيڙو سڄو آڪاش ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اهڙو بلند ماين ناز اِنسان ڪنهن جي پيرن ڏانهن ڇو نهاري؟ ڪنهن جي پيرن جون ترڙيون ڇو چٽي؟
(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - اِن

درشيه-٦ فليٽ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ڀوڳنيءَ جي چهري تي.

ڀوڳني: مون لکڻ جي شروعات مضمون سان ڪئي پر ڪهاڻيون لکڻ جـو ڏاڍو شوق هيم. شروع شروع ۾ ذهن ڪن هندي ڪهاڻين جي سنڌيءَ ۾ ائڊاپٽيشن ڪيم. پـوءِ پنهنجون اصلوڪيون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم ۽ اڄا تائين لکان پيئي...
(ڪئميرا پئننگ ڪري ٿي ۽ اسان هڪ شيشي جي الماڙي ڏسون ٿا جنهن ۾ ڀوڳنيءَ جا لکيل سڀ ڪهاڻي-سنگره پيا آهن. رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون، پڪار، ڪلي گلاب جي ساغر شراب جو، مون توکي پيار ڪيو، خزان جو دؤر پورو ٿيو، شهناز، زندگي نه ڪوتا نه ڪهاڻي، ڪفن ڍڪي زندگي (هندي)، ڀوڳني ني سريشٺ وارتائو (گجراتي)، هـٽ ٿوهين هٽ اسين، د ڪاورڊ (انگريزي) وغيره)

ڀوڳني: (فقط آواز - ڪئميرا ڪتابن تي پئننگ ڪري رهي آهي)
منهنجي ڪهاڻين جو مکيه ڪردار عورت آهي. مان عورت

درشيه ـ ۷/ب. بلڊنگ جو ڪمپائونڊ (ٻاهر) ڏينهن

(چار پنج وچينءَ عمر جون عورتون هڪ هنڌ بيٺيون آهن. اوچتو مين گيٽ کان ڊاڪٽر گدو هٿ ۾ بيگ کڻي اچي ٿو ۽ هنن عورتن جي اڳيان لنگهي وڃي ٿو. گدي کي سفاري پيٽي آهي ۽ هو پنهنجن ئي خيالن ۾ پورو آهي. عورتون ٽيڙي نظر سان هن ڏانهن نهارين ٿيون.)

هڪ: ڪير ٿيس؟

ٻي: مون کي ڪهڙي خبر...

هڪ: ڇوري ائين لڳ لاهي اچي رهي آهي.

ٽين: هن مٿي جڦ لاءِ نه ٿي ڇنين؟ گهر ـ ٻار وارو اچي ڪريو آهي.

چوٿين: آئي، جي رڻ رب رلايا ته ڏاڙهين کهڙو ڏوهه؟

ٻي: مٿن کي ڇا هي؟ مفت ۾ ٿي نوڪرياڻي ملين... رڌيندي پچائيندي به ته سريو جو سک به ڏيندي. ڇو نه ڇوري پنهنجو دين ـ دنيا ٿي ٻوڙي.

هڪ: چون ٿا ته زال ڇڏي اٿس؟

ٽين: ٻڌيس! ڪنڌ تي ڪاتي ڪريس ته ڪُوڪ به نه ڪري؟ زال سان اهوئي ته وئل آهي.

چوٿين: مائي ڇو هريرام! ڪي ڪليا دسرت آهن نه ڪي ڳهجا. رام لڇمڻ ته هن زماني ۾ ناحق ٿا ملن.

(ڪٽ)

... ...

درشيه ـ ۷/پ. فليٽ جو ڪمرو ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز آئيدي ٿي جنهن ۾ سندريءَ جي چهري جو عڪس نظر اچي رهيو آهي. هوءَ ساڙهيءَ ۾ تمام گهڻو دلڪش لڳي رهي آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان سندريءَ

درشيه -٧/الف.
(پردي تي لکجي ٿو وڃي)

هي رشتا ناتا

(ڪٽ)

درشيه -٧/ب. فليٽ جو ڪمرو (اندر) صبح

(ڪئميرا ڪلوز چانهه جي ٽري تي. ڪوئي زنانو هٿ مگ مان چانهه پيالي ۾ وجهي رهيو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان سندريءَ ۽ گنديءَ کي هڪ ٽيبل تي آمهون سامهون ڪرسين تي ويٺل ڏسون ٿا. گنديءَ جي عمر ٣٥ ڪن سال آهي سندري ٢٠-٢٢ سالن جي لڳي رهي آهي. گنديءَ کي اڇو چوغو پاجامو پيل آهي ۽ سندريءَ کي گائون پيل آهي. سندري ٻن پيالن ۾ چانهه ۽ کنڊ وجهي هڪ پيالو ڊاڪٽر گنديءَ ڏانهن وڌائي ٿي ۽ هڪ پاڻ کڻي ٿي. هڪ پليٽ ۾ ڪجهه ڪاجو ۽ بسڪوٽ به پيا آهن.

سندري: ڪوٺا ڏي ويندؤ اڄ؟

گندو: (رکي آواز ۾) ڪوٺا جو نالو به نه کڻ. هن سان منهنجو ڪوئي سنبند ڪونهي. تون منهنجي آهين، مان تنهنجو آهيان ۽ اسان ٻنهي جو هي گهر آهي.

(گندو اٿي سندريءَ جي اڳيان اچي بيهي ٿو ۽ هن جو هٿ پڪڙي ٿو. سندري به اٿي بيهي ٿي. ٻئي هڪ ٻئي کي ڀرپور ڀاڪر پائين ٿا.)

گندو: (مدهوشيءَ ڀريل آواز ۾) سندري...

سندري: (اکيون اڌ ٻوٽي) ڊاڪٽر...

(ڪٽ)

....

لڇمڻداس: پٽ! ڇا ٿي ڏسين؟ اما ڇوڪر وارو سونو هاڻي
وڏو ٿي ويو آهي. هن کي هاڻي تنهنجي گهرج ڪانهي.
(ڪئميرا جيوتيءَ جي اکين تي ڪلوز. هن جي اکين مان
ڳوڙها وهي رهيا آهن.

جيوتي: شادي ڪري جڏهن هن گهر ۾ آئي هئس، تڏهن
مونکي چيو ويو هو ته هيءُ گهر تنهنجو ئي آهي. پر اڄ...
پنجن سالن ۾ ئي ڏاڳو ڏيئي ويو... اڄ پٽ به پنهنجو نه
رهيو... نه رهيو...
(روئي ٿي ۽ دريءَ کان ٻاهر نهاري ٿي)

لڇمڻداس: پٽ، اڄ ڪلهه جي دنيا ۾ ائين ئي ٿي رهيو
آهي. اڄ ڪوئي به پٽ گهر جي ٻڍي وت ٻيهي ماءُ کي ائين
نه ٿو ڇوڙي ته - اما، تون نه وڃ! پوءِ ڀلا اهڙو گهر تنهنجو
ڪيئن ٿيو؟ ڪلهه تنهنجو هو ته اڄ اهو سونوءَ جي پيا جو
آهي.... ڊرائيور، ايئرپورٽ....

(ڪٽ)

... ...

ڊرشيه-٩/الف. فليٽ جو ڪمرو (اندر) رات
(پردي تي لکجي ٿو وڃي)

ڪروا ڇوٿ

(ڪئميرا ڪلوز هڪ شادي شده ٽيهن ڪن سالن واري
استريءَ جي چهري تي)

استري: هندستان ۾ مزورن سان بي-انصافي ٿئي ته اهي
هڙتال ڪري سگهن ٿا. نوڪرن سان انياءُ ٿئي ته اهي ڌمڪائي
نوڪري ڇڏي وڃي سگهن ٿا. آفريڪا ۾ ڪارا اڇن جي
خلاف آواز اٿارين ته سڄي دنيا انهن سان ساٿ ڏيئي بيهندي.
پر هندستان ۾ ڇوڪرين ۽ زالن سان ڦهر ٿيندو ته ڪير

ڪي آئيدي جي اڳيان ٻيهي سيگار ڪعدو ڏسون ٿا.
آئيڊي واري سندري: اڄ گڏي جو ڄمڻ ڪونهي .... پر ٻڌاءِ نہ سهين تون آهين ڪير؟ گڏي جي ڪمپائونڊر؟ هن جي رذل واري مائي؟ يا ... هن جي رکيل؟
سندري: (غصي ۽ نفرت مان) زبان بند ڪر.... مان گڏي جي نہ ڪمپائونڊر آهيان، نہ باورچڻ ۽ نہ رکيل .... مان .... مان ...
آئيڊي واري سندري: ڇو نہ نہ گڏي جي زال آهيان ....
(سندري نڍال ٿي ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهي ۽ ٻنهي هٿن سان ڪٽي تي متو پڪڙي.)
(ڪٽ)

درشيہ ــ٨ عام رستو (ٻاهر) ڏينهن

(پردي تي لکجي ٿو وڃي)

اما! تون نہ وڃ

فل شاٽ. هڪ وڏي رستي جو نظارو جنهن جي ٻنهي پاسن کان عاليشان عمارتون ٺهيل آهن. ڪيترين ئي جڳهين تي ڪارس بيٺيون آهن. هڪ عمارت جي مکيہ دروازي مان سيٺ لڇمڻداس ٻڍهڙيءَ وڏوا ڏيءَ جيوتيءَ کي سهارو ڏيئي ٻاهر نڪري پاسي ۾ بيٺل هڪ ڪار ڏانهن وڌي رهيو آهي. لڇمڻداس جي عمر اٽڪل ٦٥ ڪن سال آهي ۽ فل سوٽ پيو اٿس. جيوتيءَ جي عمر ٤٥ ڪن سال آهي ۽ اڇي ساڙهي پيئي اٿس. هن کي هلڻ ۾ ڪافي تڪليف ٿي رهي آهي ۽ سندس هٿن ۽ پيرن جون آڱريون بيڪار ٿي ويئون آهن.
ڪار ۾ ڊرائيور ويٺو آهي. لڇمڻداس سهارو ڏيئي جيوتيءَ کي پنيءَ سيٽ تي وهاري ٿو ۽ پوءِ پاڻ بہ سندس پاسي ۾ ويهي ٿو رهي. جيوتي دريءَ جي ڪانچ مان ٻهڪي گهر ڏانهن نهاري ٿي.

خيالن ۾ غلطان آهي. ڪيس وڏن پاڇن سان پتلون ۽ چوغو پيو آهي. عمر ٥٠-٥٥ جي وچ ۾.)

استري: مان اڪثر سوچيندي آهيان. هي سڀ ڇا آهي؟... سهاڳ سهاڳ چئي چئي اسين پنهنجي جند جان اُن تان گهوريون ٿيون. هن لاءِ ورت نيم رکون ٿيون. هن جي شيوا چاڪري ڪيون ٿيون. هن جو گهر بار سنڀاليون ٿيون. پر ان سهاڳ وٽ اسانجو ڪهڙو قدر آهي؟ هو اسان لاءِ ڇا ٿو ڪري؟ هو اسان لاءِ ڇا ٿو سهي؟

(ڪئميرا ڪلوز استريءَ جي چهري تي. هن جي منهن مان غصو ۽ بغاوت صاف ظاهر آهن).

(ڪٽ)

....

درشيه-١٠/الف.   ريل جو گاڏو (اندر)   رات

پردي تي لکجي ٿو وڃي:

داغ

ڪئميرا ڪلوز پتنيءَ تي. هن جي عمر ٽيهن پنجٽيهن سالن جي آس پاس آهي. بدن تي ساڙهي پيل اٿس ۽ سينڌ ۾ سندور. هڪ ڪرائيءَ ۾ واچ پيئي اٿس ۽ ٻيءَ ۾ ڪنگڻ. ڳلي ۾ هلڪي سوني زنجير به پيئي اٿس. ڏسڻ ۾ پرڪشش آهـــي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پتنيءَ کي ٽرين ۾ دريءَ جي پرسان ويٺل ڏسون ٿا. سامهون واريءَ سيٽ تي ٻه مرد ويٺا آهن. انهن مان هڪڙو ٽنگون مٿي ڪري ٽيڪ ڏيئي ويٺو آهي ۽ ٻيو اخبار پڙهي رهيو آهي. رات هئڻ جي ڪري هرهنڌ بتيون جلي رهيون آهن. مٿينءَ برٿ تي پتنيءَ جي بئگ ۽ ان جي مٿان ٽيلهو پيو آهي. پاسي ۾ ننڍو ڏٻو پيٺو اٿس.

ڏير: زناني گاڏي ۾ سڀ لڳي پيئي آهي. مرداڻي گاڏي ۾ هڪڙا پيا لهندا ته ٻيا پيا چڙهندا.

ڪهڙو نہ ڪين! ڪجهہ نہ مُسي!

(ڪٽ)

درشيہ-٩/ب. فليٽ جو ڪمرو (اندر) شام

ڪشميرا ڪلوز گلاب مولچنداڻيءَ جي چهري تي. هوءَ غصي ۾ لال ٿي ويو آهي. عمر ٣٣ سالن جي آس - پاس.

گلاب: اِنصاف؟ اَڙي، اِها ڏوُنس وڃي پيءُ کي ڏي.

(ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان گلاب کي ڊبل - بيڊ جي اڳيان بيٺل ڏسون ٿا. هو ازحد غصي ۾ آهي. ڪئميرا هڪ طرف پئننگ ڪري ٿي ۽ اسان سندس اِستريءَ کي آئيني جي اڳيان بيٺل ڏسون ٿا. هن جي چهري تي غم ۽ غصي جا ڀاوَ آهن. آئيني ۾ هن جو عڪس پئجي رهيو آهي.)

استري: هر گهڙيءَ پيءُ ڀيءُ چئي منهنجي بيعزتي نہ ڪريو....

گلاب: چوندس... هزار بار چوندس. مان پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ويٺو آهيان. تنهنجي پيءُ جي گهر ۾ نہ آهيان.

استري: جيڪڏهن اوهين پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ويٺهي حاڪم بڻجي ويا آهيو تہ مون کي بہ پنهنجو پيءُ آهي... مان اوهان حاڪم جي غلام بڻجي رهڻ نہ ٿي چاهيان...

(ڪئميرا اِستريءَ جي چهري تي چارج ڪري ٿي.)

(ڪٽ)

... ...

درشيہ-٩/ب. فليٽ جو ڪمرو رات

ڪئميرا اِستريءَ جي چهري کان ٽرڪ بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان کيس پلنگ جي هڪ ڪناري کان ويٺل ڏسون ٿا.

استري: اِئين چئي مان اُتان هلي آئي آهيان....

(ڪئميرا اڃا بہ پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پلنگ جي ڀرسان پيل هڪ ڪرسيءَ تي هن جي پيءُ کي ويٺل ڏسون ٿا. هوءَ

درشيہ - ١٠/ب. ريل جو گاڏو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز پنديءَ جي پاسيري منهن تي. هن جي نظر اهڙي ڪوڻ تي آهي جو هوءَ هڪ ئي وقت ٻاهر ۽ سامهون واري سيٽ ڏانهن نهاري سگهي ٿي. ٽرين پليٽفارم ڇڏي رهي آهي. پنديءَ جون اکيون اڃا به آنسن سان ڀريل آهن ۽ منهن روئڻهارڪو آهي. ٽرين پليٽفارم ڇڏي رفتار پڪڙي چڪي آهي. دريءَ مان ٻاهريان نظارا نظر ڪونه ٿا اچن ڇو ته رات آهي ۽ چؤطرف انڌڪار جو راڄ آهي. پندي سامهون ويٺل ۽ اخبار پڙهندڙ ماڻهوءَ تي ڀرپور نظر وجهي ٿي.

ڪئميرا ڪلوز اخبار پڙهندڙ شخص تي. هو سٺ سالن کان ڪجهه به حالت ۾ ننڍو ڪونه آهي. ڪاري رنگ جي ڪمپليٽ سوٽ ۾ اچي. ڪاري پٽاڻي ٽاءِ ۾ هو ڪافي ٺاهوڪو لڳي رهيو آهي. مٿي جي اڳين حصي جا وار صفا ڪتل اٿس، ان جي باوجود هن جي چهري ۾ هڪ انوکي ڪشش آهي جيڪا شايد عمر ۽ آزمودي ملي ڪري پيدا ڪئي آهي. هو اخبار هڪ طرف هٽائي پنديءَ تي ڀرپور نظر وجهي ٿو. پنديءَ جون اکيون جهڪي وڃن ٿيون. هن جي چهري تي پاوناڻن جا پردا چڙهن ۽ لهن ٿا. اوچتو هوءَ هڪ ڊگهو ۽ گهرو ساهه کڻي ٿي. اخبار پڙهندڙ هن ڏانهن همدردانه نظرن سان نهاري ٿو. ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهارين ٿا. پر ٻئي پنهنجن پنهنجن خيالن ۾ گم آهن.

ڪئميرا ٻئي شخص تي. هو هولڊال وڇائي مٿي وڃي سمهي ٿو. هاڻي هيٺ پندي آهي ۽ اخبار پڙهندڙ شخص. اڪيلا. پنهنجن آنسن ۾ گم.

ڪئميرا ڪلوز لائيٽ تي. اوچتو لائيٽ وسامي ٿي. ڪئميرا نيري رنگ واري هلڪي بلب تي. ٽرين هلي رهي آهي. وسل.

(ڪئميرا اخبار پڙهندڙ ماڻهوءَ تي. هو اخبار پاسيري ڪري رکي ٿو.)

ڏير: سائين، توهان ڪيستائين وڃي رهيا آهيو؟

اخبار پڙهندڙ: بمبئي... ڪوئي ڪم؟

ڏير: منهنجي ڀاڀي به بمبئي وڃي رهي آهي. اڪيلو سفر ڪري رهي آهي.

(اخبار پڙهڻ واري ۽ پتنيءَ جون اکيون هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)

اخبار پڙهندڙ: ڊونٽ مائينڊ.

(ڪٽ)

درشيه–١٠/ب.   دهلي اسٽيشن جو پليٽفارم   رات

ڪئميرا ڪلوز پتنيءَ جي ڏيراڻيءَ تي. عمر ٢٥–٢٦ سال. بدن تي ساڙهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان هن کي پنهنجيءَ ساهيڙيءَ سان ڳالهائيندو ڏسون ٿا. ٻئي ڄڻيون مرداڻي گاڏيءَ جي در ۾ بيٺيون آهن. پاسي کان دريءَ وٽ اندر پيل نظر اچي رهي آهي.

ساهيڙي: ڏيراڻ کي گهڻا ٻار آهن؟

ڏيراڻي: ڪٿي اٿس؟ ويچاريءَ کي ٻار ڪٿي آهي؟ ڏهه سال ٿيا اٿس شادي ڪئي... آپريشن ڪرائڻ. ڏس پڻا پچائڻ. سوڻ سانت ڪرڻ. پر ڀاڳ ۾ ئي ڪونهيس.

ساهيڙي: (ٽوڪ وچان کلندي، ڪجهه ڏيري) سڌ هوندي ته ڄڻدي وري ڏوڙ...

ڪئميرا ڪلوز پتنيءَ جي چهري تي. هوءَ چپن گسي ڇڪ پائي ڳوڙهن کي روڪي ٿي. ته به اکين ۾ هڪ قطرو تري ٿو اچيس. منهن ڪڍي ٿي ٻئي پاسي ڪري. سيٽي وڄي ٿي. گاڏي هلڻ لڳي ٿي.

(ڪٽ)

درشيه-١٠/ب. ريل جو گاڏو (اندر) رات

ڪشميرا پنهنجيءَ ڪي ڪوَر ڪري رهي آهي. آس پاس نيري رنگ جي ڏنڌلي روشني ڦهليل آهي. ٽرين تيز رفتار سان هلي رهي آهي. پنهنجي هيٺينءَ برٿ تي أي بسترو وڇائي سمهي پيئي آهي. سندس بدن چادر سان ڍڪيل آهي - فقط منهن کليل اٿس، جنهن تي زلف ڦهليا هن جي ڪشش کي وڌائي رهيا آهن. ٽرين جي ڊوڙن جي ڪري هن جو جسم به لڏي رهيو آهي. اوچتو هوءَ چادر ناهڻ لڳي ٿي ۽ عجب مان پيرن طرف نهاري ٿي.

ڪشميرا پنهنجيءَ جي پيرانديءَ تي. هو شخص هن جي پيرانديءَ کان ويٺو آهي ۽ پنهنجيءَ کي جاڳيل ڏسي هن جي پيرن تي هٿ رکي ٿو.

پنهنجي ساهه روڪي، چپچاپ، نروڪار پساوَ سان سڀ ڪجهه ڏيندو ڏسندي ٿي رهي.

هوُ شخص پنهنجيءَ جي چادر هٽائي ٿو ڇڏي. ڪشميرا پنهنجيءَ جي ڪمر کان مٿي واري حصي تي ڪلوز. هن جا ساهه ٽڪڙا ٽڪڙا ڪجن ٿا. هو شخص پنهنجيءَ جي مٿان جهڪيٿو. پنهنجي کو به وروڌ ڪونه ٿي ڪري، فقط اکيون کٽي ٿي بند ڪري ۽ چپ ٿورا کولي ٿي ڇڏي.

ڪشميرا پشڌگ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته سڄو گاڏو خالي پيو آهي - فقط هڪ ماڻهو تمام پريان گهڙيءَ نعب ۾ سمهيو پيو آهي. ڪشميرا ڪلوز نيري بلب تي. گاڏي هلندي رهي ٿي. ڊوڙا ايندا رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن وسل به ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ڪشميرا ڪلوز شخص جي منهن تي. هو آرام سان سمهيو پيو آهي. ڏائي ٻانهن هن جي ڪنڌ جي هيٺان آهي ۽ ساڄي ٻانهن ورائي منهن مٿان رکي اٿائين.

وسل. وڻن جي لڏگهڙ جا آواز. هوا جا گهوُگهاٽ.
ڪشميرا مرد ۽ ڇوڪريءَ کي ڪَوَر ڪري رهي آهي. هاڻي هن مرد سوٽ لاهي نائيٽ ڊريس پاتي آهي. اچو، ڦول جهڙو آڏئي جو چولو ۽ ڍڪيي جي پتلون. ڇوڪري وري هن ڏانهن دلچسپيءَ ڀريل نظرن سان نهاري ٿي. هو شخص به نظرن جي موٽ نظرن سان ڏئيس ٿو ۽ پاسي کان رکيل ٽڙي مان ڪجهه انگور ڪڍي ٿو ۽ ڇوڪريءَ کي آڇي ٿو.

شخص: (هٿ وڌائي) پليز...

(ڇوڪري هڪ ڳڙي کڻي ٿي)

ڇوڪري: ٿئنڪ يوُ...

شخص: فقط هڪ ڳڙي؟

ڇوڪري: (شرميلي مرڪ مرڪندي) انگور جهڙا سوادي ميوا مان گهر ۾ کائيندي آهيان. ٽرين ۾ ته، ٻاهريون گند - ڇڻ، پکوڙا ڏکوڙا کائيندي آهيان.

(ڪشميرا شخص تي. هو ٿهڪ ڏئي ٿو)

شخص: جي ائين آهي ته هن ڪمپارٽمينٽ کي ئي کڻي پنهنجو گهر سمجهو- کڻو...

(ڪشميرا پل بڪ ڪري ٿي. ڇوڪري ٻه- چار ڳڙيون کڻي ٿي. ٻئي هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهارين ٿا.) (ڪٽ)

درشيه- ١٠/ب. ريل جا پٽا (ٻاهر) رات

ڪشميرا پٽريان ايندڙ ٽرين تي. هيڊ لائيٽ ويجهو ۽ ويجهو ايندي ٿي وڃي. روشنيءَ ۾ پٽا چمڪي رهيا آهن. درين مان ايندڙ روشني ڪاريءَ زمين تي نرالا چٽر ناهي ۽ ڊاهي رهي آهي. پٽا ڊڪندا رهن ٿا، ڊڪندا رهن ٿا. ڊڪندا رهن ٿا. (ڪٽ)
وسل. دور ويندڙ ٽرين تي ڪشميرا.

نرتڪي: (نچندي - ڳائيندي)

عوْرت جي ٻولي،
اِها آهي...
عوْرت جي ٻولي.

١- اکڙين ۾ گهماءُ - ڀروُن جو ٽڪاءُ
چپن تي ٽيڏي مشڪ رکي ٿي. اِها آهي....

٢- آواز ۾ نرمي - نيت ۾ گرمي
نڪ جي ٻوند کي موڙو ڏئي ٿي. اِها آهي...

٣- جڀ تي ڳڙ - ڳل تي آڳر
ويڻ جي تياري ڪري ڇڏي ٿي. اِها آهي...

٤- آهي نڙان اِهائي - پاڇائين ۾ سائي
ڏ - ڌاري تلوار ٻڌي پوي ٿي. اِها آهي...

٥- امبوت سٽڻ ۾ - وش آ چکڻ ۾
اڱڻيءَ جيان ساڙي ۾ سگهي ٿي. اِها آهي....

٦- بدن ۾ وکڙ - اکرن ۾ چکر
پڇڻ کي ٽيپ ڀڄاڙي رکي ٿي. اِها آهي...

٧- ٻکشري نہ ڪائي - ليي جنهن ۾ اِها وائي
مانجهي مڙس کي ٻہ ٻڏي رکي ٿي. اِها آهي...

(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - اِن.

درشيہ-١٣ فلئٽ جو ڪمرو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز اپ ڪيءَ جي چهري تي. هوءَ وهاڻي تي مٿو رکي سمهي پيئي آهي. عمر تقريبن پنجهٺ سال. رات جي شانتيءَ ۾ دردٻلو پر مڌر سنگيت انوکو رنگ ڀري رهيو آهي. سنگيت ۾ ڪجهہ مارو راڳہ جي چت آهي جنهن ان ۾ سمو يل

ويو. پوءِ پرش نيم ٺاهيا ته جيڪا زال ڪمند وانگر پيسجي پين لاءِ رس ميسر ڪري يا چندن وانگر گسجي پين کي سرهاڻ ڏئي، اهائي آدرشي ناري آهي! ۽ پوءِ پرش ڪاميءِ ٻڌجي استريءَ کي ماڻڻ ۽ ڀوڳڻ جي بيجان چيز جيان ڪم آڻڻ لڳو!... استري فقط شڪتي ناهي، بلڪ هڪ شعلو به آهي ۽ شعلي کي ڪائي شڪتي سدائين لاءِ دٻائي نه ٿي سگهي... عورت غفلت مان جاڳي اٿي آهي. هن پنهنجين شڪتين ۽ گڻن کي سڃاتو آهي. هوءَ هاڻي هر راڪسي طاقت سان ٽڪر کائڻ لاءِ تيار آهي......

(ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي)

(ڪٽ)

....

درشيه-۱۲ منچ (اندر) رات

ڪئميرا هڪ نرتڪيءَ جي چهري تان پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان کيس منچ تي نچندو ڏسون ٿا. تيز رفتار واري نرتيه - سنگيت سان نرتڪيءَ کي راجستاني پنگهه وارو گهيردار گهاگهرو ۽ چولي پيٽي آهي. لباس مان هن جي سونهن ۽ جواني ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪري رهيون آهن. ڪئميرا اڃا به پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان منچ تي اڌ گول ٺاهي ڪيترن ئي مردن کي ڏسون ٿا؛ جيڪي هٿن ۾ جدا جدا قسمن جا ساز ڪٽيءِ وڄائي رهيا آهن ۽ جهومي رهيا آهن. سازيندڙن ۾ هر پرانت جا شخص آهن. نرتيه ۽ گيت هلندي ڪئميرا ڪڏهن هال ۾ ويٺل درشڪن کي به ڪور ڪري ٿي. منچ تي رنگبرنگي روشنيون عجيب عجيب جاميٽريڪل پيٽرنس ٺاهي سنگيت جي لاهه- چاڙهه ۽ نرتڪيءَ جي پائن کي وڌيڪ معنيٰ- دار بڻائي رهيون آهن.

درشيہ-١٤/الف. گرائونڊ فلور جو آڳڻ (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز رنگ ۾ سان پرپل وڏي بالٽيءَ تي، جنهن مان پٽل جي نهيل وڏي پچڪاري ڪوئي ڀري رهيو آهي. ماحول ۾ عورتن، ٻارن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مرد جي ٽهڪڙن جو آواز ڀريو پيو آهي. هوليءَ جو ڏينهن آهي، ان ڪري هر ڪو موج مستيءَ جي موڊ ۾ آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ جي ماءُ کي رنگ ۾ ڀريل ڏسون ٿا. هن جي هٿن ۾ وڏي پچڪاري آهي. عمر اٽڪل پنجيهہ سال اٿس. ريشمي پتلون ۽ جبلو پيو اٿس. گول چهرو، اکين ۾ ڪشش ۽ دريتا. قداور. هوءَ گرائونڊ فلور تي پنهنجي گهر جي ٻاهران نهيل آڳڻ مان وڏيءَ بالٽيءَ مان رنگين پاڻيءَ جون پچڪاريون ڀري مٿي ڦهرئين ۽ ٻئي ماڙي تي بيٺل ساهيڙين ڏانهن اُڇلائي رهي آهي. سندس ساهيڙيون وري گلال ۽ رنگين پاڻيءَ سان ڀريل ڏول مٿان اُڇلائي رهيون آهن. هڪ طرف ڪان پوپٽي ٻہ بيٺي آهي. سندس عمر ڏهہ کن سال مس آهي. گهگهري پيٺي اٿس ۽ پير اُگهاڙا اٿس. هوءَ ٻہ رنگن سان راند ڪري رهي آهي. آس پاس هن جا ڀائر ۽ ڀينر ٻہ بيٺا آهن. ڀائرن ۽ ڀينرن جي عمر ۾ ڏيڍ - ٻن سالن جو فرق آهي. سڀ هولي ملهائڻ ۾ مگن آهن. چئوطرف خوشيءَ جون چيخون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن. ڪنهنکي ٻہ آس پاس جي سڏ ٻڌ ڪانهي... اوچتو ٻاهريون دروازو کڙڪي ٿو. ڪوئي ٻہ ان ڏانهن ڌيان نہ ٿو ڏئي. دروازو وري زور زور سان کڙڪي ٿو. پر ان وقت پوپٽيءَ جي ماءُ، مٿان اُڇلايل رنگ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهي.

پوپٽيءَ ماءُ: (پچڪاري مٿي تاڻيندي) وٺ - هاڻي بچاءِ پاڻ کي... ڪئميرا ڪلوز ڦهرئين ماڙي تي بيٺل هڪ استريءَ جي

ڏر ڏ کي بيحد موهڪ بڻائي ڇڏيو آهي. پوپٽي جاڳي رهي آهي پر ماضيءَ جي يادگيرين ۾ ڪوهيل آهي. ڪئميرا ڪجهه Pull Back ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ کي هيانءَ ٽائين ڏسي سگهون ٿا. پوپٽي ڌيمي آواز ۾ ننڍي هوندي جي بدل لولي گنگنائي ٿي.

پوپٽي: منهنجو ڏمن سمهندو ... ننڍڙي ڪندو
وڏو ٿيندو ... ڪلٽو ٿيندو
حاڪم بڻجي حڪم هلائيندو
صدقي وڃان پنهنجي پٽڙي... پاٽڙي ٽان
مان گهوري وڃان پنهنجي منڙي ٽان.

(ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي اکين تي. هن جي اکين مان ڪجهه ڳوڙها ڳڙي ٿا اچن.)

پوپٽي: پيرگهو "پين پڪي ... پين پڪي" پيو ٿي ڪندو
منهنجو ڏمن سمهندو ... ننڍڙي ڪندو ....

(ڪئميرا ڇت جي پکي تي. پکو ڌيري ڌيري هلي رهيو آهي)

پوپٽي: (ڪئميرا پکي تي - فقط آواز پوپٽيءَ جو)
منهنجو حشو سمهندو ...
منهنجو موتي سمهندو ...
منهنجو لارل سمهندو ...
منهنجي شانتي سمهندي ...
منهنجي ڪملا سمهندي ...
منهنجي پوپٽي سمهندي ....

(ڪئميرا ڪلوز پکي جي وچين گول حصي تي. اهو تيز تيز ڦرندو ڦرندو ڌنڌلو ٿي ٿو وڃي. سنگيت)

(ڪٽ) .... — ....

پاسي ۾ وڏو ڀاءُ ڏمن بيٺو اٿس. ڏمن جي عمر ٻارهن ڪن سال آهي. ٻئي ڏيري ڏيري ڪمري ۾ داخل ٿين ٿا. ڪئميرا هنن سان گڏ ئي پئن ڪري ٿي. هو اچي پيءُ جي پلنگ جي اڳيان بيهن ٿا. ٻئي ٻار چپ ۽ اُداس آهن. سندن بابا جي سڄي بدن تي هنڊ ۽ جاڙ مکيل آهي ۽ پلنگ تي ليٽيو پيو آهي. پاسي کان اڇن ڪپڙن ۾ نرس بيٺي آهي. بابا جي نظر پوپٽيءَ ۽ ڏمن تي پوي ٿي. هو اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پوپٽيءَ جي ماءُ اڳتي وڌي ٿي اچي.

نرس: (روڪيندي) نو مسٽر هيراننداڻي... نو... اٿو نه... ليٽيا رهو... ليٽيا رهو... نرس جي هدايت کي نظرانداز ڪندي شري هيراننداڻي پلنگ تي اُٿي ٿو ويهي ۽ ڏمن جي مٿي تي هٿ ٿو رکي.

رامچند: پٽ ڏمن! مان وڃان ٿو. سڀئي ڀائر ڀينر توکان ننڍا آهن. تون ڪين اِئين سنڀالج جڻ تون ئي انهن جو پيءُ آهين... ڪئميرا ڪلوز ڏمن جي چهري تي. هن جي اکين مان ڪجهه آنسون ڳڙي ٿا اچن. ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته رامچند پوپٽيءَ کي ڀاڪر پائي رهيو آهي ۽ پيار مان مٿي تي هٿ رکيس ٿو. پوپٽيءَ جي ماءُ اکيون اُگهي رهي آهي.

رامچند: ڏمون ماءُ تي ويو آهي. دل ڪومل ۽ ڪمزور اٿس. تون پوپٽي، بهادر ٿج. ڀاءُ کي هر ڳالهه ۾ مدد ڪج. ڀائرن ڀينرن کي پاڙهڻ جو ذمو تو تي آهي... هاڻي توهين ٻئي ٻاهر وڃو نه ته منهنجا پراڻ ويندا ئي ڪين... رامچند ليٽي ٿو ۽ اکيون بند ٿو ڪري ڇڏي. ڏمن جون اکيون ڦاٽي ٿيون وڃن. پوپٽيءَ لاءِ هلڻ به مشڪل ٿي ٿو وڃي. ٻئي دروازي طرف وڌن ٿا. ڪئميرا هنن سان گڏ ئي پئننگ ڪري ٿي. هو اڃا دروازي کان ٻاهر نڪري آڳنڌ ۾ اچن مس ٿا ته ماءُ جي چيخ

چهري تي. رنگ ۾ هن جو منهن پيرجي ٿو وڃي. چيخ پريل
ٺهڪ هن جي منهن مان نڪري ٿو.
هيٺ دروازي تي زوردار ٺوڪر لڳي ٿي. دروازو ڏڏي ٿو وڃي.
ڪئميرا ڪلوز پو پٽيءَ ماءُ تي. هن کان ڇرڪ نڪري ٿو وڃي.
هڪدم پچڪاري اتي ئي ڦٽي ڪري دروازي طرف ڊڪي
ٿي. ڪئميرا هن سان گڏ ئي پٺڀرگ ڪري ٿي. هوءَ دروازو
کولي ٿي. پوپٽيءَ جو پيءُ ڪڙاهيندو ڇاتيءَ تي هٿ رکي اندر
داخل ٿئي ٿو. هن جي چهري تي اسيم پيڙا جا نشان آهن.
ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي اٿس. بدن لرزي رهيو اٿس. عمر
٣٥ جي آس پاس اٿس ۽ جسم تي سوٽ ۽ قميص پيل اٿس.
پوپٽيءَ ماءُ مڙس کي سهارو ڏيئي ڪمري ڏانهن وٺي ٿي وڃي.
رنگ ۾ پيگ پٺجي ٿو وڃي. سڀ وڏا ڇاهي نعيا ٻار اچي ٿا
هنن جي اڳيان ڪنا ٿين. ڪنهن کي ڪجهه به سمجهه ۾
ڪونه ٿو اچي.

پوپٽيءَ ماءُ: ڇا ٿيو ... توهان کي ڇا ٿيو آهي ...

پوپٽيءَ پيءُ: سُور... ڇاتيءَ ۾ ڏاڍو سُور... ساهه ... ساهه....

(پوپٽيءَ جي ماءُ مڙس کي سهارو ڏيئي هڪ ڪمري ۾ اندر
وٺي ٿي وڃي ۽ پلنگ تي ليٽائيس ٿي. بوٽ ۽ جوراب لاهيس
ٿي. پوپٽي ڏمن ۽ ٻيا ٻار ڪمري ۾ اندر هليا ٿا اچن. سڀ
چپ ۽ وائڙا آهن.)

پوپٽيءَ ماءُ: ڊاڪٽر... ڊاڪٽر کي سڏي اچو .... جلدي ...
(ڪٽ)

... ...

ڏينهن ڪمرو (اندر) درشيه -١٤/ب.

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پل ٻڪ ڪري
ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هوءَ در وٽ اُداس ويٺي آهي. سندس

اسان جي گهر مان سڌي سڀيتا جا نشان مٽجي ويا
۽ اسان جي سڀيتا جي عمارت جي
ڇت ئي اڏامي وئي!

ڪئميرا ڌيري ڌيري ڦٽندڙ ڪنڌي ڪڙڪيءَ مان آسمان ۾ ڦهليل ڪاريءَ راس کي ڪَوَر ڪري ٿي.

(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - اِن.

درشيه-١٥ فليٽ جو ڪمرو (انڊر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز شو ڪيس تي رکيل هڪ تصوير تي. ڇٽو ڪلاتمڪ آهي. ان ۾ هڪ ڪنيا ڏيکاريل آهي ۽ ڇٽو جي هيٺين حصي ۾ لکيل آهي: سيپٽمبر ١٧. ڪئميرا پئن بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان شوڪيس ۾ پيل ٻيون شيون جيئن ته T.V.، ويڊيو، امپورٽيڊ رانديڪا وغيره ڏسون ٿا. پوپٽي ڊبل بيڊ تي وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي پيٽ طرف پئي ڪري وئي آهي. هن جون اکيون بند آهن. کابي هٿ جي مٺ ڀيڪوڙيل اٿس. ساڄي هٿ جون آڱريون ان جي مٿان رکي ڏسٽيءَ ۽ وچينءَ آڱر سان تال رکي رهي آهي ۽ ساڳئي وقت گنگنائي به رهي آهي:

پوپٽي: هيءُ جڳت مسافرخانو آ
هت قائم نه ڪنهنجو ٺڪاڻو آ
جڏهن راس پوي تڏهن اچن پکي
مٺيون ٻوليون ٻولن پوپٽ رکي
وري صبوح سويل جو جوت ٻکي
پوءِ نه هرڪو ٽپڙو روانو آ
هيءُ جڳت مسافرخانو آ.

ڪڏن تي پوڻ ٿي. پوپٽي نعڙي پاءِ ٺارائڻ (عمر ڇهه مهنا)
کي ڪٽي ٿي ڇاتيءَ سان لڳائي. هو ٻه روئي رهيو آهي. پوپٽيءَ
جي ماءُ جون ڪوڙا پويون اوڇنگارون جاري آهن.
ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي ڇڙيل ۽ ٻڳهن وارن تي پنيان،
اوڇنگارون جاري آهن.

(فلئش بئڪ ختم.) (مڪسنگ)

....

فلئٽ جو ڪمرو (اندر) رات

درشيه -١٤/ب
ڪئميرا ڪلوز وهاڻي تي ڦهليل پوپٽيءَ (عمر ٦٥ سال) جي
وارن تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ کي
وهاڻي تي مٿو رکي ليٽيل ۽ يادگيرين ۾ ڪوهيل ڏسون ٿا.
سندس اک جي ڪنڊ وٽ هڪ ٻه ڳوڙهو لڙزي هن جي پيڙا
کي ظاهر ڪري رهيو آهي. اوڇنگارون اڃا جاري آهن.
اوڇنگارون ڏيمون ٿيندي ٿيندي بند ٿي وڃن ٿيون.
ڪئميرا پوئتي هٽي ڪمرو ٿائين پوپٽيءَ کي ڪَوَر ڪري ٿي.
هوءَ ٻڪڙڪ ڇت ڏانهن بلڪ ڏيري ڏيري ڦرندڙ پکي ڏانهن
نهاري رهي آهي. پکي جي وچين حصي ۾ ڪيس پنهنجيءَ
ماءُ جو چهرو نظر اچي رهيو آهي. گول مٿهن. اڇا وار. چادر
سان مٿو ڍڪيل. ڪئميرا پوپٽيءَ جو چهرو ڪَوَر ڪري ٿي.

پوپٽي: (ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندي)

منهنجي امڙ،
هاڻي ته تون ٻه مون کي اڪيلو ڇڏي هلي وئينءَ،
پرمپرائن جي ڳنڍ ڇڙي وئي
مريادائن جو گرنٿ گم ٿي ويو
منهنجي وچڙ سان امڙ،

ڪملا: ڏسان ڪير آيو آهي... (ٻاهر وڃي ٿي)
ڪئميرا پوپٽيءَ کي ڪَوَر ڪري ٿي. هوءَ وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ليٽي پوي ٿي ۽ خالي نظرن سان سامهون واري ديوار ڏانهن نهاري ٿي. ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي ماضيءَ جي يادين ۾ کوهيل نظرن تي.
(ڪٽ)

....

درشيه-١٦/الف. ڪمرو (اندر) ڏينهن
ڪئميرا ڪلوز ميڻگهيءَ (پوپٽيءَ جي ماتا) جي چهري تي. ستو اُگهاڙو اٿس. عمر اٽڪل پنجاه کن سال ٿيندس. ڪئميرا جي پل ٻئي ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هوءَ ڪاٺ جي آرام ڪرسيءَ تي ويٺي آهي، جنهن جي پٺيان ڪپڙو لڳل آهي. ڪمري ۾ هڪ طرف پلنگ (ڪاٺ جو) پيو آهي ۽ هڪ پاسي ديوار سان لڳل ميز پيئي آهي، جنهن جي آس پاس چار ڪرسيون پيئون آهن. پوپٽي، سلوار ۽ ڪڙتي ۾ ملبوس، عمر اٽڪل پندرهن سال، ڪرسيءَ تي ويٺي آهي ۽ ميز جي سهاري پڙهي تي ڪجهه لکي رهي آهي.
ميڻگهي: (گوڏن تي هٿ رکي اُٿڻ جي ڪوشش ڪندي)
نارائڻ - نارائڻ.
ڪئميرا دروازي تي. دروازي وٽ نارائڻ مرڪندڙ چهري سان بيٺو آهي. عمر اٽڪل پندرهن چوڏهن سال. بدن تي وڏن پاچن واري پتلون ۽ چوغو پيو اٿس. ڏايو ناهوڪو لڳي رهيو آهي.
نارائڻ: (يڪدم جواب ڏيندي) اجهو آيس، اُمي!
ميڻگهي: (آرام ڪرسيءَ جي اڳيان بيهي) توکي نه، مان منهنجي نارائڻ کي ٿي سڏيان.
نارائڻ: مان به ته سڀان پنهنجي ماڙي تان اچي رهيو آهيان، سو منهنجو ته مان به ٿيس نه!

ڪئميرا دروازي تي. ڪملا، پوپٽيءَ جي ننڍي ڀيڻ، عمر اٽڪل
پنجونجاهه سال، ڪمري ۾ داخل ٿي رهي آهي. هن کي گائون
پيو آهي ۽ هٿ ۾ ڪجهه لفافا اٿس. هوءَ اچي پوپٽيءَ جي
اڳيان بيهي ٿي ۽ پوپٽيءَ جون اکيون بند آهن ۽ پنهنجن ئي
خيالن ۾ محو آهي.

ڪملا: (لفافا پوپٽيءَ جي گود ۾ اڇليندي) سماڌيءَ مان
جاڳ - اڄ تنهنجو جنم جو ڏينهن آهي. هن مسافرخاني جون
چئيون - پنهنجن پنهنجن آزاد ۽ زوردار ٽهڪڙن سان ڏوڏي ڇڏ.
(پوپٽي اکيون کولي ٿي. گود ۾ پيل لفافن کي ساڄي هٿ سان
ڪٽي ٿي. چهري تي مرڪ اٿس.)

پوپٽي: هي ڇا آهن؟

ڪملا: شڀ ڪامنائون ۽ واڌايون...

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. هوءَ ڪجهه گنڀير ٿي
وڃي ٿي ۽ پوءِ هڪدم کليل مرڪي ٿي.

پوپٽي: دنيا مسافرخاني کان وڌيڪ عجائب خانو آهي. اڄ ١٧
سيپٽمبر تي منهنجو جنم جو ڏينهن آهي ۽ ٢٠ تاريخ تي منهنجو
آپريشن ٿيڻو آهي! ڏس ڪملا، هن دنيا ۾ انسان سان ڪهڙا
ڪهڙا نه مذاق پيا ٿا ٿين!...

پوپٽي ٽهڪ ڏئي ٿي. ڪئميرا ڪلوز ڪملا جي چهري تي. هوءَ
عجيب نظرن سان ڀيڻ ڏانهن نهاري رهي آهي. ڪئميرا پوپٽيءَ
کي ڪوَر ڪري ٿي.

پوپٽي: اڄ الائي ڇو موتيءَ ۽ نارائڻ جي ڏاڍي ياد اچي
رهي آهي ...

ڪملا: تنهنجو ذڪر نڪتو هوندو- ياد ڪندا هوندءِ ...
(ڪال بيل وڄڻ جو آواز اچي ٿو)

منگهي: ديش ڀيو چين سان وڙهي ۽ هن ٽالپر کي چيدائڻ
کان سواءِ ٻي ڪا ڇوڪري اُها نه ملي...
نارائڻ: ڀلا تو نه ڪيس چيدائڻ وٺي ڪانه ڏني آهي، پوءِ تون
پاڻ کي ڏوهي ڇو پيئي سمجهين؟

(ڪٽ)

... ...

ڊرشيه -١٦/ب. ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪلوز ميڊيم شاٽ. ٻوٽي ڪوچ تي ويٺي آهي ۽ نارائڻ هن
جي پرسان بيٺو آهي. ٻوٽيءَ جي عمر ۴۵-۴۶ ڪن سال ۽
نارائڻ جي هن کان ڏه کن سال گهٽ آهي.
نارائڻ: (ٻوٽيءَ کي هڪ ٽڪيٽ ڏيندي) وٺ! اڄ کان
اڪيلي اُي پکچر تي ويندي ڪر...
ٻوٽي: (حيرت ۽ ڊپ مان) اڪيلي؟
نارائڻ: جنهن صورت ۾ تو اڪيلي اُي زندگي گذارڻ جو
فيصلو ڪيو آهي، تنهن صورت ۾ اڄ اُي شروعات ڪري ڇڏ.
هن کان پوءِ هر هنڌ اڪيلي وڃڻ جي ڪوشش ڪج.
ٻوٽي: (مرڪندي) سڀني کان نڌيو آهين، پر آهين اسان
سڀني جو ڪاڪو، ٻچڙا ڪاڪو.
نارائڻ: ۽ عمر ڀر ٻچڙا ٽي رهندس.
ٻوٽي: مون وانگر؟
نارائڻ: بلڪل تو وانگر. ڪوئي نه توکي ساٿ ڏئي.
ٻوٽي: (ترنم ۾)
پٿر سلگه رهي ٿي ڪوئي نقش- پا نه ٿا
هر جس طرف چلي ٿي ڪوئي راستا نه ٿا
نارائڻ: واه! واه!!

ڪئميرا مينگهيءَ جي چهري تي. هن کان ٽهڪ نڪري ٿو وڃي. نارائڻ ڪمري ۾ اندر داخل ٿي چڪو آهي. پوپٽي به کلي ٿي.

پوپٽي: امي، پريتم تي نارائڻ نالو به توئي رکيو هو نه! سوچيو هوندءِ اجاميل وانگر تري ويندس...

(ڪٽ)

ڏينهن   ڪمرو (اندر)   درشيه -١٦/ب

ڪئميرا ڪلوز ميز تي رکيل موتيءَ ۽ سندس چيناڻ زال جي تصوير تي. تصوير ۾ نئون جوڙو ڪافي دلڪش لڳي رهيو آهي. موتيءَ جي عمر ٣٢-٣٣ سالن جي آس پاس آهي. سندس زال چهري مان عمر ۾ گهٽ لڳي رهي آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان مينگهيءَ کي پلنگ تي ويٺل ڏسون ٿا. هوءَ ڪجهه خفي ۽ وياڪل لڳي رهي آهي.

مينگهي: مان هاڻي ڪهڙي منهن سان ٻاهر نڪران؟! ماڻهو ڇا چوندا؟!

(ڪئميرا نارائڻ تي. هو ميز جي آڌار تي بيٺو آهي.)

نارائڻ: ماڻهن کي فخر سان چئجانءِ ته هندستان ۽ چين جي وچ ۾ ناتو ان ڪري ٿي سگهيو آهي، جو هڪ هندستانيءَ هڪ چيناڻ سان شادي ڪئي آهي ۽ اهو هندستاني (ڇاتيءَ تي هٿ رکي) منهنجو پٽ آهي، يعني منهنجو ڀاءُ آهي موتي...

(ڪئميرا پوپٽيءَ تي. هوءَ دريءَ جي اڳيان بيٺي آهي ۽ ڪنهن ڪتاب جا پنا اٿلائي رهي آهي. ڀاءُ جي ڳالهه تي هوءَ کلي ٿي ۽ زور سان ڪتاب بند ٿي ڪري.)

مينگهي: ماڻهو مون ڏانهن آڱر کڻي ڪجهه نه ڪجهه ته چوندا...

نارائڻ: ماڻهن جي چوڻ کان اڳ پاڻ ئي چئي ڏجانءِ. ٻڙي ڏنه! پٽ کي موڪليم ڪمائڻ لاءِ ٻاهر، پر ماريو ٻاهر جي ڇوريءَ سان پرڻجي ويٺو آهي...

تي آنترڪ پيڙا جو ڀاو- پرورشن ڪري رهي آهي. ڪمري ۾
فقط ٽي. وي. مان نڪرندڙ ڪرڻن جو ئي پرڪاش آهي. ان
وچ ۾ پوپٽي پنهنجي ڊبل بيڊ تي وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي اچي
ٿي وهي. ڌيمو ڌيمو سنگيت ۽ ترنم جاري آهي. ڪئميرا
پوپٽيءَ جي چهري تي ڪلوز.

پوپٽي: (ترنم ۾) الاءِ مان ڪيئن سليان؟

الاءِ مان ڪيئن سليان؟

۱- ڪنهن لاءِ سور ڪيم ساٿي؟

ڪنهن لاءِ ڪنڊ جهليم ڪاتي؟

الاءِ مان ڪيئن سليان؟

(ڪئميرا ٽي. وي. تي. ڇوڪري ڀاو- پرورشن ڪري رهي آهي)

پوپٽي: ۲- ڪنهن لاءِ پل پل پور پچايان؟

ڪنهن لاءِ ٿي مان گيت رچايان؟

الاءِ مان ڪيئن سليان؟

(ڪئميرا ڇوڪريءَ تي. اُها ڌيمي سنگيت تي ڀاوناڻن
جو اظهار ڪري رهي آهي. ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي)

پوپٽي: ۳- ڪنهن لاءِ جهڄيس سڀ جمار؟

ڪنهن جي تن ۾ تمر تنوار؟

الاءِ مان ڪيئن سليان؟

الاءِ مان ڪيئن سليان؟

(ڪئميرا ترنم ڪندڙ ڇوڪريءَ تي چارج ڪئي وڃي ٿي،
فلئش بئڪ)

(ڊزالو)

درشيه - ۱۷/ب رستو (ٻاهر) ڏينهن

ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تان ٽرڪ بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان
پوپٽيءَ کي ٽهڪ ڏيئي ڪلندو ڏسون ٿا. سندس عمر سورهن

پوپٽي: "راشد" ڪسي سدائين گلي ۾ تيري غزل
اُسڪي مڪان ڪا ڪوئي دريچا کلا نہ ٿا
نارائڻ: خوب! جواب نهين ...
(تاڙي وڄائي ٿو)
(فلئش بئڪ ختم)

(ڪٽ)

... ...

درشيہ-١٦/پ. فلئٽ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن
ڪئميرا ڪلوز ٽيليفون تي. فون جي گهنٽي وڄي رهي آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ کي پيهنجن ئي خيالن ۾ محو وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ليٽيل ڏسون ٿا. گهنٽيءَ جي آواز تي هن جي خيالن جي ڏور ٽٽي ٿي ۽ ٿورو اُٿي سوڪي، هٿ وڌائي فون جو رسيور کڻي ڪن سان لڳائي ٿي.
پوپٽي: (فون ۾) هئلو - يس، پوپٽي اسپيڪنگ ...
آواز: (فون مان - مرداڻو) جنم جي ڏينهن جون واڌايون ......
(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - اِن.
درشيہ - ١٧/الف بيڊ روم (اندر) رات
ڪئميرا ڪلوز هڪ ويڊيو ڪئسيٽ تي. هڪ زنانو هٿ، ويڊيو ۾ ڪئسيٽ وجهي رهيو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان تمام جهڪي روشنيءَ ۾ پوپٽيءَ کي ويڊيءَ جو بٽڻ دٻائيندو ۽ ٽي. وي. کي آن ڪندو ڏسون ٿا. سندس عمر ٦٥ سال آهي ۽ سليپنگ گائون پيو اٿس. ٽي. وي. جو پردو روشن ٿي وڃي ٿو. ڪجھ ئي دير ۾ ڪمرو مڌر پر هلڪي سنگيت سان پرجي ٿو وڃي. هڪ ڇوڪري درديلي سنگيت

هري: ٻڙي، خبر اٿو ته ڪراچيءَ ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون پاڻ ۾ پريم ڪندا آهن؟

گومي: گڏ گهمندا به آهن.

پنواڙي: تو اکين سان پاڻ ڏٺو به آهي يا فقط ٻڌل ڳالهيون ٿي ٻڌائين؟

ڪلان: شخصي آزمودو هجيئي ته ٻه ٻيڙڪ خلاصو ڪري ٻڌائجانءِ.

پوپٽي: پاڻ ۾ ئي آهيون - ڳالهه دائري کان ٻاهر ڪونه ويندي...

گومي: مون ته پاڻ ئي اکين سان ڪجهه ڪونه ڏٺو آهي باقي ڪراچيءَ مان مٽ مائٽ ايندا آهن ته خبرون پيون پونديون آهن.... باقي رهيا شخصي آزمودا، سي ته اسان سڀني کي هڪ جهڙا ئي آهن...

هري: ڇا ته لٺ جواب ڏنو اٿسي.

پوپٽي: ڇوڪرن ڇوڪرين جون ٽوليون ته هتي به ڪاليج ۾ نظر اينديون آهن...

پنواڙي: پر حيدرآباد ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪنهنکي ڪونه ٽيون وڻن... اهڙن ريجالن کي ڪوئي سٺيءَ نظر سان ڪونه ٿو ڏسي هتي...

(ميڊيم شاٽ. پيون سڀ ماسترياڻيون اڳتي وڌي ٿيون وڃن. پوپٽي ڪجهه پٺيان رهجي ٿي وڃي. هوءَ ڇاڙي واڙي ڏيهيءَ چال سان هلي رهي آهي. ڪئميرا پٺڀرو ڪندي هڪ گهٽيءَ کي ڪَوَر ٿي ڪري. گهٽيءَ جي منهن وٽ هڪ ٺاهوڪو ويهن کن سالن جو نوجوان بيٺو آهي. هو ٻڪٽڪ پوپٽيءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي. قد جو ڊگهو، سهڻو، پرڪشش اکين وارو نوجوان ڪنهن به ڇوڪريءَ جي خوابن جو راجڪمار ٿي سگهيو ٿي. هن وقت هوُ ڪاري پينٽ ۽ سفيد قميص ۾

کن سال آهي. سلوار، ڪُڙتو ۽ ڊپٽو پيو اٿس. پيرن ۾ چمپل پاتو اٿائين. سيند وچ تان ڪڍيل اٿس ۽ پٺيان هڪ چوٽي ڪيل اٿس. هوءَ پنهنجين انهن ساهيڙين راڌيءَ، سندريءَ، مس پنواڙيءَ، ڪلان، هريءَ، گوميءَ، وشنيءَ ۽ پاپوءَ سان گڏ اسڪول ڏانهن وڃي رهي آهي. ڪل ڪل ڪنديون رستي تان ويندڙ هي ماستريائيون نديءَ جي لهرن وانگر جهومنديون ۽ لهرائينديون دنيا جي هر مستيءَ کي پنهنجين وکن ۾ سميٽينديون اڳتي وڌنديون ٿيون وڃن. ڪئميرا هنن سان گڏ ئي پنڌ ڪري رهي آهي. سڀ ڪنهن ڳالهه تي گڏجي ٽهڪ ڏيئي رهيون آهن.

پوپٽي: گهر کان اِسڪول ۽ اِسڪول کان گهر...

راڌي: سو به بس جي دٻي ۾ بند ٿي ڪري...

وشني: جيئن ميونسپالٽيءَ جا ماڻهو ڪتن کي گاڏيءَ ۾ بند ڪري وٺي ويندا آهن...

پوپٽي: اهو سڀ تيستائين هو جيستائين اسڪول ۾ پڙهندي هئس...

سندري: ۽ هاڻي؟... (شرارت ڀري مرڪ)

پوپٽي: جيئن ئي مئٽرڪ پاس ڪري ماستري شروع ڪيم سڀ بندش ختم ٿي ويا.

ڪلان: ۽ هاڻي پون - ڦٽي خوب ٿي آزاديءَ جون هوائون کائي ......

پنواڙي: ۽ نئين زماني جي لهرن ۾ لهرائي ...

پاپو: (پوپٽيءَ جي ڳٽي تي هلڪي چهنڊڙي پائيندي) صدقي وڃانءِ.

(سڀ ٽهڪ ڏيئي کلن ٿيون ۽ پوپٽيءَ جي منهن تي شرم ڀريل مرڪ ڊوڙي ٿي وڃي.)

ڪيئن پروانا شمع جي ارد گرد ڦري رهيا آهن. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ (عمر ١٦-١٧ سال) کي نوار جي کٽ تي ويڙهيل بستري کي ٽيڪ ڏيئي شمع ڏانهن ٽڪٽڪي ٻڌي نهاريندو ڏسون ٿا. هن جي چهري تي دل جي آنڌ مانڌ ۽ طوفان جي ڇاپ صاف ظاهر آهي. ميڻ بتي پٽ ۾ ٺهيل جاري ۾ جلي رهي آهي. پوپٽيءَ جو ڪلوز-اپ. هوءَ ڇپن ۾ ڪجهه گنگنائي ٿي:

پوپٽي: حاڪم هوت هلي آءُ هڪڙي گهڙي،
آءُ ڪيئن ڪريان، وٺي آ دلڙي آڙي،
حاڪم هوت هلي آءُ هڪڙي گهڙي......
(ڪئميرا شمع تي جيڪا جلي پئي ٿي ۽ ڳري پئي ٿي.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه -١٧/ب. گهٽيءَ جو منهن (ٻاهر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز نوجوان تي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو گهٽيءَ جي منهن وٽ بيهي ڪنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. هر هر هن جون نظرون رستي ڏانهن کڄي ٿيون وڃن. رستو يا ته خالي آهي يا اُتان اُهي ماڻهو لنگهن ٿا جيڪي نوجوان لاءِ ڪائي اهميت نه ٿا رکن. اوچتو خالي رستي تي ڇوڪرين جي ٽهڪڙن جو آواز over lap ڪري ٿو ۽ پوپٽي پنهنجين ٽن ماسترياڻين سان گڏ نظر اچي ٿي. پوپٽي ساهيڙين کان ڪجهه پڇني آهي. نوجوان جي چهري تي خوشي ۽ اکين ۾ چمڪ اچي ٿي وڃي. پوپٽي چور نظرون سان نوجوان ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون. نوجوان دل تي سڀاويڪ نموني هٿ رکي ٿو. پوپٽي شرمائجي، اکيون جهڪائي، اڌوري مرڪ مرڪي اڳتي وڌي ٿي وڃي.

خوب ٻهڪي رهيو آهي. ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي.
هوءَ تمام گهڻي خبرداريءَ سان ان نؤجوان ڏانهن نهاري ٿي.
نؤجوان جون اکيون.
پوپٽيءَ جون اکيون.
نؤجوان جي چپن تي مرڪ.
پوپٽيءَ جي چپن تي مرڪ.
نؤجوان جون اکيون ۽ ٿورو ڪنڌ جهڪائي سلام ڪرڻ.
پوپٽيءَ جو شرميلي مرڪ ۽ جهڪيل اکين سان سلام جو
جواب ڏيڻ. ڪلان جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.
ڪلان: اڙي هيءَ پوپٽي ڇو پوئتي رهجي وئي.
(ڪئميرا پوپٽيءَ تي. هوءَ ڇرڪ ڀري ڪجهه ٽڪڙو ٽڪڙو
هلڻ لڳي ٿي ۽ اچي ٿي ساهيڙين سان ملي.)
گوميءَ: ٽڪڙي وک کڻ- اسڪول کي ليٽ نه ٿي وڃي....
(ڪئميرا ماسترياڻين جي ٽڪڙن قدمن تي.)
(بڙالو)

دڙشيه-١٧/ب ڪلاس روم (اندر) ڏينهن

ڪئميرا پوپٽيءَ تي. هوءَ ميز جي پٺيان بيٺي آهي. پاسي ۾
ڪرسي پئي اٿس. پٺيان بورڊ لڳل آهي. ٻار نوٽ بوڪن ۾
ڪجهه لکي رهيا آهن. پوپٽي يڪٽڪ سامهون ديوار ڏانهن
نهاري رهي آهي. ڪئميرا ديوار تي ٽنگيل باغ جي نظاري
واري تصوير تي. او چتو باغ ۾ گلن جي وچ ۾ گهڻيءَ جي
مٿهن وٽ بيٺل نؤجوان جي تصوير اڀري ٿي. پوپٽي تصوير
ڏانهن نهاري رهي آهي. نؤجوان جي تصوير.
(بڙالو)

دڙشيه-١٧/پ ڪمرو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز هڪ ميڻ بتيءَ تي. ميڻ رجي رهي آهي ۽

آهي. ڌيري ڌيري بعد جو آواز دور ٿيندو ٿو وڃي. پوپٽي دريءَ تان مڙي ڪمري جي هڪ طرف پيل ڪرسيءَ تي اچي ٿي ويهي. هن جي خاموشي اندر جي طوفان کي لڪائڻ ۾ ناڪامياب ٿي رهي آهي. ڪمري ۾ هڪ ميز، ڪجهه ڪاٺ جون ڪرسيون پيون آهن. وچ ۾ ڪاٺ جو هڪ وڏو پلنگ به پيو آهي. پٺ سان لڳل هڪ الماڙي به پئي آهي. پوپٽيءَ جي اداسائي ۽ بيقراري صاف ظاهر آهي. اوچتو پوپٽي ڦاڙل اکين سان ڪمري جي دروازي طرف نهاري ٿي. بيڪڙيل دروازو آهستي آهستي کلي رهيو آهي. پوپٽيءَ جي اکين ۾ عجب جا نشان صاف ظاهر آهن. دروازو کلي ٿو وڃي ۽ گهٽيءَ جي منهن وٽ بيهڻ وارو نؤجوان گهوٽ جي لباس ۾ اندر داخل ٿي رهيو آهي. پوپٽي جڙ ٿي وڃي ٿي. گهوٽ مرڪندو مرڪندو پلنگ تي ويهي ٿو رهي ۽ ليٽي ٿو پوي. هو پاسو ورائي ڪامڻا ڀريل نگاهن سان پوپٽيءَ ڏانهن نهاري ٿو ۽ هٿ جي اشاري سان ويجهو اچڻ لاءِ چوي ٿو. پوپٽي هڪ زومبي (Zombie) وانگر مشيني نموني هلندي پلنگ تائين اچي ٿي. نؤجوان هٿ وڌائي پوپٽيءَ جي ڪرائي پڪڙي ٿو ۽ جهٽڪي سان پاڻ ڏانهن ڇڪيس ٿو. پوپٽي پلنگ تي ڌڙام سان اچي ٿي پوي. پر پلنگ خالي آهي. اُتي ڪوئي به ڪونه آهي. پوپٽي اونڌي ٿي ڪري وهاڻي ۾ منهن لڪائي سمهي ٿي پوي. پوپٽيءَ جو ئي آواز اوورليپ ڪري ٿو.

آواز: مون سپنا مڙهڻ شروع ڪيا. خوشگوار ڳالهين جا ڌاڳا ڪٺي، ڪلپنا جي سئيءَ سان گهڻيئي پوت پوڻ لڳيس. هو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويو. پر حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ مفاصلو ئي گهڻو؟ هر موڪل تي هو هتي ايندو هو ۽ ساڳيءَ جاءِ تي بيهي منهنجو انتظار ڪندو هو...... پر

نؤجوان جون نظرون پوپٽيءَ جو پيڇو ڪري رهيون آهن.
(بدزالو)

ڏرشيه- ١٧/ ٽ ماڙيءَ تي ڪمرو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي پاسيري ڇهري تي. ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هوءَ دريءَ مان ٻاهر نهاري رهي آهي. بعد جو آواز over lap ڪري رهيو آهي.
(ڪٽ اُوي)

... ...

ڏرشيه- ١٧ / ٽ رستو (ٻاهر) رات

ڪئميرا گهوٽ جي ڇهري تي. ڪئميرا جي پوئتي ٽيڻ تي اسان ڏسون ٿا ته گهوٽ گهوڙيءَ تي سوار آهي. پنيان اهڙو وڻنو اٿس. مٿي تي مڪڙ. هٿ ۾ رومال جنهن سان وات بند ڪيو اٿس. بعد وڄي رهي آهي. گهوٽ مگن آهي.
(ڪٽ بئڪ)

... ...

ڏرشيه- ١٧ / ٽ ماڙي تي ڪمرو (اندر) رات

پوپٽي دريءَ مان ڏيان سان ڄڃ ڏسي رهي آهي. ڪيس سلوار ۽ ڪڙتو پيو آهي.
(ڪٽ اُوي)

ڏرشيه- ١٧ / ٽ رستو (ٻاهر) رات

ڪئميرا ڪلوز گهوٽ جي ڇهري تي. هن جو ڇهرو بدلجي وڃي ٿو ۽ هو گهٽيءَ جي منهن وٽ بيٺل نوجوان لڳي رهيو آهي.
(ڪٽ بئڪ)

... ...

ڏرشيه ١٧ / ٽ

ڪئميرا دريءَ وٽ بيٺل پوپٽيءَ تي. هوءَ ٻاهر نهاري رهي

ڪئمرا عورت جي ٽنگن کي ڪوَر ڪندي مٿي پئننگ ڪري
ٿي ۽ اسان ڇوڪريءَ کي ڪيڏانهن ويندو ڏسي رهيا آهيون.
هن جي عمر ۴۵ ڪن سالن جي ارد گرد آهي. اوچتو ڪنهن
مرد سان ٽڪرائيندي ٽڪرائيندي هوءَ بچي ٿي وڃي ۽ سامهون
واري شخص ڏانهن نهاري ٿي.... ڪئمرا سامهون واري شخص
تي. هڪ ٻن پلن لاءِ هن جي چهري تي گهري سوچ جون
ريکائون اڀرن ٿيون ۽ پوءِ هڪدم سجاڳپ واري مرڪ هن
جي چپن تي ظاهر ٿئي ٿي. ان مرد جي عمر به ۵۰ سالن جي
آس پاس آهي.

مرد: (مسرت مليل عجب) ڇوڪري؟!... ڇوڪري آهين نه؟
(ڪئمرا ڇوڪريءَ جي چهري تي. هن جي اکين مان عجب
صاف صاف ظاهر ٿي رهيو آهي.

مرد: (مرڪندي) اخبارن ۾ تنهنجا فوٽا ڏٺا اٿم — تنهنجا ليک
۽ ڪهاڻيون سڀ جون سڀ پڙهندو آهيان- ڪافي دلچسپيءَ
سان ......

(ڪئمرا ڇوڪريءَ جي چهري تي. هوءَ جڻ ڪجهه به سمجهڻ
جي حالت ۾ ڪونه آهي- منجهيل

مرد: چڱو نالو ڪڍيو اٿيئي ......

ڇوڪري: (آخر دل ٻڌي) توهين ڪيئن آهيو؟

مرد: بس هلجي پيو ٿو.

(ڪئمرا ڇوڪريءَ جي چهري تي. هوءَ فيصلو نه ٿي ڪري
سگهي ته آيا ان مرد سان گڏ وڌيڪ وقت ويهي يا تڪڙو
تڪڙو ڀڄي نڪري.)

ڇوڪري: (واچ ڏانهن نهاريندي) مونکي ته ڪاليج ۾ دير ٿي
رهي آهي ...

(ڪئمرا مرد تي. هو مرڪي ٿو ۽ وک وڌائي اڳتي وڌي ٿو

ڏيري ڏيري هن جو ٻيهي انتظار ڪرڻ بعد ٿي ويو. ٻڌم تہ ڪراچيءَ ۾ ئي ڪنهن سان پيار ٿي ويس ۽ شادي بہ ڪري ڇڏيائين. مونکي ڏک ٿيو پر ايترو نہ. مون بہ هن کي ڄڻ وساري ڇڏيو. مون کي گهر جون ايتريون تہ گهڻيون جوابداريون ڪلهن تي ٻوڏيون پيون جو پيار ۽ شادي اهي ٻئي لفظ پنهنجون معنائون ڪٽي مونکان دور هٽي ويا ... پهرئين پيار جا رنگ، لئين پوپٽ جي پرن جي رنگن جيان جلد ئي مٽجي ويا...... پر عورت پنهنجو پهريون پيار ڪڏهن بہ ڀلائي نہ سگهندي آهي ۽ منهنجو تہ اهو پيار پهريون بہ هو تہ آخرين بہ ......

(سڄو پردو خالي فقط آواز)

آواز: اٺاويهن سالن بعد جڏهن هوءَ نانيءَ ۽ نهن وارو ٻڻجي چڪو هو تہ هڪ ڏينهن اچانڪ ......

(ڪٽ)

...   .

ڊرشيہ - ١٧/د   رستو (ٻاهر)   ڏينهن

فل شاٽ. سڄو رستو موٽرن، بسين، ٽئڪسين ۽ پيدل هلندڙ ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. هڪڙا اچن ٿا ٻيا وڃن ٿا. نيچرل پڪچرائيزيشن. جدا جدا ماڻهن جا جدا جدا سپاويڪ ائڪشنس... ڪئميرا ساڙهيءَ ۾ ملبوس هڪ عورت جي ٽنگن کي ڪَوَر ڪري ٿي. هوءَ تيز تيز قدمن سان ڪيڏانهن وڃي رهي آهي. ڪيس پيرن ۾ سئنڊل پيل آهي. ڪئميرا هڪ مرد جي ٽنگن کي ڪَوَر ڪري ٿي جيڪو لائيٽ ڪلر جي پينٽ پاتل آهي ۽ پيرن ۾ لوفر شوز پيو اٿس. اهو مرد عورت جي سامهون واري طرف کان اچي رهيو آهي.

عورت جون اڳتي وڌندڙ ٽنگون.

مرد جون اڳتي وڌندڙ ٽنگون.

فيڊ - اِن

ڊرشيہ - ١٨ / الف پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ (٦٥) جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوپٽيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ سوفا چيئر تي آرام سان ويٺل ڏسون ٿا. سندس پاسي کان ديوار سان لڳل هڪ شو ڪيس پيو آهي جنهن ۾ جدا جدا قسمن جا ڪتاب پيا پيا آهن. ڪجهه مخزنون ۽ رسالا شو ڪيس جي مٿان به پيا آهن. پوپٽي ڪي شعر ترنم ۾ گنگنائي رهي آهي. سندس چهري تي سڪون ڇانيل آهي.

پوپٽي: (ترنم ۾) دنيا ني تجربات و حوادث ڪي شڪل ۾،
جو ڪڇه مجهي ديا هئه وه لوٽا رها هون مئن.
زماني جي ڏڪن ئي آهي سيکاريو ته ڪيئن هلجي،
سهي چوٽن تي چوٽون عاقبت هشيار ٿي پياسين.

(فلئش جو ٻاهريون دروازو بند ٿيڻ جو آواز ٿو اچي. پوپٽيءَ جي ڀيڻ ڪملا (٥٥) ڪمري ۾ پڙ پڙ ڪندي داخل ٿئي ٿي. پوپٽي پنهنجن خيالن ۾ گم آهي.)

ڪملا: (دروازي کان اندر ڪمري ۾ ايندي) اصل ڦاسي وئي مانس. جند ڇڏائڻ ئي مشڪل ٿي پيئي...

(ڪئميرا ڪملا سان گڏ ئي پئننگ ڪري ٿي. پوءِ ڪئميرا پل بئڪ ڪري تقريبا سڄي ڪمري کي ڪور ٿي ڪري. ڪملا جي آواز تي پوپٽي اکيون مٿي ڪڍي هن ڏانهن نهاري ٿي.)

پوپٽي: ويئي؟

ڪملا: (پوپٽيءَ جي ڀرسان اچي) چؤ ٿي.... مغز کائي کپائي پورو ڪيائين ...

پوپٽي: وري ڪوئي نوڪر زيور چورائي ويس ڇا؟

ڪملا: نه. هن سال ڪوئي نوڪر ڪجهه چورائي ڪونه ويو

وڃي. پوڄڻي ڪجھه پل مرڪ ڏانھن نھاري ٿي ۽ پوءِ ھڪ ٽڏو ساھه کڻي اڳتي وڌي ٿي وڃي. فلئش بئڪ ختم.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه – ١٧/ڏ پوڄڻيءَ جو ڪمرو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز پوڄڻيءَ جي چھري تي. ھن جون اکيون بند آھن. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڪيس وھاڻن کي ٽيڪ ڏيئي پلنگ تي ليٽيل ڏسون ٿا. ٽِي - وِي بند آھي. پوڄڻي ڌيري ڌيري اکيون کولي ٿي پر اڃا به ھوءَ خيالن جي پيڇُرَ ۾ قائل آھي.

پوڄڻي: نه ڪنھنجي پرواھه
نه ڪنھنجو ڊپ
۽ نه ڪنھنجو انتظار
نه ڪنھنکي ريجھائڻ نه مڃائڻ
نه خوشامد سان جتائڻ پيار
اڄ نه مون کي ڪوئي ڏک
نه ڪوئي پڇتاءُ آھي
مـان
اندرئين تھه جي اڪيلائيءَ سان
جيئڻ
سگھي ٿِي آھيان ......

(ڪئميرا پئننگ ڪندي ديوار تي لڳل ھڪ تصوير تي. تصوير جو ڪلوز - اپ. اُن ۾ ڪنڊن جي وچ ۾ ٽڙيل ھڪ گلاب جو گل ڏيکاريل آھي- سونھن ۽ آتمڪ ٻل جو پرتيڪ.)

(فيڊ آئوٽ)

... .

پوپٽي: مامي اميءَ کي وياج تي پئسا ڏيئي گذران ڪرڻ جي صلاح ڏني ۽ اميءَ پنهنجا مٽين سان پريل دابلا وڪڻي ڇڏيا! هس ۽ هار، ڦليون ۽ جهومڪ، ڳن ۽ ڇلا، منڊيون ۽ ٻانهن-پٽا، نٿون ۽ ٻُولا جي بابا ڪيس وڏيءَ سڪ سان ٺهرائي ڏنا هئا، انهن کي وڇونءَ جا ڏنگ سمجهي هن نيڪال ڪري ڇڏيا ۽ پئسا پنهنجي پاڻ جي دوست ريواچند ٽڏاڻيءَ وٽ وياج تي رکيا. پر اُن شخص جلد ئي ڏيوالو ڪڍيو ... ٻين سان گڏ هڪ بيواهه جا پئسا به غرق ٿي ويا.

ڪملا: اسان جا پئسا برابر غرق ٿي ويا پر اُن کان اڳ اُن پٿر دل بيرحم انسان جي انسانيت، شرافت ۽ ايمانداري غرق ٿي چڪي هئي.

پوپٽي: ڏيوالا نڪرندا آهن. ماڻهو ماڻهن جا پئسا کائي ويندا آهن. دنيا ۾ اهو سڀ ٿيندو رهندو آهي. پر اسانجا پئسا کائي وڃڻ کان پوءِ ان شخص جيڪو اسان سان وهنوار ڪيو ان منهنجي اندر ۾ سمايل وشواس جي ڀاونا کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو. ان شخص جي ڪٺورتا ڏسي منهنجي من جو هڪ حصو پڻ نهايت سخت ۽ ڪٺور بڻجي پيو.

(ڪئميرا پوپٽيءَ جي چهري تي چارج ٿئي ٿي. فلئش بئڪ شروع.)

(مڪسنگ)

...   .

درشيه - ١٨/ب   حيدرآباد ۾ گهر جو ڪمرو (اندر)   ڏينهن

(ڪئميرا پوپٽيءَ جي ماءُ جي چهري تان ٽرڪ بئڪ ڪري ٿي. هن جي عمر پنجيهه کن سال آهي. اُڇا ڪپڙا پيل اٿس. هن جي پرسان سندس ٻه ٻار پوپٽي (١٠) ۽ ڏمو (١٢) ويٺا آهن. پلنگ تي ريواچند ٽڏاڻي ويٺو آهي. هن جي عمر پنجاهه سالن

اُتس .... پئسا وياج تي ڏنا هئائين، ڪائي ويس ... اُن جا پٽا پٽي پٽيائين ...

ٻوٽي: ڪيمي پئسي واري آهي، سهي ويندي. سوچ، جيڪر ڪنهن غريب وڌوا جو ڪهڙو حال ٿئي؟

ڪملا: هونئن به لالچ ماڻهوءَ کي ڪٿن سان گڏ ڪارائي ٿي.

ٻوٽي: اوڏر فقط لالچ جي ڪري ئي ڪونه ڏبي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مجبوريءَ ڪان به ماڻهو وياج تي پئسا ڏيندا آهن. پنهنجو حال ڀلجي وئينءَ؟

ڪملا: (گنڀير ٿي) ياد آهي ته دوکيبازن ۽ فريبين اسان جي وڌوا ماءُ سان ڪيڏا نه دوکا ڪيا هئا .... تنهنجي واتان سڀ ٻڌي چڪي آهيان ...

(اِن وچ ۾ ڪملا ٻوٽيءَ جي ڀرسان پلنگ تي ويهي ٿي رهي)

ٻوٽي: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي) بابا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ وڏي عهدي تي هو. هن ۾ ڪا به علت ڪونه فقط هئي. هڪ اوگڻ هو- وياج تي پئسا اُڌارا ڏيڻ جو اوگڻ ... ۽ اُن هڪ اوگڻ ڪري ئي اسان سندس وڃڻ بعد ڏاڍو ڀوڳيو. اوچتو ئي اوچتو اسان بيوس، لاچار ۽ اَبالا بڻجي پياسين. ننڍهن سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي اَمي وڌوا ٿي ويئي! هڪ طرف هئي ڪيٽين، ڀونگين ۽ دوکيبازن سان ڀريل دنيا ۽ ٻئي طرف هئي هڪ اڪيلي، رحمدل، وشواسي ۽ دنيا جي داوَ- پيچن کان اَڻواقف سادي سودي وڌوا، جنهن جي مٿان ستن معصوم ٻارن جي پالڻ جو بوجهه به هئو. هوءَ ڪافي گهٻرائجي ويئي ۽ ڪراچيءَ جو تياڳ ڪري پنهنجن ٻچڪن ۾ حيدرآباد هلي آئي.

(ڪئميرا ٻوٽيءَ جي ماءُ جي تصوير تي ڪجهه سيڪنڊ رڪجي، پسمنگ ڪري ٿي ۽ ماحول ۾ ڀريل اُداسائيءَ کي ڪمري ۾ رکيل شين جي رستي ڇٽي ٿي.)

نوع ۾ ڪنهن سان ڳالهائي رهي آهي.)

ڊوپٽي: سنڌيءَ جو درد ۽ سنڌ جو درد فقط درد ناهي، اهو درد جو مانسرووَر آهي... درد جي هڪ اڻوٽ ڌارا آهي. سياست جي شطرنجي راند ۾ اسان جي پوريءَ جاتيءَ کي صدقي جي ٻڪري بڻايو ويو آهي. اسانکي بيرحميءَ سان ڪٺو ويو آهي...

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته ڊوپٽي صوفي تي ويٺي آهي. سندس پٺيان ديوار تي سنڌ جو وڏو نقشو ٽنگيو پيو آهي. آس پاس الماڙين ۾ ڪيترائي ڪتاب پيا آهن. سندس ڀر ۾ صوفا ڪرسين تي نهال وڻجاڻي ۽ سيتل کانچنداڻي ويٺا آهن. هنن جي عمر پنجيتاليهن سالن جي آس پاس آهي. نهال کي سفاري پيٺي آهي ۽ سيتل کي پينٽ ۽ شرٽ. ٻئي پڪسي وارا لڳي رهيا آهن.)

ڊوپٽي: ... اڄ اسان سنڌي راجنيتڪ طور اناٿ ۽ سنسڪرتيءَ جي لحاظ کان فقير بڻجي پيا آهيون. هرهنڌ اسان جڻ غلام آهيون. هڪ بيگهر ۽ بيوطن انسان وٽ ڪلهه جي يادگيرين کانسواءِ ٻيو هوندو ئي ڇا آهي؟ اسان وٽ سپنان جا سپنا ٻه ڪونه آهن... آخر سپنن کي به ڪو بنياد گهرجي، ڪا جڙ گهرجي...

نهال: دادي، اسان سنڌين جي موجوده حالت تي؛ مانسڪ پيڙا تي ۽ وطن جي وڇوڙي جي درد تي ان ڪري ئي هڪ وڊيو فلم ڪڍي رهيا آهيون...

سيتل: ۽ اسان کي توهان کان وڌيڪ ٻيو ڪو ماڻهو سمجهي ئي ڪونه ٿو جيڪو ان معاملي ۾ اسانجي رهنمائي ڪري سگهي.

ڊوپٽي: وڊيو فلم لاءِ ڪائي ڪهاڻي ته چونڊي هوندو؟ فلم لاءِ آخر ڪو پلاٽ به ته کپي...

نهال: برابر، پر اسان هڪ نئون تجربو ڪرڻ ٿا چاهيون.

جي ارد گرد آهي. بدن تي پتلون ۽ قميص پيئي اٿس.)
مهنگهي: (بيزاريءَ مان) آدل، مدهنجا ٻار تمام تعدا آهن. پئسا جڻ اُنهن گهڻن جي گاهه برابر هئا. مهرباني ڪري سڀ نه ته ڪجهه تورا پئسا ئي واپس ڪريو.
ريواچند: (بيپرواهيءَ مان) گهڻن ڪي گاهه ته سڀ ڪارائيندا آهن. هاڻي تون هتان وڃ ۽ وڃي گاهه جو ڪٿان بندوبست ڪر.
(ڪئميرا ميمگهيءَ جي چهري تي ڪلوز. هوءَ جڻ سراپجي ويئي آهي. ڏمو روئي ٿو. ريواچند جي چهري تي شيطانيءَ ڀري مرڪ آهي. پوپٽيءَ جو سڄو جسم پٿر جيان سخت ٿي ٿو وڃي ۽ اکين مان باهه جا اُلا نڪرنس ٿا. پوپٽيءَ جي غصي ڀريل چهري جو ڪلوز - اپ. فلئش بئڪ ختم.)
(مڪسنگ)

... ...

درشيه - ١٨/ب پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن
(ڪئميرا پوپٽي (٦٥) جي چهري تان ٽرڪ بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان هن کي درشيه ١٨/الف واري اِسٽيءَ ۾ صوفا چيئر تي ويٺل ڏسون ٿا. ڪملا پلنگ تي ڪجهه اڳيرو ئي ويٺي آهي. ٻئي ڀيڻر ڪافي گهيرو آهن.)
پوپٽي: اُن زهريلي آزمودي کان پوءِ اسانجي گهر مان ڪو به ڪمهڪي پئسا اُڌارا نه ڏيندو آهي. مان پاڻ ته هر اِنسان جي شرافت ۽ اِنسانيت جي ماپ - تور پئسي جي ڏيڻ - وٺڻ سان ئي ڪندي آهيان.
(ڪٽ)

... ...

درشيه - ١٩ (پوپٽيءَ جو اِسٽڊي - روم (اندر) ڏينهن
(ڪئميرا ڪلوز پوپٽي (٦٥) جي چهري تي. پوپٽي تقرير جي

وچڙ جي ٻنياد ۾ اسان جي اهائي ڀاونا هئي تہ دکي ۽ پيڙيل انسان جي زندگيءَ ۾ مسڪراهٽ جا ٻہ - ٽي گل ٽڙن ۽ سڄو سنسار اَمن جي ڇانيا ۾ ترقي ڪري...

سيڻل: ڇا اڄ بہ اسان جا ساهتيڪار ائين ٿا سمجهن؟

ٻوڏي: شايد نہ. اسان جا سپنا چُور چُور ٿي چڪا آهن. جن بدبودار ۽ غليظ حقيقتن سان اسان کي روبرو ٿيڻو پيو آهي، انهن اسان جا سڀ ڀرم، سڀ وشواس ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيا آهن. اسان اڄ تڪائيءَ ۽ ڇتائيءَ سان فقط هڪ ڳالهہ محسوس ٿا ڪريون تہ اسان جا مدبر، اسان جا رهبر ڪوتاهہ-بين هئا. هنن سڄي جي سڄي سنڌ ڪڳيون هٿندي قربان ڪري ڇڏي ۽ سڄي سنڌي جاتيءَ کي در - در جون ٺوڪرون کائڻ لاءِ مجبور ڪيو.

ڏوال: يعني اڄ بہ اسان سنڌي شرڻارٿي آهيون؟ آزاديءَ کان چاليهارو سال پوءِ بہ؟

ٻوڏي: اُلهاسنگر کي اسان پورڙا سنڌي سڪ مان سنڌونگر سڏيندا آهيون. پر حقيقت اها آهي تہ اُتي رهندڙ سنڌين کي بہ اڄ محسوس ٿي رهيو آهي تہ هوُ نڌڻڪا آهن. هيڏي وڏي ملڪ ۾ نہ ڪوئي انهن جو اوهي آهي نہ واهي! اُلهاسنگر ۾ رهندڙ شاعر ايشور ”آنچل“ جي ڪوتا جون ڪجهہ سٽون ٻڌ:

آءٌ جلاوطن آهيان...
مونهنجي بيوسي، لاچارگي ان محتاج ماڻهوءَ جي
بيوسي ۽ لاچاري آهي
جيڪو هڪ غيرتمند وانگر جيئڻ چاهي ٿو
پر ڪيس جيئڻ نہ ٿو ڏنو وڃي!
آءٌ پنهنجي جان ۽ مال جي رکيا لاءِ
ناٽي جون ٽيلهيون ڪٽي

اسان جي فلم جو مکيه ڪردار ٿيندو "درد"، "پيڙا" ۽ مجبوري... وطن کان ڌڪي ٻاهر ڪيڻ جي درد کي اسانجي شاعرن، ليکڪن، ناٽڪ نويسن ۽ چتڪن ڪيئن اُڀاريو آهي، ڪيئن ظاهر ڪيو آهي، اِهو هڪ ڏاڍي ۾ ٻڌڻ ئي اسان جو مقصد آهي. اِهو ئي اسان جي فلم جو پلاٽ ٿيندو......

پوپٽي: اِئين ڪٺي چئجي ته اِهو سنڌ جي ياد ۾ لکيل رچنائن جو ويڊيو - سنگرهه ٿيندو. جيئن اڄ ڪلهه ويڊيو ميگزنس نڪرن پيون......

سيتل: هائو ۽ ان ۾ سوُتر ڌار جو ڪم ڪندو "وقت". وقت کي سوُتر ڌار بڻائڻ جي ڪلپنا وڻندڙ به ٿيندي ته اَثردار به رهندي.

پوپٽي: ان لاءِ توهان کي ورهاڱي جو پس منظر سمجهڻو پوندو. توهان ڏسندؤ ته آزاديءَ جي يگيه ۾ سنڌين پنهنجو سڀ ڪجهه سواها ڪري ڇڏيو ۽ اهو سواها جو سلسلو اڄا تائين جاري آهي. اسان انهن بدنصيب اِنسانن مان آهيون جن جي قربانين جي نه قيمت ملندي آهي، نه قدر ٿيندو آهي...

ذهال: سنڌي ساهتيڪارن تي الزام ڏريو ويندو آهي ته اُنهن وطن جي درد کي ان شدت سان محسوس ڪونه ڪيو آهي، جنهن شدت سان پنجابي اَديبن محسوس ڪيو آهي ۽ اُنجو برجستو اِظهار ڪيو آهي.

پوپٽي: هر جاتيءَ جو پنهنجو پنهنجو سڀاءُ ٿئي ٿو ۽ ان سڀاءَ جو اَثر لکڻيءَ تي به پوي ٿو. اسان سنڌي وشواسي آهيون. پنهنجي پلي کان اڳه ٻئي جو پلو چاهيندڙ آهيون. وطن کان وڇڙڻ جي درد کي اسان ملڪ جي آزاديءَ جي قيمت ۾ لڳ سمجهيو سي. ان ڪري وقلڻ جي بجاءِ اسان اِنسان - ذات جي پلي ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو. ڪميونزم ڏانهن گهلجي

”دلگير“ چوي ٿو:

چڏڻ گھر آ ڏکيو ليڪن ڇڏي گھر دور آياسين،
وطن ۾ بيوطن ٿياسين، بـڻـجي مجبور آياسين.

راهيءَ سنڌين جي دلي حالت تي هڪ غزل لکيو آهي. ان جو هڪ شعر آهي:

ڏکيو تون جي آهين، سکيو مان به ناهيان،
ميان کهڙيون کڻهن تي ميارون ميارون!

سيتل: واهه!

ڏوال: هڪ هڪ سٽ مان دل جو درد ليٽا پائي رهيو آهي. من پرجي ٿو اڇي ۽ وطن جي ياد تڙفائي ٿي ڇڏي.

پوپٽي: ارجن شاد هڪ ڪٿا- ڪاويه لکيو آهـي ”اندو دونهون“. اها رچنا وطن جي درد جي هڪ شاهڪار تصوير آهي. ان طويل نظم جون هي سٽون ڏسو:

قوميت جي جذبي جو اُسرڻ
ڦهرپائين ”پنهنجي گھر“ سان ئي ٿئي ٿو
”سب ليٽ“ ٽيل گھر ۾
مان مالڪيءَ جو کهڙو دم هڻي سگھان ٿو؟
حقيقت ۾ مان فقير ئي ته آهيان
هر دفعي
هٽ ڦهلائي ڪجھه گھران ٿو......

سيتل: برابر. ”سب ليٽ“ ٽيل گھر ۾ اسان ننڍڪا سنڌي مالڪيءَ جو دم هرگز نٿا هڻي سگھون.

پوپٽي: سنڌي ساهتيه ۾ سنڌ جي ياد ۽ ملڪي محبت جون هزارين تصويرون ملي وينديون پر سنڌي جيوت جو چٽر مشڪل سان ملندو.

ڏوال: ائين ڇو؟

هتي جي جاتين جي اڳوانن اڳيان
نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ
حاضر ٿيندو آهيان
ڇو ته
منهنجي لاءِ هتان جو هر اڳوان
شهنشاهه آهي
هتي مونکي ڳاٽ جهڪائي هلڻو آهي!

سيتل: ونڊرفل!

ذوال: ايڪسيليينٽ!

پوپٽي: اسان جي هر ساهتيڪار وطن جي ياد ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ڳوڙها ڳاڙيا آهن. ڪنهن ڪوتا لکي آهي ته ڪنهن ڪهاڻي ته ڪنهن ڪٿب-ڪاويه. ”**عزيز**“ جون هي سٽون ٻڌو:

اسان کي صدقي جي ٻڪري ڪري جي سيڪي ٿيا،
اُهي نه ڇنبا جي ظالم ته ڇنبا ڪهڙا ٻيا؟
جنهين ڪان ديد-حيا ٻهرين موڪلائي ويا،
اُنهن جي آهيون ڇو سندي اڇي پناري پيا؟
ڪڇُون ته ڪوُڙ چون ٿا، لڇُون ته چوري آهه!
اِهو ٿيو داد، پلا ڪهڙي ٿيندي زوري آهه؟

+ ”**شيام**“ جي دانهن ٻڌو:

ڏسندي نقشو سندڙ ٿيءَ جو
بس ياد پيا اُئين گذريل ڏينهن،
ڏوئي ساوا ڇهچ ڪيا وڻ،
”شيام“ وسي جيئن ساوڻ مينهن!

درشيه - ٢٠   ڳُنڌي جي فليٽ جو ڪمرو (اندر)   ڏينهن
(پردي تي لکجي ٿو وڃي)

هُتِ توهين ۽ هتِ اسين

(ڪئميرا اَنوءَ جي چهري تي ڪلوز. شڪل صورت مان هوءَ ٤٥ کن سالن جي گهريلو قسم جي ۽ تمام گهٽ پڙهيل عورت لڳي رهي آهي.

انوُ: (موڙو ڏيندي) اَدا، توهان جي دوست کي خالي رلڻ جو جو ئي ريجڪ ٿوروئي آهي. هڪ پيو خفقان ٻه اٿس، جايون جوڙائڻ جو. ڪڏهن نئين ڙا مڪان نه ڪڏهن ويهه-ماڙ بلڊنگيون پيو ٺهرائيندو آهي. جاءِ ٺهڻ شروع ٿئي ته اسان جي ته ننڊ پاڻي حرام......

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان اَنوءَ کي صوفا چيئر تي ويٺل ڏسون ٿا. پاسي کان هڪ صوفا پيو آهي جنهن تي سيٺ گدومل ۽ سنڌ مان آيل سندس دوست تاج جويو ويٺا آهن. اَنوءَ کي گائون پيو آهي. ڳنڌي کي پينٽ ۽ بش شرٽ پيل آهي. تاج کي اڇي رنگ جي وڏي سلوار، پيلي پيالي قميص ۽ مٿي تي گول موتين جڙيل ٽوپي پيل آهي. ٻنهي جي عمر پنجاهه سالن جي آس پاس آهي. ڪمرو لمبو ۽ ڍنگ سان سينگاريل آهي.)

انو: ...... بلڊرس پٺيان سرڪاري کاتا کهاڙا، سيمينٽ ملڻ ۾ تڪليف، لوهه ملڻ مشڪل، آفيسرن جا رشوتي نخرا الڳ... ماڻهو اڌ پئسا ڏيئي باقي کايو وڃن... چالاڪ ماڻهو وري اسان تي ئي ڪيس ڪن!... توبهه! توبهه!

(ڪئميرا تاج جويي تي ڪلوز. هوُ کلي ٿو.)

تاج: ياجائي! هيءَ نه موهن جو دڙو ٿو ٻولي نه؟ ان دڙي جي سڀيتا مڪان جوڙائڻ ڪان آهي مشهور .... ۽ هيءَ منهنجو

پوپٽي: ان لاءِ جو زندگيءَ جو زمين سان گهرو لاڳاپو ٿئي ٿو. پنهنجي زمين نه هئڻ جي حالت ۾ هڪ ساهتيڪار لاءِ زندگيءَ جي وشواس جوڳي تصوير چٽڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. باقي جدا جدا رچنائن ۾ ريکائون آهن. انهن ريکائن مان مڪمل تصوير ٺاهڻ جو جوکم ڀريو ڪم ڪوئي ڪري ته اُها مبارڪ ڪوشش ٿيندي.

سيتل: اسان اها ڪوشش ڪندا سين......

ڏهال: سنڌين جي درد - ڀرئي وجود جي وشواس جوڳي هڪ جهلڪ به جي اسان پيش ڪري سگهياسين ته پاڻ کي ڌنيه سمجهنداسين......

پوپٽي: منهنجي هڪ ڪهاڻي آهي "هُتِ توهين ۽ هتِ اَسين". ورهاڱي کان پوءِ سنڌي نه هتي سکي آهن نه هتي. ملڪ جو ورهاڱو مذهب جي آڌار تي ڪيو ويو. ورهاڱي جو بنياد ئي غلط هو. مذهب يا سياست جي نالي ۾ ڪنهن پوريءَ قوم کي اُکوڙڻ ۽ جڙن کان جدا ڪري دور ڦٽو ڪرڻ جو حق ڪنهن کي به ملي نه ٿو سگهي. پر اهو ناحقي حق ڪن کي ملي ويو. نتيجو ڇهڙو نڪتو؟ ٻڙي. ذيرو. صفر. اِئين ٿيڻو ئي هو. ڪاغذ جي ڪشتي ڪيستائين هلندي؟ نه ڌرم اسان جي ڪم آيو ۽ نه مذهب هنن جي. پر هاڻي ڪجهه ٿيڻ وارو ناهي:

چتي ڪهڙي ڇولي تـي هٽندين تون هاڻي،
هـي ڀهراڻ پنهنجو آهـي گهارون گهارون!

(ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي.)

(ڪٽ)

... .

سڀ ٻه ور- گهر سان سڪي وڃي ٿيون آهن... پوءِ هي پئسا ڪنهن لاءِ ٿو ميڙين؟

(ڪئميرا ڪلوز گني جي ڇهري تي. ڇهري مان هوُ تمام گهڻو گهٻيرو لڳي رهيو آهي.)

گنو: مون کي خبر ئي نه ٿي پوي ته ڪهڙو خوف مون کي ڳتڙ کان پڪڙي بيٺو آهي! سنڌ کان وڇڙڻ جي ڪري منهنجي روح ۾ ڪو ڦٽ ٿي پيو آهي... شايد ان زخم جي علاج لاءِ پيو ٿو ڀٽڪان... يا شايد بي- سلامتيءَ جي احساس من ۾ ڪو اهڙو گهاءُ ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ناڻي جي ٿيلهين سان پورڻ جو يتن پيو ٿو ڪريان... ڪجهه پتو نه ٿو پوي....

(ڪئميرا ڪلوز اَنوءَ جي ڇهري تي. ڪئميرا پئنڊگ ڪري ٿي ۽ ڪلوز تاج جي ڇهري تي. ٻنهي جا ڇهرا غم جي صورت لڳي رهيا آهن. ڪئميرا پئنڊگ ڪري ٿي ۽ ڪلوز گني جي ڇهري تي. اسان هن جي اکين ۾ ڪجهه لڙڪ ڏسي رهيا آهيون.)

گنو: (هائڪو ڀري) اسين جن لامن تي لڏياسين ۽ لنو ياسين انهن تان هڪلي اسان کي اُڏايو ويو.... ڀر هاڻي اسان کي ڪوئي آشيانو ئي نه ٿو ملي....

(ڪئميرا ڪلوز تاج جوئي جي ڇهري تي. هن جي اکين ۾ ٻه پاڻي اچي ويو آهي. اوچتو هوُ سڏڪا ڀرڻ شروع ٿو ڪري.)

تاجِ: اَدا، اُهي لامون ئي ڀڃي پيئون آهن ۽ اُنهن وڻن جي ٿُڙن ۾ ڏارون پئجي رهيون آهن! بس يار، رب ڄاڻي ۾ راضي آهي، سا خبر نه ٿي پوي. اسين هُت سنڌ ۾ پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي ئي ڌاريا ٿي پيا آهيون ۽ اوهين ڀارت ۾ پنهنجيءَ ڀونءِ ٻيا هوهند اوپرا پيا سمجهيا وڃو! اسين پنهنجن وچ ٻيوس بڻيا ويٺا آهيون ۽ اوهين به هندو هوندي هتي ڀارت ۾ هندن

يار گدو آهي ان سيپتا جو وارث! ورٿو ڪيئن نہ سنڀاليندو؟ مڪان ڪيئن نہ جوڙائيندو؟

(ڪئميرا ڪلوز گدي جي چهري تي. هوُ ماضيءَ جي يادگيرين ۾ گم ٿي ويو آهي.)

گدو: يار تاجو! هزارها ورهين جو ورٿو پلا ماڻهو اڪيلو ڪيئن سنڀالي سگهندس؟... پر يار، مون کي تہ شايد ڪو ڀوت لڳل آهي! رات جو سپنا تہ اچين پيو سمجهان جڻ ندگي آسمان جي هيٺان پيو لنگهان! صبح جو اُٿان تہ پير هڪدم هيٺ لاهي ڌرتي ڇهي ڏسندو آهيان تہ مهنجن پيرن هيٺان زمين آهي يا اُها بہ اُڏامي وئي! يار تاجو! ڳوٺ ۾ اسانجي جاءِ ئي ڪا سڀ هئي... ڳوٺان پهچي هتي آيس تہ ڪڏهن بوري بندر وٽ وڻ هيٺان سمهندو هوس تہ ڪڏهن چرچگيٽ جي ڪنهن مڪان جي ڏاڪڻ هيٺان رات گذاريندو هوس!... هڪ دفعي چوپاٽيءَ تي پوليس واري لٺ جي نوڪ سان جاڳائي ٻڌيچ تان اُٿاريو تہ وري ٻئي دفعي ڪراس مئدان تي هڪ فقير لت هڻي جاڳايو. چي: مهنجيءَ جڳهہ تي ڇو سمهيو پيو آهين؟

(ڪئميرا تاج جي چهري تي. هن جي چهري تي دکہ ۽ حيرانيءَ جا گڏيل تاثرات آهن.)

گدو: مون چئيءَ مٿان رومال رکي بہ وکيا... ڪجهہ پئسا جڙيا تہ ڪاٺ جي تختن وارو ننڍڙو ڇانهہ جو دوڪان کوليم.... فسادين اُهو بہ جلائي ڇڏيو! پاڻ ۾ گجراتي-مرهٽا وڙهن يا هندو-مسلمان، پر دوڪان اسان سنڌين جا ئي سڙن! هندستان ۾ اسان سنڌين جو اِجهو اِهو حال اٿيئي....

اڌو: (مڙس ڪي وچ ۾ ڪٽي) اِهو سمجهين بہ ٿو پوءِ ڇوين وانگر پئسا ڇو پيو ٿو جوڙين؟ پڳوان پٽ ڏنو ڪونہ. بہ ڌيئر،

جو من نار ڪي اور نهارت؛ تو من هوتهه ناهه ڪي رُوپا،
جو من ڪاهو سي ڪروڌ ڪري ٿُن، تو من هٺه تبهي تد روپا،
جو من مايا هي مايا رٽي نت، تو من بوڙت مايا ڪي ڪُوپا،
سندر جو من برهم وچارت، تو من هو تهي برهم - سوروُپا.
ڪئميرا بوٽنيءَ جي ڇهري تي. هن جون اکيون بند آهن.
وايو منڊل ۾ ستار جي ٽن - ٽن - ٽن جو سُر ڦهليو پيو آهي.
بوٽنيءَ جي نراڙ ۽ اکين جو ڪلوز - اپ. اوچتو نراڙ جي وچ
تي ڏيري ڏيري رت - جيوتي پرڪٽ ٿئي ٿي. ان ۾ انڊي
جي آڪار جو هڪ سفيد گولو پيدا ٿئي ٿو. لال لال رت -
جيوتيءَ جي وچ ۾ سفيد گولو. ڪئميرا رت - جوتيءَ سان وڪوڙيل
سفيد گولي تي چارج ڪئي وڃي ٿي.
(ٽرڪ فوٽوگرافي. فليش بيڪ شروع.)

(ڪٽ)

... ...

(فليش بيڪ

ڊرشيه - ٢٢ حيدرآباد سنڌ جا رستا (ٻاهر) ڏينهن

غل شات. جوش ۽ جذبي سان ڀريل مسلمان، جن ۾ وڏو تعداد
نوجوانن جو آهي، جوشيلا نعرا هڻندا رستن تان اڳتي وڌندا
وڃي رهيا آهن. ڪئميرا جدا جدا ڪنڊن کان جلوس کي
ڪوَر ڪري ٿي. ماحول ۾ هراس ۽ دهشت ڇانيل آهي. دوڪان
بند آهن. گهرن جا دروازا ۽ دريون به بند آهن.

هڪ آواز: پاڪستان...
ڪيترن آواز: زنده باد
هڪ آواز: پاڪستان...
ڪيترين آواز: پائنده باد
هڪ آواز: حيدرآباد...
ڪيترين آواز: اسان جي آ

جي وچم پاڻ کي ٻي ـ سلامت پيا سمجهو! اسان ٻنهي جو ماضي ساڳيو آهي پر اسانجي مستقبل ۾ ڪيڏو نه فرق آهي!... ٻنهيجي مستقبل بابت سوچي اسان جي ذهن جي ٻرندڙ تنوُر ۾ چڻنگ پيئي دکي ۽ توهان جـي دلين ۾ ڪڏهن به نه ڇٽڻ وارو زخم پيو ٿـي!

(ڪئميرا ڪلوز أنوء جي چهري تي.)

اذوُ: بس آدا، نه ڪو ٿيي رس روئڻ ۾، نه ٿي جس جيئڻ ۾.

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿـي ۽ اسان أنوء کي ڪرسيء تان أٿي ڪمري کان ٻاهر ويندو ڏسون ٿا. ڪئميرا أنوء کي فالو ڪري ٿي. هوء پردو هٽائي ٻئي ڪمري ۾ هلي ٿي وڃي. ڪئميرا پردي جي سلوٽن تي. ميڊيم ڪلوز شاٽ.)
(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ ـ اِن

درشيہ ـ ٢١ — پوپٽيء جو ڪمرو (اندر) — أسر

ڪئميرا ڪلوز پوپٽي (٦٥) جي چهري تـي. هن جون اکيون بند آهن ۽ ڌيان ۾ آهي. چهري تي ڪي به ڀاوناڻون ڪونه آهن. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿـي ۽ اسان پوپٽيء کي پلنگه تي پدم ـ آسڻ ۾ ويٺل ڏسون ٿا. هن جي شرير ۾ ڪنهن به قسم جي چرپر ڪانهي. مٿس سنگيت جون لهرون وايو منڊل ۾ ڦهليجي وڃن ٿيون. پر پوپٽي ايڪاگر چت سان ڌيان ۾ مگن آهي. استريء جي آواز ۾ سوئيو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪئميرا ڌيان ـ مگن پوپٽيء کي جدا جدا ڪنڊن کان ڪوَر ڪري ٿي. سوئيي جون سٽون اوور ـ لئپ ڪن ٿيون:

شينهن وانگر ٽا گجگوڙون ڪندا گهمندا وتن......
ٻوٻڙي: گدڙن کي ڏسي شينهن گجندو نه ته ڇا ٻچ لوڏيندو؟
حشو: شهر جي حالت ڏاڍي خراب آهي. هندو بلڪل هيسجي ويا آهن... اُهي مسلمان جيڪي ڪلهه تائين اسانجا يار هئا، اسان کي اَدو - ڀاءُ ڪري سمجهندا هئا، اڄ اکيون ٽا ڏيکارين. اسان جي صورت ڏسندي ئي سندن خون ٽو ٽهڪڻ لڳي... اڄ ڪنهن تي ڪوئي ڀروسو ئي ڪونه رهيو آهي....
ٻوٻڙي: مسلمانن جو ڪهڙو ڏوهه جڏهن پنهنجن ئي اسان کي بيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪري ڇڏيو.... هرهڪ صوبي جي اڳوانن ۽ نيتائن پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاتيءَ لاءِ سوچيو پر هڪڙا سنڌي اڳوان ئي آهن جن پنهنجي جاتيءَ لاءِ، اسان سنڌين لاءِ ڪجهه به نه سوچيو... سڄيءَ جاتيءَ جو ٻيڙو ٻوڙي الائي ڪهڙا چت پائيندا!
مينگهي: مصيبت ته هندن مسلمن مچائي آهي. ان ۾ اسان جي اڳوانن جو ڪهڙو ڏوهه؟ هوُ ته اڄ به پيا ٿا سمجهائين ته بابا همت رکو، پنهنجو ملڪ نه ڇڏيو...
ٻوٻڙي: اَمي، اڳوانن جي ڳالهين جو ڪهڙو ڀروسو. ديش جا اڳوان چوندا هئا ته ورهاڱو اسان جي لاشن تي ٿيندو... پر ورهاڱو ٿيو معصومن ۽ بيگناهن جي لاشن تي!! اڄ سڄو ملڪ جلي رهيو آهي. خون جون نديون وهي رهيون آهن. اهو خون بيگناهن جو آهي، ايوجهن جو آهي ۽ انهن صلح- پسند اِنسانن جو آهي جن کي سياست قربانيءَ جو ٻڪرو بڻائي ڪهي ڇڏيو.......
حشوُ: هيءَ ڪهڙي قسم جي آزادي آهي؟ اسان غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙيون آهن، ان حالت ۾ هر هندوءَ جي گهر ڏياري ۽ هر مسلمان جي گهر عيد هئڻ گهرجي. چؤطرف خوشيون

هڪ آواز: هرڪا جاءِ...
ڪئين آواز: اسان جي آ
هڪ آواز: حُورُون هيرآباد جون...
ڪئين آواز: اسان کي ڏيو، اسان کي ڏيو.
هڪ آواز: سهڻيون حيدرآباد جون...
ڪئين آواز: اسان کي ڏيو، اسان کي ڏيو.
هڪ آواز: پاڪستان....
ڪئين آواز: زنده باد.

ڪئمرا رستن ۽ گهٽين مان لنگهندڙ جلوس کي ڪَوَر ڪري رهي آهي. جلوس دور ۾ ٿيندو ٿو وڃي. پنهان ويران ۽ هراسيل رستا ڏسندا ٿا وڃن.

(ڪٽ)

....

درشيه – ٢٣ پوپٽيءَ جي گهر جو ڪمرو ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوپٽي دروازو پار ڪري ڪمري ۾ داخل ٿي رهي آهي. عمر اٽڪل ٢٣ سال اٿس ۽ سلوار ڪڙتو پهريو اٿس. ڪئمرا هن سان ٿي پئننگ ڪري ٿي. ڪمري ۾ پوپٽيءَ جي ماءُ ميندگهي (٤٥)، ڀاءُ حشو (٢١)، موتي (١٧)، ڀيڻ ڪملا (١٥) ۽ ڀاءُ نارائڻ (١٣) ويٺا آهن. سڀني جي چهرن تي ڏپ ۽ هراس جي ڇايا صاف ظاهر آهي. ماحول بوجهل آهي.

پوپٽي: پاڪستان ٺهيو آهي، مٺن مارين جي ٻيگهي مچي وئي آهي.

(تمام دور کان "پاڪستان زنده باد" وغيره جا نعرا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.)

ميندگهي: هي نه وري اورنگزيبي زمانو اچي ويو آهي! مٺن تي ڪو قهر پوي اسان جون دليون ٿي ڪائي ڇڏيون اٿائون...

بڻايو وڃي ۽ پاڪستان کان ان کي جدا رکجي. پر اسان جي ڪانگريسي نيتائن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڇو ڪونه آئي؟
پوڙهي: ڇو ته هنن کي دهليءَ جي پر ۾ رهڻو آهي.
(ڪئميرا حشوُ ۽ مينگهيءَ کي ڪوَر ڪري ٿي. هنن جي منهن تي ڦڪي مرڪ آهي.)
پوڙهي: (طنزيه نوع ۾) اسان هن آزاديءَ کي يا عمر ياد رکندا سين! ڇا ته اسانکي آزادي ملي آهي! گهر گهر ۾ ڇوڪرين کي سيکاريو ويو آهي ته ڪو مسلمان گهر ۾ گهڙي ته بجليءَ جي پلگ جي پن تدگن ۾ آڱريون وجهي، بڻ هيٺ ڪري پاڻکي ختم ڪري ڇڏجو! واهه!! آزاديءَ ٻيو ڪجهه ڏنو هجي يا نه، پر اسان سندين کي جوهر جو مابرن روپ ضرور ڏنو آهي!
(پوڙهي زور سان کلي ٿي. ڪئميرا هنجي ڇهري تي ڪلوز.)
(ڪٽ)

... ...

درشيه - ٢٤ حيدرآباد جو عام رستو (ٻاهر) شام

ڪئميرا پوڙهيءَ کي پنيارو ڪوَر ڪري ٿي. ڪيس اَڇي رنگ جي سادي سودي ساڙهي پيٺي آهي. رستي تان پوليس جي لارين جي قطار لنگهي رهي آهي. لائوڊ اسپيڪر تي هوُ ماڻهن کي آئت ڏيندا ٿا وڃن.
اعلان: حيدرآباد جا باشندو! هراس ۾ اچڻ جي ڪائي ضرورت ڪونه آهي. يقين رکو ته دنگو فساد ڪونه ٿيندو. شهر ۾ اَمن اَمان قائم رکڻ لاءِ پوليس ٺهري سجاڳ آهي. ملٽري پڻ مڪمل طور تيار آهي. هراس ۾ نه اچو. اَفواهن تي يقين نه آڻيو....
پوليس جون لاريون اڳتي وڌنديون ٿيون وڃن. ڪئميرا هيڏانهن هوڏانهن، هيٺ مٿي پشدگ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته گهرن

هجن، رونقون هجن ۽ روشنيون هجن. ان جي بجاءِ گهر گهر ۾ ماتم ۽ سياپو لڳو پيو آهي!

موتي: اخبارن جو هڪ هڪ صفحو قتلام، فسادن ۽ آگزنيءَ جي خبرن سان ڀريو پيو آهي!

ميندگهي: ماڻهوءَ ۾ اڄي راڪاس جو واسو ٿيو آهي. ٿيو ڇا ڇنجي؟

ڪملا: ڇا سچ پچ اسان کي پنهنجا گهر ڇڏڻا پوندا؟

(ڪئميرا نارائڻ جي چهري تي. ٽيرهن ڪن سالن جو بالڪ هراسيل لڳي رهيو آهي.)

پوپٽي: هائو. اسان کي پنهنجا گهر ڇڏڻا پوندا. فقط گهر ئي نه بلڪ سڄو ملڪ ڇڏڻو پوندو، سڄي سنڌ ڇڏڻي پوندي.

(ڪئميرا نارائڻ، موتي، حشوُ ۽ ميندگهيءَ جي چهرن تان پئننگ ڪري ٿي. سڀني جي اکين ۾ وئرانيون ۽ سوال پريل آهن.)

پوپٽي: اسان کي پنهنجي سڄي سنڌ ڇڏڻي پوندي ڇو ته اسان جي جاتيءَ مدبر ۽ رهنما نه پر خوشامدڙيا ۽ پوئلڳ پئدا ڪيا آهن. لئڙ ڪسڙ ته جاءِ رهيو، اسان پنهنجو حق طلبيندي به هيسجي ويندا آهيون! پنجابين کي اڌ پنجاب مليو، بنگالين کي اڌ بنگال مليو، پر سنڌين کي ڇا ٿو ملي؟ جلاوطنيءَ جو انعام! اسان به آزاديءَ لاءِ قربانيون ڪيون آهن. اسان سنڌي به هندي پائرن پيئرن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي لڙيا آهيون. پوءِ اسان سان هيءَ بي-اِنصافي ڇو؟ اسان کي هيءَ سزا ڇو؟ مان ٿي پڇان ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟

حشوُ: اسان جي اڳوانن اسان سان هيئن ڇو ڪيو؟ ورهاڱي جون ڳالهيون هلن ئي پيئون ته سنڌ ۾ آريہ-سماج، هندو مها سڀا ۽ ٻين ڪيترن هندن ميٽنگيون ڪري صاف لفظن ۾ طلب ڪئي هئي ته ٿرپارڪر واري ايراضيءَ کي ”هندو-سنڌ“

دروازو تمام گهڻي پختائيءَ سان بند ڪيو ويو آهي. ٽن قسمن جا ڪڙا پاتل آهن. ڪئميرا پل بند ڪري ٿي ۽ اسان چڱو وڏو اڱڻ ڏسون ٿا. ان جي هڪ طرف ورانڊو آهي ۽ ورانڊي کان پوءِ اندريان ڪمرا آهن. اڱڻ ۾ اونده آهي ۽ ورانڊي ۾ بہ تمام جهڪي روشني آهي. اڱڻ ۾ لڳل بلب ڪونہ ٻاريو ويو آهي. پوپٽي واڻ جي کٽ تي ويٺي آهي. پاسي ۾ پيل مڇيءَ تي مينگهي ويٺي آهي. موتي هڪ لٺ جي منهن وٽ ننڍڙا ڪپ اٽڪائي رهيو آهي. نارائڻ هن جي مدد ڪري رهيو آهي. ڪئميرا پنڌ ڪندي ورانڊي کي ڪَوَر ڪري ٿي. اسان اتي ڪملا کي نوار جي کٽ تي ويٺل ڏسون ٿا.

پوپٽي: رات جا نوَ اچي لڳا آهن. حشوءَ جو ڪو پتو ئي ڪونهي...

مينگهي: گرو راکو ٿيندس. هن مٿن تہ اسان جو جيئڻ ئي زهر ڪري ڇڏيو آهي. ڏپ کان بتي بہ ڪوئي ڪونہ ٿو ٻاري! رستا سڃا لڳا پيا آهن. جتي رات جو ٻارهين بجي تائين رونق لڳي پيئي هوندي هئي، اتي جڻ راڪاس گهمي ويو آهي! مٿن جي ڪا ٽاڪي ڦاٽندي...

موتي: (لٺ نارائڻ کي ڏيندي) ٽاڪي ڦاڙڻ لاءِ ئي تہ هي لٺيون ۽ لوڙهيون تيار ٿي رهيون آهن. ڪنهن جي مٿان تہ آزمائڻيون ئي پونديون نہ؟

(اوچتو دروازو کڙڪي ٿو. سڀ ساوڌان ٿي ٿا وڃن. پوپٽي در کولڻ لاءِ اٿڻي وڃي ٿي تہ ماڻس ڪيس ٻانهن کان روڪي ٿي ۽ پاڻ دروازي ڏانهن وڃي ٿي. دروازو وري ڪجهہ زور سان کڙڪي ٿو.)

مينگهي: (در وٽ بيهي) ڪير آهي؟

آواز: مان آهيان، حشو. دروازو کوليو.

جا دروازا ۽ دريون بند ٿيندا ٿا وڃن. اعلان جو ڪوئي اُٿو ڪونه ٿو نظر اچي. ماڻهن جو هراس ۽ ڊپ پاڻ وڌي ويو آهي. ڪشميرا پوپٽيءَ تي. هوءَ گهٽيءَ جي منهن وٽ بيٺي آهي ۽ موٽي واپس وڃي ٿي. ڪشميرا وڏران رستي، بند دروازن ۽ درين تان پهندي ڪندي ڪندي هڪ اهڙي ڪڙڪيءَ تي اچي ٿي رڪجي جنهن جو هڪ طاق کليل آهي ۽ ان جڳهه تي پوڻ لٽڪائي ويٺي آهي.

(ڪٽ)

... ...

درشيه – ٢٥ پوپٽيءَ جي گهر جو ڪمرو شام

ڪشميرا ڪلوز ريڊيو جي ناب تي. ڪوئي زنانو هٿ ريڊيو آن ڪري ٿو ۽ سنگيت وڄڻ شروع ٿئي ٿو. ڪجهه ئي دير ۾ هڪ فلمي گيت شروع ٿئي ٿو:

گيت: ساون ڪي بادلو، ان سي جا ڪهو

تقدير ۾ يهي ٿا، ساجن ميري نه رو

ساون ڪي بادلو......

(ان وچ ۾ ڪشميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پوپٽيءَ ريڊيو آن ڪيو آهي. ڪمري ۾ پيل کٽ تي مينگهي ويٺي آهي.)

مينگهي: بند ڪر اهو ريڊيو. مٺا سمجهندا ته اسين مزي سان ويٺا ريڊئي تي راڳ ٻڌون.

(پوپٽي هٿ وڌائي ريڊيو بند ٿي ڪري.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه – ٢٦ پوپٽيءَ جي گهر جو اڱڻ رات

ڪشميرا ڪلوز اڱڻ مان ٻاهر وڃڻ واري مکيه دروازي تي.

أني ڪيترين ئي لنيون ۽ اوڙهيون پيئون آهن.)

پوپٽي: هڪ ٻئي کي فوٽا ڏيئي ڇڏيون نه سٺو ٿيندو. ڪٿي وڃڙي وڃون ته من ملڻ تي هڪ ٻئي کي سڃاڻي ته سگهون.

موتي: اِها آئيڊيا روپ - بسنت مان ملي اٿيئي يا چندرڪانتا سنتتيءَ مان؟

ميندگهي: مٺن ڪهڙو قهر ڪيو آهي!

موتي: اَمي، هندستان اسان جي وڏي ماءُ آهي. اِئين ڪٿي سمجهجانءِ ته پنهنجي ئي گهر تا وڃون.

ميندگهي: ڏوُڙ پيئي انهن نودئين کي ۽ ڇائي پيئي اُنهن مٺن کي جيڪي اَباڻن ڪان تا اسان کي وڇوڙين.

(ڪئميرا ڪلوز ميندگهيءَ جي چهري تي. اکين ۾ پاڻي اچي ويو اٿس. رئي جي ڪنڊ سان اکيون اُگهي ٿي ۽ نڪ سڻڪي ٿي.)

(ڪٽ)

....

درشيه - ٢٧/الف رستو (ٻاهر) شام

فل شاٽ. سڄو رستو خالي پيو آهي. آس پاس جي عمارتن جون دريون ۽ دروازا بند پيا آهن. ڪوئي دوڪان به کليل ڪونه آهي. اوچتو ڪنهن جي ڳائڻ جو آواز گونجي ٿو. سامهون هڪ ٽانگو اچي رهيو آهي. گيت ٽانگي وارو ئي ڳائي رهيو آهي.

گيت: عمر مارئيءَ کي ڪٺي ويو، ڪٺي ويو،
عمر مارئيءَ کي ڪٺي ويو، ڪٺي ويو.

(ڪٽ)

درشيه - ٢٧/ب پوپٽيءَ جي گهر جو دروازو (ٻاهر) شام

ميڊيم شاٽ. پوپٽي پنهنجي گهر جو دروازو اٽ کولي بيٺي آهي. هوءَ خيالن ۾ گم آهي. سامهون نهاري ٿي جدهن طرف کان

(ميگهي دروازو کولي ٿي. حشو اندر داخل ٿئي ٿو. هو گنڀير ۽ خاموش آهي. هو ڪجهه قدم اڳتي وڌي ٿو. ڪشميرا هن سان گڏ اُٿي پيشڪش ڪري ٿي. پوپٽي کٽ تان اُٿي آئي آهي.)

پوپٽي: ڇو، ڇا هي؟ چپ لڳو پيو آهين.

(جواب ڏيڻ جي بجاءِ حشو چپ چاپ وڃي ٿو کٽ تي ويهي. سيٺي جون منتظر نظرون هن جي چهري تي کتل آهن.)

حشو: هيرآباد جي چوڌاري پهاگير وسيل آهن. لاهور مان آيل مسلمانن اڄ مارڪيٽ ۾ وچ رستي تي گانءِ ڪٺي.

(ڪشميرا سيٺي جي ڇهون تي پيشڪش ڪري ٿي. سڀ پٿر وانگر جڙ لڳي رهيا آهن.)

حشو: (ڌيمي آواز ۾) فيصلو ڪيو اٿن ته هيرآباد مان سڀ زالون ۽ ڇوڪريون هڪدم نڪرن. پهرين ڪنواريون ڇوڪريون ڪيڻ جو بندوبست ڪيو. اڄ ئي اڌ رات جو هڪ لاري هتان نڪرندي ۽ ميرپور خاص رواني ٿيندي. اُتان اُنهن کي ٽرين ۾ چاڙهي ڇڏبو.

ميگهي: پر اهي سڀ وينديون ڪيڏانهن؟

حشو: اهو بندوبست به ڪبو. مون اڄ شام جو هڪ ماڻهو جوڌپور چاڙهي موڪليو آهي. اُتي ڪائي ننڍي جاءِ مسواڙ تي وٺي ايندو. پوپٽيءَ ۽ ڪملا کي پرهينءَ هتان روانو ڪبو.

(حشو پوپٽيءَ ڏانهن منهن ڪري ٿو.)

سمجهيئه؟ پرهينءَ يعني سڀاڻي رات. تمام ٿوريون ضروري چيزون کڻجو.

(حشو ڪنڌ هيٺان ٻانهن رکي اُتي ئي واڻ جي کٽ تي ليٽي ٿو پوي. ميگهي اُتي ئي کٽ جي ڪناري وٽ ويهي ٿي رهي. پوپٽي ۽ ڪملا ورانڊي ۾ وڃي نوار جي کٽ تي ويهن ٿيون. ڪشميرا کٽ جي هيٺئين پاسي کي ڪوَر ڪري ٿي.)

هڪ ٻه سڏڪو ٻه نڪري ٿو وڃيس. ڪئميرا ڏيري ڏيري گهر جي هرهڪ ڀاتيءَ جي چهري تي پئننگ ڪري ٿي. سڀ اُداس آهن ۽ روئي رهيا آهن. پوپٽي، حشو، موتي، ڪملا، ٻالڪ نارائڻ سڀ ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن.

پوپٽي: (اُکيون اگهندي) دل کي ڪجهه ٻڌو ڪريو. هاڻي اي دل لاهي وهنداسين ته مصيبتن جو هيڏو وڏو سمنڊ ڪيئن جهاڳي سگهنداسين؟ اسان اڪيلا ته جلاوطن ڪونه ٿيا آهيون. سڄيءَ سنڌ جي هندن تي قهر ٿيو آهي.

نارائڻ: ماسيءَ وارا ٻه هلن ٿا نه؟ اسان پاڻ ۾ جام جام ماڻهو ٿي پونداسين.

موتي: هنجون هارڻ ۽ سڏڪا ڀرڻ کان بهتر آهي ته اڱڻ مان هلي آسمان کي ڏسون. خبر ناهي آسمان جو اهو ٽڪرو وري ڏسڻ لاءِ ملي اَلائي نه...

(ڪئميرا موتيءَ سان گڏ پئننگ ڪري ٿي. جيئن ئي هوءَ اڳتي وڌڻ شروع ڪري ٿو، هن جي پٺيان پٺيان گهر جا سڀ ڀاتي ورانڊو لتاڙي اڱڻ ۾ اچن ٿا ۽ ڪنڌ مٿي ڪئي آسمان ڏانهن نهارين ٿا.)

(ڪٽ اُوي)

درشيه – ٢٨/ب آسمان (ٻاهر) رات

ڪئميرا تارن سان ڀريل آسمان کي ڪوَر ڪري رهي آهي. نظارو دلڪش ۽ دکدائي آهي. بئڪ گرائونڊ ۾ درديلو سنگيت وڄي رهيو آهي.

(ڪٽ بئڪ)

درشيه – ٢٨/ب اڱڻ (اندر) رات

فل شاٽ. گهر جا سڀ ڀاتي آسمان جو درشن ڪري ڏيري ڏيري ورانڊي ۾ وڃي رهيا آهن. هڪ هڪ شيءِ کي حسرت سان

ٽانگي وارو ڳائيندو اچي رهيو آهي. هن جي چهري مان صاف ظاهر آهي ته گيت جي سٽ سٽ سندس دل ۾ آنند مچائي ڇڏي آهي. هوءَ پوري زور سان در کي پڪڙي ٿي جڻ کيس نپوڙڻ ٿي چاهي.

(ڪٽ)

درشيه - ٢٧/ب رستو (ٻاهر) شام

فل شاٽ. ٽانگو وڌندو اچي رهيو آهي. ٽانگي وارو گهوڙي کي هلڪو چهبڪ هڻي ٿو. هن جو ڳائڻ جاري آهي:

گهٽ: ڏنارن کي ڏاڙو هڻي ويو، هڻي ويو
عمر مارئيءَ کي ڪٺي ويو، ڪٺي ويو
ڏنارن کي ڏاڙو هڻي ويو، هڻي ويو
عمر......

ٽانگو اڳتي وڌي ٿو وڃي. ڪئميرا اُن کي پنيان ڪوَر ڪري ٿي. اڳتي وڌندي وڌندي ٽانگو فريم کان ٻاهر ٿي ٿو وڃي. ڪئميرا وُران رستي تي اڳتي وڌندي رهي ٿي. رستو خالي آهي ۽ ان تي ڪيترائي چنا - اُڀرندا پيرن جا نشان آهن. گيت جي آخرين سٽ وايو منڊل ۾ گونجندي رهي آهي. ڪئميرا رستي تي ٻڪندي رهي ٿي. ڌيمي ٿيندي ٿيندي گيت ۽ سنگيت بند ٿي وڃي ٿو.

(ڪٽ)

... ...

درشيه - ٢٨/الف پونئيءَ جي گهر جو ڪمرو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز ميڊگهيءَ جي جهڪيل چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هوءَ پٽ تي ويٺي آهي ۽ نعليءَ پيٽيءَ ۾ پڙا ۽ چادرون وجهي رهي آهي. اوچتو هن جو من ڀرجي ٿو اچي ۽ اکين ۾ آنسون اچي ٿا وڃن.

ميز تي پيٽي پيئي آهي. ان جي پرسان ڪپڙن لئي مقيس پرڻل ساڙهيون، بادلي سان پرڻل ساڙهيون ۽ ريشمي سان پرڻل چادرون پيئون آهن. ٻئي پاسي ربنون، رومال، سلوارون، ڪڙتا، ڊپٽا وغيره پيا آهن. ميز جي هڪ ڪنڊ وٽ ڪجهه کليل پڙيون پيئون آهن جن ۾ نيون پائليون ۽ ڪجهه ٻيا سڪا پيا آهن. پيٽيءَ ۾ اندر ڪپڙائي ڪتاب ۽ ڪاپيون پيئون آهن.

(ڪئميرا پئنگ ڪندي واپس پوپٽيءَ جي چهري تي.)

پوپٽي: مرڻ کان اڳ مري رهيا آهيون ...

(اِئين چئي کٽي تي پاسو بدلائي.)

(ڪٽ)

... ...

درشيہ - ٣٠/الف رستو (ٻاهر) رات

فل شاٽ. جهڪيءَ روشنيءَ ۾ تمام تيز رفتار سان هڪ لاري وڃي رهي آهي. لاريءَ جون دريون بہ بند آهن. ڪجهه سامان مٿي ڇت تي پيو آهي. رستو بلڪل سنسان آهي. هيڊ لائيٽس کان سواءِ ٻي ڪابہ روشني ڪونهي. لاري وڏ وڪڙ رستا پار ڪندي اڳتي وڌندي تي وڃي.

(ڪٽ)

درشيہ - ٣٠/ب ريلوي پٽا (ٻاهر) رات

لانگ شاٽ. دور کان ريل گاڏي اچي رهي آهي. ڌڙ ڌڙ جو آواز. وسل. پٽا چمڪي رهيا آهن. ٽرين ويجهو ۽ ويجهو ايندي ٿي وڃي. ڪئميرا انجڻ جي هيڊ-لائيٽ تي.

درشيہ - ٣٠/ب ٽرين جو گاڏو (اندر) رات

فل شاٽ. گاڏي ۾ پنجاهہ کن ڄڻا ۽ ٻار ويٺا آهن. انهن ۾ ميڙگهيءَ جو بہ سڄو ڪٽنب آهي. مڙد ۽ ڇوڪرا ڪونہ آهن.

پوپٽي: ميرپور خاص ۾ ماسات جي گهوٽ جو چڱو سهارو

ڏسندا ڪمري ۾ داخل ٿين ٿا. ڪئميرا هنن سان گڏ ئي پئندگ ڪري ٿي.

(ڪٽ)

... ...

درشيه – ۲۹ ورانڊو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. ڪئميرا ٿورو پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هوءَ ورانڊي ۾ نوار واريءَ کٽ تي چادر وجهي سمهي پيئي آهي، پر ننڊ ڪونه اٿس. هوءَ ڪن خيالن ۾ گم آهي. اوچتو پوپٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، جيتوڻيڪ هوءَ پاڻ چپ چاپ سمهي پيئي آهي.

پوپٽي: (چپ بعد – خيالن جو آواز) رات جي اونداهيءَ ۾ چوريءَ ڇپ ڇپ ڇپ پوندو! منهنجي ساهيڙي ڪلان ڇا چوندي، ٻڌائيندي ته ڪين! هوريءَ ته چيو هو ته منهنجو پاڻ ٻاهر آهي، مونکي ڪير به ڪونهي. ٻپ جي ڪا ڳالهه ٿي ته مان ۽ پاڻي تو وٽ اچي رهنديونسين. اها ڇا چوندي ته لڪي ڇپي ويئينءَ؟

(پوپٽي ٻه – ٽي دفعا پاسا بدلائي ٿي. هوءَ ڪافي بيقرار آهي.)

پوپٽي: (هاڻي پاڻ ڳالهائي ٿي) ڏموءَ جي بدلي ڪراچيءَ ٿي ويئي. هن کي ڪير ٻڌائيندو ته اسان هندستان لڏي وياسين؟ داڻو داڻو ٿي ويندا سين.

(سامهون نهاري ٿي. اُتي ڪجهه ڏسي هن جي خيالن جو وهڪرو بدلجي ٿو وڃي.)

پوپٽي: هشو ٿو چوي تمام ٿورين ۽ نهايت ضروري شيون ڪڻجانءِ. مون کي تمام گهڻيون شيون نهايت ضروري لڳي رهيون آهن. ڇا ڇڏيان ۽ ڇا کڻان!

(ڪئميرا پئننگ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته ڪاٺ جي هڪ

ڪلاس جي ڪرسيءَ تي ويٺي آهي ۽ شاگردن جا نوٽ بوڪ جاچي رهي آهي. سندس عمر ٽيهن سالن جي آس پاس آهي ۽ اڇي رنگ جي ساڙهي پاتل اٿس. هوءَ ڪم ۾ بيحد مشغول آهي. ڪلاس روم بلڪل خالي آهي. هوءَ هڪ نوٽ بوڪ هڪ طرف رکي ٿي ۽ ٻيو کڻي جاچڻ شروع ٿي ڪري. اوچتو هڪ زنانو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.

آواز: (زنانو) دادي، اندر اچان؟

ڪئميرا دروازي تي. هڪ چاليهن کن سالن جي عورت دروازي تي بيٺي آهي. ڪپڙن مان ڪجهه غريب لڳي رهي آهي. پوپٽيءَ جي ڪنڌ سان "ها" ڪرڻ تي هوءَ ساوڌانيءَ سان قدم کڻندي اندر اچي ٿي ۽ اچي پوپٽيءَ جي ميز جي اڳيان بيهي ٿي.

پوپٽي: چئو...

(عورت ڪجهه چوڻ لاءِ لفظ ڳولهي ٿي)

پوپٽي: ڀلي ويهو...

(پوپٽي هڪ خالي ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي. اها عورت ڪرسي ڇڪي ميز جي اڳيان اچي ويهي ٿي.)

عورت: منهنجو نالو سلڇڻي آهي. مان رڪيءَ جي ماءُ آهيان... رڪي توهان وٽ ڇهون پڙهندي آهي...

پوپٽي: رڪي توهان جي ڌيءَ آهي؟ ڪافي هوشيار آهي. پاسائن ۾ ته ٻيو نمبر آئي آهي...

سلڇڻي: اها ته دادي، توهان جي مهرباني آهي جو مون غريب وڌوا جي ڌيءَ تي هٿ رکيو اٿوَ. (ڪجهه هٻڪي) هڪڙو عرض ڪرڻ آئي آهيان. مون مسڪين تي هڪ ٻي به مهرباني ڪريو. پگهار توهان جو پلو ڪندو.

پوپٽي: چئو، توهان کي ڇا کپي. جيڪڏهن منهنجي هٿ ۾

ملي ويو. گهٽ ۾ گهٽ فقيرن وانگر پارت ڪونه ٿا وڃون.
سڄو گاڏو پنهنجو ٿيو، باقي ڇا گهرجي.

هڪ ڇوڪري: اَن به پاڻ سان گڏ ٿو هلي هندستان.

هڪ عورت: اڙي پاڻي به ڪٽي هلون ها. سڀ چون ها اَن-جل به پنهنجو آندو اٿن.

مينگهي: شل سک سان جوڌپور پهچون....

(اوچتو ٽرين بيهي ٿي رهي. سڀ ڇٽا سراپجي ٿا وڃن.)

هڪ عورت: گاڏي ڇو بيهي رهي؟

پوپٽي: چپ ڪري ويهه...

(اوچتو زوردار آواز سان ٽرين جو دروازو کولي ڪيترائي مسلم آفيسر اندر گهڙي ٿا اچن ۽ بيرحميءَ سان سامان کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳن ٿا. سڀ عورتون ۽ ٻار ايترو ته هراسجي ويا آهن جو هڪ لفظ به منهن مان ڪونه ٿو نڪرين. آفيسرن کي جيڪا شيءِ وڻي ٿي، وڃن ٿا گاڏيءَ کان ٻاهر ڦٽي ڪندا. سبڻ جي مشين، پکا، ڏٻا، ايتري قدر جو بٽگون به لاهي ڪڍي ٿا وڃن! شين جا مالڪ چپ چاپ گگدامن وانگر اهو اتياچار ۽ زوراوري ڏسندا رهن ٿا. ڪجهه ئي دير ۾ آفيسر لوٽ - مار ڪري هيٺ لهي ٿا وڃن. ٽرين وسل هڻي ٿي ۽ چرڻ شروع ٿي ڪري. پوپٽي اٿي ٿي ۽ دروازو بند ڪري ٿي. ڪئميرا پوپٽيءَ جي پٿر جهڙي سخت چهري تي ڪلوز.)

(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ اِن

درشيه - ٣١ سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسين ڏسون ٿا ته هوءَ ڪلاس جي ميز جي پٺيان پيل

جا مُجرا ڏيندو. اسڪول بند ٿئي ٽي ڪلاڪ ٿي ويا آهن، پر اڃا اسڪول ۾ ويٺا آهيو.

ڀوڳني: (مرڪي) اسان ماسترن جو نصيب ئي اهڙو آهي. چوائڻ لاءِ ته آهيون اُستاد، جڳت - گرو، پر ڪوئي اسان جا سُور اسان کان پڇي. اصل ٻانهين کان به ٻيڻو ڪم ٿو ڪرڻو پوي! مون کي چار ڀاشائون پاڙهڻيون ٿيون پون. سنڌي به، هندي به، انگريزي به ته سنسڪرت به! مضمون جاچي، گرامر جاچيان! گرامر جاچي، پهاڪا ۽ اصطلاح درست ڪريان! گهر آهي اونداهيءَ ۾. هاڻي ايڏو دور ته نوٽ بوڪ کڻي وڃڻ ڪونه ٿا پڄن. سو اسڪول ۾ ئي روز ٻه - ٽي ڪلاڪ وڌيڪ ويهي اِتان جي چٽي، اِتي ئي لاهي ويندي آهيان...

سلڇڻي: ڌنيه آهيو توهان دادي!

ڀوڳني: ان سانگي ماڻهن سان ميل جول به ٿي ويندو آهي ۽ زندگيءَ جون ڪيئن عجيب تصويرون ڏسڻ ۾ اچي وينديون آهن... هر اِنسان ۾ ڪيئن ڪهاڻيون آهن ۽ هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪيئن تصويرون! اڪ ڪپي جنهن ۾ سمجهه سان گڏ صبر به هجي...

سلڇڻي: چڱو دادي، مان هلان ٿي...

(سلڇڻي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري دروازي کان ٻاهر نڪري ٿي وڃي. ڀوڳني ڪجهه دير هن جي پٺيان نهاري ٿي ۽ پوءِ وري ڪاپيون جاچڻ شروع ٿي ڪري.)

(پردو)

....

درشيه - ٣٢ س.ما.ها.اِ. (گرانٽ روڊ) جو ڪلاس روم (اندر) ڏيکهن ڪئميرا ڀوڳنيءَ تي. هوءَ پڙهائڻجي ڪلاس روم ۾ ميز کي ٽيڪ ڏيئي بيٺي آهي. سندس پٺيان ميز، ڪرسي ۽ بلڪ بورڊ

هوندو ته اوس ڪندس.

سلڇڻي: سڀ توهان جي هٿ ۾ آهي.

پوپٽي: هوندو ته ضرور ڪندس.

سلڇڻي: منهنجي هڪ ٻي ڌيءَ به توهان جي اسڪول ۾ چوٿون درجو پڙهندي آهي. سندي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آئي آهي.

پوپٽي: نالو ڇا اٿس؟

سلڇڻي: راڌا نالو اٿس... ڇوڪري هوشيار آهي. هُءَ درجا ڪٽي ٽپايوس ته مون غريب تي وڏو ڪرُ ڪندؤ....

پوپٽي: ڪري سگهندس. توهان فڪر نه ڪريو.

سلڇڻي: ڀڳوان توهان جو ڀلو ڪندو. ٻئي ڌيئر لائق ٿيءَ لڳي وينديون ته مون مسڪين جو ڪجهه سهارو ٿي پوندو...

(روئي ٿي. پر جلد پوتيءَ جي پلوَ سان اکيون اگهي، نڪ سڻڪي، چت کي شانت ڪري ٿي.)

سلڇڻي: (مسلسل) ... رن زال سان ڏيرن وڏا ڏوهه ڪيا... ليڪن جي ملڪيت مان هڪ ڪوڏي ڪونه ڏنائون... مون به دل ۾ چيو- صبر جي سٽ پوندءِ. مون ابلا سان دوکو ڪري سکي نه رهي سگهندؤ....

پوپٽي: منهنجي صلاح اٿوَ ته راڌا کي چوٿون درجو پڙهڻ ڏيو. مان پاڻيهي ٻئي سال ڪيس ٽپائي پاڻ وٽ ڇهين درجي ۾ داخل ڪندس...

سلڇڻي: (هٿ جوڙي) دادي، جيئن توهان ٺيڪ سمجهو تيئن ڪجو. مون پنهنجو حال توهان جي اڳيان رکيو.

پوپٽي: باقي ڌيءَ کي محنت خوب ڪرائجوس. جيئن پڪن امتحان ۾ به پهريون نمبر اچي ته ڪم بلڪل آسان ٿي وڃي.

سلڇڻي: ضرور، ضرور. ايشور ڪو توهان کي انهن محنتن

جي ٿي ضرورت آهي!... اڄ اِنسان، اِنسان کان تمام گهڻو پري ٿي ويو آهي. تمام گهڻو دور ٿي ويو آهي!

(پوپٽي سامهون نهاري ٿي. ڪئميرا پئننگ ڪري ديوار تي ٽنگيل ٻن تصويرن کي ڪوَر ڪري ٿي. اُهي تصويرون آهن سوامي وويڪانند ۽ ساڌو واسواڻيءَ جون، جيڪي گڏوگڏ ٽنگيل آهن.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه - ٣٣/الف س. ما. ها. ا. جي اسٽيج (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز وڙا - وادني سرسوتي ديويءَ جي تصوير تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته رنگ‌منچ جي سامهون واري ديوار تي ماتا سرسوتيءَ جي پوڻه مورتي چٽيل آهي، جنهن جي هيٺان لکيو پيو آهي:

سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول

ساليانو اُتسو

جنهن وقت ڪئميرا اچا ماتا سرسوتيءَ تي ڪلوز آهي، ان وقت ڪان وٺي ئي تاڙين جو آواز اچي رهيو آهي. پوءِ اسان ڏسون ٿا ته مائيڪ تي پوپٽي ڳالهائي رهي آهي. تاڙين جو آواز بعد تيط تائين هوءِ چپ رهي ٿي، پوءِ وري رڪيل تقرير چالو ڪري ٿي.

پوپٽي: .... جاتي پلي نا قدر ثابت ٿئي، اتهاس پلي پڌهڄون اکيون پوُري چڏي، پر پرنسپال ڌرمداس ڪشتريا جيڪا جاتيءَ جي سيوا ڪئي آهي ۽ سيوا جي جيڪا ڇاپ سمير جي ڌارا جي مٿان هڻئين آهي، ان کي ڪوئي به مٽائي نه سگهندو....

(زوردار تاڙيون. ڪئميرا پهرينءَ صف ۾ ويٺل ڌرمداس ۽ ڪن ٻين وڏن ماڻهن کي ڪوَر ڪري ٿي.)

آهي. ميز تي رجسٽر، چاڪ، ڊسٽر ۽ ڪجهه نوٽ بوڪ پيا آهن. ٻوٽيءَ کي هلڪي رنگ جي ساڙهي پاتي آهي. ڪلاس ۾ ويٺل سڀ ڇوڪريون يونيفارم ۾ آهن. سڀني ڇوڪرين کي رائل بلوُ رنگ جي اسڪرٽ پاتي آهي. سڀني جي سلائي به هڪ جهڙي آهي.

ٻوٽي: اڄ توهين ڇهين درجي ۾ آهيو. جلد ئي توهان مئٽرڪ ۾ پهچندؤ ۽ پوءِ توهان مان شايد گهٽين ئي ڇوڪرين کي زندگيءَ سان سڌو روبرو ٿيڻو پوي. ان وقت اسڪول ۾ پراپت ڪيل آتم - وشواس ۽ انساني گڻ ئي توهانجا سچا ساٿي بڻجندا. تعليم جو مطلب فقط ريڊنگ، رائيٽنگ ۽ رپيٽنگ ناهي. سکيا اها جيڪا وديارٿيءَ جو سڀ طرح سان وڪاس ڪري. سرير صحتمند هجي ته اُن سان گڏوگڏ من به صحتمند هجي. من، وچن ۽ ڪرم ۾ تال - ميل هجي. ائين نه ٿئي ته اسان سوچيون هڪ ڳالهه، چئون ٻي ڳالهه ۽ ڪريون ٽيون ڳالهه. مان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجين وديارٿين مان اهڙي اُميد ڪونه ٿي رکان... مون پنهنجي شڪتيءَ اُنوسار توهان ۾ سٺا گڻ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن گڻن کي توهان ڪيئن ٿيون سنڀالي رکو، انجو دارومدار توهان تي آهي... توهان ۾ جيڪا ايڪتا جي ڀاونا آهي، پاڻ ۾ جيڪا سڪ محبت آهي اُها وسارڻ جهڙي نه، پر سانڍي رکڻ جهڙي آهي. شاهوڪار ڇوڪري پنهنجيءَ غريب ڀيڻ جي مدد ڪري ٿي. ڪنهن کي ڪائي تڪليف ٿئي ٿي ته توهان سڀ ملي ان کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿيون. توهان مان ڪائي بيمار پوي ٿي ته سڀ اُن جي دل وندرڻ لاءِ سندس گهر وڃو ٿيون .... اهي گڻ ڏسڻ ۾ چاهي ڪيترا به ننڍا اچن پر سڀني مهان گڻن جو ٻج انهن ۾ ئي سمايل آهي.... اڄ سڄيءَ دنيا کي انهن ننڍڙن ننڍڙن ڪمن

ڪري سگهون ٿا اهي به هن صاحب جي اُتساهه ۽ دريا دليءَ
جي ڪري ئي! اسانجو پرنسيپال صاحب ناٽڪن جو نه جنسي
ڪوڙيو آهي. اسانجي اها خوشنصيبي آهي جو اسانکي رام رسيلا
جهڙو اُتساهي ۽ آزمودگار هدايتڪار مليو ويو آهي.
(ڪئميرا رام رسيلا تي. تاڙيون.)

ڊوپڊي: ... هن ئي رنگ منچ تي توهان "سدامو"، "ستياما"،
"ڪرشڻ ليلا" جهڙا ڌارمڪ ناٽڪ ڏسي چڪا آهيو. توهان
"پدمڻي" ۽ "مينا بزار" جهڙا اِتهاسڪ ناٽڪ به ڏسي چڪا
آهيو. دربدر ٿيل سنڌين جي حالت تي "خاموش فرياد" ۽
"زمانو بدليو آهي" ناٽڪ ڏسي چڪا آهيو. انهن سڀني ناٽڪن
لاءِ اسڪرپٽ مون تيار ڪئي هئي ۽ هدايتڪاري هئي رام
رسيلا جي .... اڄ توهان جي سامهون پيش ڪري رهيا آهيان
هڪ انوکو ڪاريه ڪرم "دانهن". سنگيت جي لهرن ۾ ٻڌل
هڪ دکي ڌيءَ جي دانهن. ساهرن ۾ ستايل هڪ اُبوجهه بالڪا
جي ماءُ جي سامهون دانهن!
(زوردار تاڙيون.)

(ڪٽ)

درشيه - ٣٣/ب رنگ منچ (اندر) رات

ڪئميرا پردي تي. پردو کلي ٿو. درشڪ تاڙيون وڄائين ٿا.
سنگيت چالو آهي. ڌن مڌر ۽ دل ۾ درد پيدا ڪندڙ آهي.
هڪ ڇوڪري گيت جي ٻاڪ جو نرتيه ۾ پردرشن ڪري ٿي.

گيت: مون کي ڏيهڙي ٻڌائي ڇو ڄڻيهه ڙي اما!
پوءِ به کوهه ۾ ڇو ڪين اُڇليهه ڙي اما؟
مون کي ...
١- او... ڪڇ ۾ کڻي مون کي بابل کڍايو
او... مکڻ ملائي تو پيي کارايو
تنهن کان نڙيءَ - نپهن چونه ڏنهه ڙي اما؟
مون کي ...

پوپٽي: ... وديا جي کيتر ۾ ته هن مهان شخص جون ڪيل سيوائون ڪنهن کان به ڳجهيون ناهن. ورهاڱي کان اڳ، سکر ۾ اسڪول هلايائين. ورهاڱي کانپوء گرانٽ روڊ تي هيءُ اسڪول ۽ دادر ۾ گرلس ماڊل اسڪول چالو ڪيو اٿائين. سندونگر ۾ پڻ وديا جي ڦهلاءَ لاء اسڪول کولڻ ۾ مدد ڪئي اٿائين. هن اعليٰ شخص جي نظر هيٺ هزارين شاگرد پڙهي لائق ٿيءَ لڳا آهن. توهانکي شايد خبر نه هجي ته سنڌين جو برک قانون - دان رام جيٺملاڻي پڻ هن جو شاگرد رهي چڪو آهي...

(تاڙيون. ڪئميرا ڌرمداس جي چهري تي. هوُ مرڪي رهيو آهي.)

پوپٽي: ... ۽ هن شخص جي ڪري اُي ورهاڱي کانپوء سوين ماستر ۽ ماستريائيون روزگار حاصل ڪري سگهيا آهن ۽ اڃا به ڪري رهيا آهن....

(تاڙيون. ڪئميرا درشڪن جي جدا جدا ڀاوناٿن کي ڪوَر ڪري ٿي.)

پوپٽي: ... پر منهنجين نظرن ۾ هن جيڪو بهترين ڪاريه ڪيو آهي اُهو آهي ورهاڱي کان پوء سنڌي ناٽڪ کي وري بيهر جيئارڻ جو ڪاريه. ڪم - ظرف هوندو اُهو اِنسان جيڪو هن جي سانسڪرتڪ کيتر ۾ ڪيل ان مهان ڪاريه کي نظرانداز ڪندو. هندستان ۾ هن شخص ئي اسانکي سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرڻ لاء زمين تاهي ڏني آهي.

(زوردار تاڙيون. درشڪن جي اُتساهه جا نظارا.)

پوپٽي: ... پرنسيپال ڌرمداس ڪشتريا ئي اُهو پهريون شخص آهي جنهن ١٩٤٨ ۾ ئي مگنوالا ڪان ناٽڪن جون پوشاڪون ٺهرايون ۽ رام رسيلا جي هدايتڪاريءَ هيٺ سنڌيءَ ۾ ناٽڪ پيش ڪيا ...... ۽ اسان جو ههڙا ٻيڪيدار ساليانا اُتسو پيش

ڪري جيپ ڪافي ڏوڏا کائي رهي آهي. ٻوٽيءَ جي عمر چاليهہ کن سال آهي.

ڪيرٽ: سياڻي هلاءِ ڀائي! تو تہ اسان جو هڏو هڏي کان جدا ڪري ڇڏيو آهي.

شاگرد: (ڪِلي لهجو) آن تہ پوري پوري ڪوشش ڪريانس ٿو، پر رستا ئي اهڙا آهن... مان ڪُڙو ڪريانس؟

راهي: ٺيڪ آهي ڀائي، پر پوءِ بہ ڪجهہ سياڻي هلاءِ.

ٻوٽي: هنن جو خيال نہ ڪرين تہ نہ ڪر، مهنجو تہ خيال ڪر.

(شاگرد فقط مرڪي ٿو. ڪئميرا پئننگ ڪندي رهي ٿي.)

ڪيرٽ: نہ ڀائي هسمڪلعل! تون ٻوٽيءَ جو خيال ڀلي نہ ڪر، پر اسان جو ضرور ڪر.

ڀڳوان: ٻوٽي مردن ۾ مرد آهي.

ٻوٽي: يعني هر سهوليت کان ويس.

(سپ ڪلن ٽا. ڪئميرا ٻڪندڙ جيپ سان گڏ ئي پئننگ ڪري ٿي. ڪجهہ ئي دير ۾ جيپ ڀڄ شهر ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ هڪ جڳهہ جي اڳيان اچي بيهي ٿي. هڪ پنجاهہ کن سالن جي عمر وارو ماڻهو، جنهن کي ڌوتي، قميص ۽ گانڌي ٽوپي پيتي آهي، جيپ جي اڳيان اچي بيهي ٿو.)

ماڻهو: (هٿ جوڙي) جيءُ آيا، نج آيا! اچو سائين، ہہ قدم مون غريب جي گهر ۾ بہ ڌريو. دادي، اَما، توهين بہ هلو اندر.

ڀڳوان: (جيپ مان ئي) هن وقت نہ، ڪنهن ٻئي دفعي. اَول ئي دير ڏاڍي ٿي وئي آهي.

ڪيرٽ: (هيٺ لهي) تون سيٺي کي وڃي چؤ تہ ميٽنگ ٿورين ٻجي ٿيندي. سڀئي پنچات جي سيٺي سڳڻ کي ڇئجان ۽

٢- او... اُتراڻ گذريو، ساوڻ پڻ آيو
او... اوهان جي وڇوڙي مونکي آ ڏاڍو ستايو
تنهنکان جيئري ئي مون کي چونه ماريو اما؟
مون کي...

٣- او... جيڏيون وڇڙيون، ٿيون سرتيون پڻ دور
او... جيڪو پاسو ورايان سو آ ڪنڊن - سور
مونکي ڪاسائن - ور ڇو ڪيو ڙي اما؟
مون کي...

٤- او... ڪپڙا سڀ پيئي رونيون سيڪيان،
او... مٺا طعنا ڏيو سهان مان،
مونکي ٻانهي ٻٽائي ڇو مڪو ڙي اما؟
مون کي...

(زوردار تاڙيون)

(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ ان

درشيه - ٣٤/الف پُڄ (ڪڇ) طرف ويندڙ رستو (ٻاهر) رات

ڦل شاٽ. اونده ۾ ٻڏل ڪڙڪندڙ رستو. رستي جي ٻنهي پاسي ويران ميدان. چئني طرفن کان سڃ ئي سڃ. خاموشيءَ جي جي ساڻ سان دل ۾ هئول پيدا ڪري رهي آهي. اوچتو رستي تي دور کان ايندڙ ڪنهن گاڏيءَ جي جهڪي روشني پوي ٿي. ڏيري ڏيري روشني تيز ۽ تيز ٿيندي ٿي وڃي. ڪئميرا جيپ تي، اڳيان. جيپ ويجهو ايندي ٿي وڃي. جيپ ۾ ڪل پنج ماڻهو ويٺا آهن. ڪيرت، ڪرشن راهي، ڀڳوان ايپچنداڻي، پوڻي ۽ جيپ هلائيندڙ هڪ ڪڇي شاگرد. خواب رستي جي

پڳوان: ھي اسان جا ساٿي بمبئيءَ مان خاص اسان ڪچ ۾ رھندڙ سنڌين لاءِ ڪھي آيا آھن. مان گانڌيڌام ۾ رھندو آھيان. اِسڪول ۾ پرنسيپال آھيان.

(ڪئميرا بزرگ تي. ھن جي چھري تي خوشيءَ جي ريکا اچي ٿي، پر جلد پنھنجي ڪم ۾ لڳي ٿو وڃي.)

بزرگ: توھان کي گھڻا ڪمرا کپندا؟

(ڪيرت، پڳوان ۽ راھي ھڪ ٻئي ڏانھن نھارين ٿا.)

ڪيرت: بس ھڪ ئي ڪمرو کپي.

راھي: ٻارھين کن تائين ته ميٽنگ ھلندي...

پڳوان: وري ڇنين پنجين ٻجي ڏوري لاءِ نڪرڻو آھي...

ڪيرت: ٺيڪ آھي، ھڪ ڪمرو ئي ڪافي ٿيندو...

(ڪئميرا پوڙھيءَ جي چھري تي. ھن جي چھري مان صاف ظاھر آھي ته کيس اِھا ڳالھه پسند ڪونه آھي.)

ڪيرت: ... ٻه چار ڪلاڪ ئي ته ٽنگون سڌيون ڪرڻيون آھن.

بزرگ: (رسيد ڏيندي) چار آنا ڏيو...

(ڪئميرا پوڙھيءَ تي. ھوءَ جھٽڪي سان ايندڇ تان اُٿي ٿي.)
(ڪٽ)

درشيه-٣٤/پ ڌرمشالا جي ھڪ ڪمري جو دروازو (اندر) رات

ڪئميرا ڪلوز دروازي جي ڪڙي تي. ڪوئي زنانو ھٿ ڪڙو کولي ٿو. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پوڙھيءَ کان پنج-ڏھه سال وڏيءَ عمر واري عورت دروازو کولي رھي آھي. سندس پٺيان ھن جي ويھن کن سالن واري ڌيءَ بيٺي آھي ۽ پاسي ۾ پوڙھي بيٺي آھي.

عورت: اچو اندر....

(سڀ اندر داخل ٿين ٿا. ڪمري ۾ ٻه لوھه جا پلنگ پيا آھن، جن تي معمولي بسترا وڇايل آھن. ھڪ پاسي ڪاٺ جي ھڪ

ادا!... اسان نوڻ ٻڇي ڀڄڻي وڃڻداسين. هاڻي اچا اٺ مس ٿيا آهن.

(ڪئميرا شاگرد تي. هوُ جيپ چالو ڪري ٿو.)

شاگرد: (جيپ هلائيندي) هاڻي؟

ڀڳوان: ڌرمشالا ڏانهن هل. سڌي ڌرمشالا ڏانهن.

(ڪئميرا گهٽين مان هلندڙ جيپ تي.)

(ڪٽ)

درشيه-٣٤/ب   ڌرمشالا جو مکيه دروازو (ٻاهر)   رات

ڪئميرا پوري دروازي ڪي ڪوَر ڪري رهي آهي. ڪئميرا پل ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته دروازي جي مٿان ڌرمشالا جو بورڊ لڳو پيو آهي ۽ رستي تان ڪيترائي ماڻهو اچ - وڃ ڪري رهيا آهن. اوچتو هڪ جيپ اچي ڌرمشالا جي اڳيان بيهي ٿي ۽ ان مان پوپٽي، ڪيرت، راڌي، ڀڳوان ۽ ڪجهي شاگرد هيٺ لهن ٿا. سڀ دروازي طرف وڌن ٿا.

(ڪٽ)

درشيه - ٣٤/ب   ڌرمشالا جي آفيس (اندر)   رات

ڪئميرا ڪلوز هڪ بزرگ تي، جنهن جي مٿي تي گانڌي ٽوپي پيئي آهي. چهرو صفا چٽ اٿس. اکين تي چشمو پيو اٿس. ڪئميرا پل ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته اهو بزرگ ڌرمشالا جو ڪلارڪ به آهي ته مئنيجر به آهي. سندس اڳيان ميز تي ڪيترائي چوپڙا، رجسٽر ۽ رسيد بوڪ پيا آهن. هوُ ٻاڻ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. سندس سامهون ٻن ڪرسين تي ڪيرت ۽ ڀڳوان ويٺا آهن. پوپٽي ۽ راڌي ديوار سان لڳل هڪ بينچ تي ويٺا آهن ۽ شاگرد پاسي ۾ پيل هڪ اسٽول تي ويٺو آهي.

بزرگ: (رسيد ڪٽيندي) شابس هجي بابا توهان کي جو سنڌين لاءِ هيڏيون ٿا تڪليفون سهو. اچ ته سائين ڪوئي ڪنهن کي پڇي به ڪونه ٿو.

راهي ۽ ڀڳوان اڀڄندا ٽي ويندا آهن. جيپ ڪچي رستي تان ڌوڙ اُڏائيندي اڳتي وڌي رهي آهي. ڪچ جو ڪوئي ننڍڙو ڳوٺ آهي.

ڀوپٽي: ڪچ جي هن ڌوڙي ۾ ڇڱو اسان جو قدرتي علاج ٿي رهيو آهي ....

راهي: سڀ ڌيئهن ڳڀرون، موريون ۽ ڪارڪون ئي کائڻ لاءِ ملييون آهن.

ڀڳوان: ڇٻو هتان صحت ٺاهي ويندؤ.

ڪيرت: (منهن ورائي) صحت ٺاهي ته ڪونه وينداسين، البت ڳڙي ڪندا ٿي ضرور وينداسين.

ڀوپٽي: مٿان جيپ جا هي ڌوڙ! توبه توبه! جيڪو کاءُ سو اڌ ڪلاڪ ۾ هضم! هتي نه ڪو ٻيهن، پڪوڙن ۽ چولن جا ٿالهه کپن ٿالهه ...

(ڪئميرا رستي تان ويندڙ هڪ سنڌي نوجوان کي ڪَوَر ڪري ٿي. جيپ جي رفتار ڍري آهي. اهو نوجوان جيپ جي پاسي کان لنگهندي جيپ ۾ اندر نهاري ٿو ۽ يڪدم رڙ ڪري ٿو.)

نوجوان: دادي ڀوپٽي! ... جيپ روڪيو ...

(ڪچي شاگرد هڪ جهٽڪي سان جيپ روڪي ٿو.)

نوجوان: (ڪنڌ جيپ ۾ اندر ڪندي) توهان ڀوپٽي هيراننداڻي آهيو نه؟

ڀوپٽي: هائو.

نوجوان: مون توهان جا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن. سڀ ڪهاڻيون پڙهيون آهن ۽ مان توهان جي ليکڻ جو ته ديوانو آهيان.

(ڀوپٽي مرڪي ٿي. ٻيا سڀ چپ آهن.)

نوجوان: توهان کي مون غريب جي گهر هڪ ويلو ضرور کائڻو پوندو.

ميز پيٺي آهي جنهن جي پرسان ۾ فولڊنگ ٽيبل ٽ ڪرسيون پيئون آهن.)

عورت: (پوپٽيءَ کي) وهوس. آرام سان وهوس. پنهنجو ئي گهر سمجهوس...

(پوپٽي هڪ پلنگ تي ويهي ٿي ۽ پٺي تي ماءُ - ڌيءَ ويهن ٿيون. عورت جو لهجو ڪهڙي آهي. سندس لباس ۾ گجراتين جهڙو آهي يعني خاص ڍنگ سان بدل ساڙهي. پر ڌيئس کي غرارو ۽ ڪڙتو پيو آهي.

پوپٽي: توهان کي تڪليف ڏنم. پر ڇا ڪريان...

عورت: تڪليف وري ڪهڙي؟ هڪ رات جي ئي ته ڳالهه آهي.

(ان وچ ۾ ڌيءَ پليٽ ۾ ٻه - چار بسڪوٽ ۽ ڪجهه دال سگر کڻي اچي پوپٽيءَ جي اڳيان رکي ٿي.)

ڌيءَ: کٽوس...

پوپٽي: نه بابا! مهرباني. هاڻي مونکي ميننگ تي وڃڻو آهي...

(پوپٽي اُٿي ٿي. ماءُ - ڌيءَ سوالي نظرن سان هن ڏانهن نهارين ٿيون.)

پوپٽي: مان ٻارهين بجي ڪن ايندس. (مرڪي) سچ پچ توهان کي ڏاڍي تڪليف ڏيئي رهي آهيان...

عورت: (مرڪندي) ڪائي ڳالهه ناهي.

(ڪٽ)

... ...

درشيه - ٣٥/الف انجار جي آس پاس جو رستو (ٻاهر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ڪهڙي شاگرد جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته ڪهڙي رستي تان جيپ هلائي رهيو آهي. سندس پاسي ۾ ڪيرت ويٺو آهي. پٺيان پوپٽي،

پوپٽي: ڀائي ايڏي تڪليف ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟
اسان نه سادو کاڌو کائڻ تي هريل آهيون.
نوجوان: تڪليف ڪائي ڪونهي. هي به سادو کاڌو ئي آهي.
توهان لاءِ ڪي اسپيشل طعام ڪونه ٺـا ٺهن. بس هڪ غريب
جي شردا آهي.
ڪيرت: پر دوست، تو پنهنجي باري ۾ ته ڪجهه ٻڌايو ئي
ڪونه.
نوجوان: منهنجو نالو پوڄواڻي آهي. هتي هن ڳوٺ ۾ نوڪري
ڪندو آهيان. ڪلارڪ آهيان....
پوپٽي: اِها اَٿـوَ منهنجي ماروئڙن جي سچي تصوير... هڪ
دفعي موهن ڪلپنا چيو هو ته سنڌي ضرور شاهوڪار هوندا تڏهن
ته مهمانن جـي ايتري ساري خاطرداري ڪري سگهندا هئا!
پر منهنجو ته آزمودو آهي ته سنڌ جا غريب ڳوٺاڻا به ايڏي ته
آءُ ـ ڀڳت ڪندا هئا جو پڇو ئي نه! جيڪو هوندو هون، پيش
ڪندا هئا.
ڪيرت: برابر. ٺيڪ ٿي چوين.
راهي: ٻاجهريءَ جو ڀوڀو مکڻ ۾ ٻڌل ۽ تنهن سان گڏ لسيءَ
جو وڏو گلاس! ڪيا بات!
(رسويو اچي ڪري پوڄن لڳائي ٿو.)
(ڪٽ)

درشيه - ٣٥/پ — ٽئيو اڱڻ (اندر) — ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ٻن هٿن تـي. انهن جي مٿان پاڻيءَ جي لاٽ
ڪري رهي آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون
ٿا ته پوپٽي هٿ ڌوئي رهي آهي ۽ پوڄواڻي لوٽي سان پاڻي
اوتي رهيو آهي. پوڄواڻي ڪلهي تان ٽوال لاهي پوپٽيءَ کي
هٿ اُگهڻ لاءِ ڏئي ٿو. پوپٽي هٿ اُگهي ٿي ۽ ٻئي اندر ڪمري

پوپٽي: (ڪجھ هٻڪندي) پر... اسان کي ايترو وقت....
نوجوان: (ضد ڪندي) نه دادي، توهان کي هلڻو ئي پوندو.
منهنجو گهر پاسي ۾ ئي آهي. توهان کي بلڪل تڪليف نه
ٿيندي. فقط هڪ ويلو...
(ڪيرت نوجوان کي هٿ کان پڪڙي جيپ ۾ وهاريس ٿو.)
ڪيرت: ويهه آدا! اسان، قربدارن جي دل ٽوڙڻ سگھيا ئي
ڪونه آهيون.
(جيپ هلڻ لڳي ٿي.)
(ڪٽ)

دڙشيه - ٣٥/ب   تمام سوڙهي گهٽي (ٻاهر)   ڏينهن
ميڊيم شاٽ. پوپٽي، ڪيرت، راڌي، ڀڳوان، ڪجهه شاگرد
نوجوان جي پٺيان پٺيان هڪ تمام سوڙهيءَ گهٽيءَ مان وڃي
رهيا آهن. نوجوان هلندي هلندي هڪ ڪچي گهر جي اڳيان
اچي بيهي ٿو. اهو ئي هن جو گهر آهي.
نوجوان: سادو سودو گهر آهي.
ڪيرت: آدا، دل وڏي هجي، سڪ پوري هجي، پٿر جي
محلن کي ڏوئي پيئبو...
(ڪٽ)

دڙشيه - ٣٥/ب   سادو سودو ڪچو ڪمرو (اندر)   ڏينهن
ڪئميرا ڪلوز نوجوان جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري
ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هو ڪمري ۾ بيٺو آهي. ٻيا سڀ کٽ
۽ ڪرسين تي ويٺا آهن. نوجوان جي اڳيان ڌوتيءَ ۽ گنجيءَ
۾ رسويو بيٺو آهي.
نوجوان: (رسويي کي) جيترو جلد ٿي سگهيئي پنجن ڇهن
ڄڻن جي روٽي تيار ڪري وٺ. سڀ گيهه ڪم آڻجانءِ.
(رسويو ڪنڌ سان "ها" ڪندو وڃي ٿو.)

(ڪلام) جيڏيون منهنجو حال ڪهڙو ڙي ڪنديون؟
ناه ڪٽي جو ڌيان - ناه ڪٽي جو ڌيان
ڪاهي ويندس واه واه
ڪيچ پنهل ڏي جيڏيون
وٺي گهوٽڙين جو ڪو گس ڙي - ٢
جيڏيون منهنجو حال ...
سرتيون منهنجو حال ڪهڙو ڙي ڪنديون؟

(ڏوهيڙو) اَلا ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍيون ڪرين
مون تن اندر تئين ڏکين، جيئن وڻ ويڙي وايو
ڪوم جو ڪاڍو، نه ته پهڻ ڪير پٿون ڪري!

(ڏوهيڙو) ڏونگر ڏوراڀو، مان ته پهڻين ڏيندس پڙين ڪي
پهڻ پير پٿون ڪيا، ڏڀون چڀون تو
رحم نه پيئي روح ۾ قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو، مونسان جبل ٿو جارون ڪري.

١- ڪوهياري جي ڪاڻ
ماريندئم ماءُ
الا ماريندئم ماءُ

٢- سرتيون شاه - شاه واه واه - لعل لطيف چوي
پٽائي شاه - شاه واه واه - لعل لطيف چوي
وٺي گهوٽڙين جو ڪو گس ڙي - ٢

(ڏوهيڙو) اُڀ ويڙي، اوتار ويڙي، ويڙي ٽيڙم ڏير
چوٿون ويڙي سج ٿيو، جنهن اُلهي ڪٿي اوير
پنجون ويڙي چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نه اوڏيءَ وير
ڇهون ويڙي واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پير
هيءَ ڪميڻي ڪير، جا اُمر کي آڏو اچي؟

(فيڊ آئوٽ)

... ...

۾ اچن ٿا. ڪئميرا ٻنهي سان گڏ پئنڊنگ ڪري ٿي. ڪمري ۾ سڀ تيار ٿيا بيٺا آهن. پوڄواڻي هڪ ڪاٺ جي ڪٻٽ مان ڪجهه پُڙا ڪڍي سڀني کي هڪ هڪ ڪري ڏئي ٿو. پڙو اڻ ڪلو ڪن مال جو آهي.)

راهي: ادا، هي وري ڇاهي؟

پوڄواڻي: ميسوءِ پاڪ اٿو. هتي ڏاڍو سٺو ٿيندو آهي. هن ڳوٺ جي نشاني اٿو. ياد رکجو.

پونم: ڀائي، هن ڳوٺ جي نه ڇا، پر سڄي سنڌي قوم جي تون ئي هڪ اهڙي نشاني آهين جو سدائين ياد ڪنداسين.
(ڪئميرا ڪلوز پوڄواڻيءَ جي چهري تي. هن جي منهن تي اهڙا ڀاو آهن ڄڻ نه چئي رهيو هجي: آچيندي لڄ مران.)
(ڪٽ)

....

درشيه - ٣٦ رستو (ٻاهر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پونمءَ تي. مڌر ۽ درديلو سنگيت وڄي رهيو آهي. ان سان گڏ تاڙين جو آواز به شامل آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته پونم ۽ جيپ ۾ ويٺل سڀ ساٿي تاڙيون وڄائي رهيا آهن. جيپ ۾ ڪيرت، راهي، ڀڳوان ۽ ڪجهه ٻيا ساٿي به ويٺا آهن. جيپ هلائڻ وارو ساڳيو ئي ڪچي شاگرد آهي. اوچتو پونم ڳائڻ شروع ٿي ڪري. هڪ ته مڌر درديلو سنگيت، ان تي ڪروڙها پريو ڪلام ۽ ڏور ڏور تائين ٿهليل وڏان ميدان! سوز ۽ درد جي تصوير ٿي اڀري اچي. ڪافيءَ جي اثر ڪان پسون - پکي به نه ٿا ٻچن.

پونم: (ڳائي ٿي)
(ڏوهيڙو) آءٌ نه گڏي پرينءَ کي، متان آيو موٽ
واجهائيندي ورهيه ٿيا، هُڏ م گڏيم هوت
جيڪيس ٿينديس فوت، ڦدا هن فراق ۾

درشيہ - ٣٧/ب انڊور ۾ ڪرشن ڪنواڻيءَ جو ڪمرو ڏينهن
(اندر)

(ڪئميرا ڪلوز ڪرشن ڪنواڻيءَ تي. هو سنهي ۽ لسي پني تي لکيل هڪ خط پڙهي رهيو آهي.)

ڪرشن: (خط پڙهندي)

...... ۽ پوءِ به ڇا تہ مون تي حملا ٿا ٿين! اندر ئي اندر انسانيت جي ڪريل مورتيءَ تي روئڻ ايندو آهي.

پهنجي ڪرشن ڪان اڪثر پڇي پڇيو اٿم تہ ميران ڇا هن ڪان وڌيڪ قاتل زهر پيتو هوندو؟ ۽ ڇا هر ميران کي اهين زهر پيئڻو پوندو آهي؟......

(ڪرشن ڪنواڻي پوپٽيءَ جو خط پنهنجي پوسان رکيل ميز تي رکي ٿو ۽ ان جي مٿان پيپرويٽ. هو ڪجهہ سوچي ٿو ۽ ڏيري ڏيري ڪرسيءَ تان اٿي هڪ شيلف ڏانهن وڃي ٿو، جنهن ۾ ڪتاب، فائيل ۽ پنا پيا آهن. هو انهن ۾ ڪجهہ ڳولهي ٿو.)

ڪرشن: اهڙي قسم جو هڪ ادب لطيف پوپٽيءَ بہ لکيو آهي. اهو پنو هتي ئي ڪٿي رکيو هوم...

(ڪرشن هڪ فائيل کولي ٿو ۽ منهن سرهو ٿي وڃيس ٿو.)

ڪرشن: ملي ويو! بلڪل اهي ئي ڀاونائون آهن.

(پني تي لکيل ادب لطيف جا ڪجهہ حصا پڙهي ٿو. ڪئميرا ڪلوز هن جي چهري تي آهي. پني جو فقط ڪجهہ حصو نظر اچي ٿو. هو ادب لطيف اٿي ٻيهي ڪري ئي پڙهي ٿو.)

ڪرشن: (پني تان پڙهندي)

تنهنجيءَ ميران تہ صرف هڪ زهر جو ڪٽورو پيتو هو، سو بہ ڳيت ڏيئي خلاص ڪري ويئي هئي! هتي تہ نموني نموني جي زهرن جا نديا - وڏا ڪٽورا آهن. هرهڪ ڪٽورو

فيڊ – اِن

ڊرشيه – ٣٧/الف   پوڻيءَ جو ڪمرو   ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوڻيءَ جي چهري تي. هن جو چهرو ڪجهه جهڪيل آهي. ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسين ڏسون ٿا ته پوڻي پنهنجي بستري تي ويٺي آهي ۽ خط لکي رهي آهي. سندس عمر اٽڪل پنجيتاليهه سال آهي.

پوڻي: (خط لکندي)

پيارا ڀاءُ ڪرشڻ،

تنهنجو چوڻ بلڪل صحيح آهي ته اڄ ڪوئي ليکڪ، ڪنهن ٻي ليکڪ جون رچنائون – سڀ جو سڀ رچنائون، پڙهي نه ٿو سگهي، چاهي هو چاهي– ته به نه! برابر اسين چوويهه ڪلاڪن مان فقط ٻه ٽي ڪلاڪ ئي ليکڪ آهيون. اسان رچناڪار زندگيءَ جو گهڻو حصو اڪثر رچنا جي ڪيتر کان ٻاهر ئي گذاريون ٿا!

پرش ۽ اِستريءَ ۾ فرق آهي. مون "زنجير جي ڪڙي" ناليواري ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته اِستري هڪ ندي آهي. نديءَ کي وڃي سمنڊ ۾ جوڙ ڪرڻو آهي ۽ اڄ مان ان سان اِهو به جوڙيان ٿي ته اِستري هڪ ٿانءُ ناهي، هوءَ پاڻيٺ آهي. جهڙي ٿانوَ ۾ هوءَ پوي ٿي، اهڙو ئي روپ حاصل ڪري ٿي ۽ هر اِستريءَ جي حالت ۽ سندس جذباتي عمر جو ماحول هوبهو اهڙو نه ٿو ٿئي جو هوءَ پنهنجو ٿانءُ پاڻ ڳولهي وٺي...

پيارن مان،

پيڻ...

(پوڻي پنهنجو نالو نه ٿي چوي. ڪئميرا ڪلوز خط تي. پوڻي هيٺان پنهنجو نالو لکي ٿي: پوڻي)

(ڪٽ)

ڪرشڻ! نراشا صرف مون کي ڪونہ گهيريو آهي، اسين سڀ
نراس آهيون. هڪ گهُٽن آهي جا من ئي من ۾ سعديت جي
اِن گهيري ۾ ڦرندڙن کي گهيري رهي آهي. ڇا ڪجي اِهو
ڪڏهن کي نہ ٿو سمجهي! جيڪي سمجهي ٿو اُهو عمل ۾ آڻي
نہ ٿو سگهجي. هڪ عجيب اِسٿتي آهي...
(ڪئميرا ڪلوز پوڻيءَ جي ڇهري تي. هن لکڻ بعد ڪري
ڇڏيو آهي ۽ خالي نظرن سان سامهون نهاري رهي آهي.
خيالن ۾ گم، بلڪل گم.)

(ڪٽ)

درشيہ - ٣٧/پ اندور ۾ ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جو ڪمرو ڏينهن
(اندر)

ڪئميرا ڪلوز ڪتابن ۽ فائيلن سان ڀريل شيلف تي. ڪئميرا
پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا تہ ڪرشڻ ڪنواڻي پنهنجي
ڪمري ۾ صوفا چيئر تي ويٺو آهي ۽ خط پڙهي رهيو آهي.
ڪئميرا ڪلوز خط تي. خط جي وچ ۾ پوڻيءَ جي ڇهري جو
خدو خال اُڀريل آهي پر ڪجهہ ڌنڌلو آهي. (ٽرڪ فوٽوگرافي)
ڪئميرا ڪلوز ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي ڇهري تي. هوُ خط پڙهي
ٿو، وچ مان.
ڪرشڻ: (وچ مان خط پڙهندي) ... منهنجو روح اُڏامندڙ آهي.
الائي ڪٿي ڪٿي جا سفر ڪري ايندو آهي...
(ڪئميرا ڪلوز ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي کوهيل اکين تي.
فليش بئڪ ۾ فليش بئڪ شروع.)

(ڪٽ)

(فليش بئڪ ۾ فليش بئڪ)

درشيہ - ٣٧/ب سپرا نديءَ جو ڪنارو (ٻاهر) نما شام
فل شاٽ. اُجين جي سپرا نديءَ جي ڪناري تي آڏيل راڄا

ٻڪ ٻڪ ڪري خلاص ڪرڻو آهي اسان کي!
تنهنجيءَ ميران وٽ هڪ ئي ناٽڪ موڪليو ويو هو. هتي ته مان نت نئين صبوح بلائن، اروڙ بلائن سان سمهان ٿي!
تون ته سولائيءَ سان چئي وئين "ڪم ڪندو هل، ڦل جي اِڇا نه رک." پر اندر غم جو دونهون، ٻاهر گلا جي لوءِ، هيٺان مصيبتن جا پٿر ۽ مٿان نراشائن جا انگارا، پوءِ اِنسان هلي ته ڀلا ڪيئن هلي؟
تون گرڌر ٻڌجڻ جي ڌن ۾ ساراهه جا گيت ٻڌندو رهج ۽ مان وش جي ڍُڪين ۽ زهري بلائن جي صحبت ۾ پلجندي رهنديس!
هر هڪ کي پنهنجي سڀاءَ ۽ ڪم سان نباهڻو ئي آهي.
پر، هڪ ڳالهه ياد رکج. تنهنجي ساراهه ڪندڙ ميران تو اڳيان نچندي ڳايو هو: ميري تو گرڌر گوپال...
مگر، توکي مون اڳيان نچي نچي ڳائڻو پوندو: ميري تو ميران ٻائي ڙي...
(ڪرشڻ جي چهري تي هڪ عجيب مرڪ آهي. هُو پنهنجو فائيل ۾ وجهي فائيل کي پنهنجي جڳهه تي رکي ٿو. ميڊيم شاٽ.)
ڪرشڻ: خودداريءَ جو روپ آهين پوپٽي ڀيڻ! توکي ڪرشڻ جا هزارين سلام...
(ڪئميرا ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي چهري تي ڪلوز.)
(ڪٽ)

درشيه – ٣٧/ب   پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر)   ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوپٽي صوفي تي ويٺي آهي ۽ خط لکي رهي آهي.
پوپٽي: (خط لکندي، وچ مان.)
... ها، مان دنيا مان نراس آهيان. پر ان نراشا مان هماليه جي نوائي يا هردوار جو ڪنارو به مون کي گهلي وٺي وڃي نه ٿو سگهي. نه ته منهنجي جيون جي منزل به ته اِهائي آهي.

ڪرشڻ: ڪڏهن لاءِ سوچيندي آهين؟ پاڻ بابت...؟

پوپٽي: نه. اهڙن سحرانگيز نظارن جي وچ ۾ مان پاڻ بابت ڪونه سوچيندي آهيان. ٻئي ڪنهن اِنسان بابت به نه سوچيندي آهيان. سچ پڇين ته مان انهن سندر ۽ دلڪش نظارن بابت به ڪونه سوچيندي آهيان... اڄ ڪلهه مان فقط هڪ وشيه تي سوچيندي آهيان... اُها وشيه آهي- سنڌيت، مهنجي مارُوئڙن جو آئينده...

(ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي گنڀير چهري تي. فلئش بئڪ ختم.)

(ڪٽ)

درشيه- ٣٧/ت   اندور ۾ ڪرشڻ جو ڪمرو (اندر)   ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي چهري تي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هُو خط پاسي ۾ رکيل ننڍي ٽيبل تي رکي ٿو ۽ پاڻ اکيون بند ڪري صوفا چيئر کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو.

(ڪٽ)

....

درشيه- ٣٨/الف   پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر)   رات

ڪلوز ميڊيم شاٽ. پوپٽي پنهنجي پلنگ تي وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي آهي ۽ خط لکي رهي آهي. لکڻ سان گڏوگڏ لفظ دهرائيندي به وڃي ٿي.

پوپٽي: (خط لکندي) .... تون پاڻ- وڃائڻ ڇا کي ٿو سڏين؟ ”ڇا“ پائبو آهي ڪين ”ڪنهن کي“ پائبو آهي؟ ڪير پنهنجو ٿي به ڇا پنهنجو هوندو آهي؟ مون کي ڪنهن کي ”پنهنجو“ بڻائڻ جو اُنيؤ ڪونهي. ڪيتريون اهڙيون حالتون اينديون آهن جيون ۾ جو بس ”ڪير“ مرڪز نه بڻجندو آهي، بلڪ ڪي مسئلا، ڪي حالتون ئي جيون جو مرڪز بڻجنديون آهن. مهنجيءَ

پوٽوهريءَ جون غفائون نظر اچي رهيون آهن. هيٺ سپرا نديءَ جو پاڻي ڏيري ڏيري وهي رهيو آهي. سج اڀرڻ وارو آهي. چؤطرف عجيب شانتي ڇانيل آهي. نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ساوڪ لڳي پيئي آهي. وڻ. وڻن جون ڦهليل ٽاريون. انهن ۾ لڳل ڇهچ ساوا پن. ڪئميرا لهندڙ سج جي لالاڻ تي.

(ڪٽ)

درشيہ - ٣٧/ت ساوڪ ڀريل رستو (ٻاهر) نما شام

ميڊيم شاٽ. ڪرشڻ ڪنواڻي ۽ پوڄني هيرانداڻي واپس ڪار ڏانهن وڃي رهيا آهن. هيڏي من-موهڪ نظاري جي باوجود پوڄني چپ آهي. سندس منهن تي گنڀيرتا نه پر هڪ گهري سانت نمودار آهي. ڪرشڻ هن جي منهن ڏانهن نهاري ڪجهه پڇڻ جي بجاءِ چپ ٿي ٿو وڃي. ٻئي بلڪل خاموش اڳتي وڌندا وڃن ٿا.

(ڪٽ)

درشيہ - ٣٧/ت رستو (ٻاهر) رات

ڪئميرا ڪلوز ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پل ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هو ڪار هلائي رهيو آهي. سندس پاسي ۾ پوڄني هيرانداڻي ويٺي آهي ۽ ٻيا ٻه جڻا پٺيان سيٽ تي ويٺا آهن. رستو ڪار جي هيڊ لائيٽس ۾ چمڪي رهيو آهي. ٻئي ڪافي گنڀير موڊ ۾ آهن.

ڪرشڻ: اڃا پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري رهي آهين؟

پوڄني: نه. مان اڪيلي نه آهيان .... ۽ نه ئي اڪيلو محسوس ڪري رهي آهيان.

ڪرشڻ: هيڏن سرڳ جهڙن نظارن جي وچ ۾ تون سانت ڇو ٿي ويندي آهين؟

(پوڄني ڪو به جواب ڪونه ٿي ڏئي.)

درشيہ - ٣٨/پ | پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) | رات

(پوپٽي خط لکي رهي آهي.)

پوپٽي: ٿڪ گهڻا ئي اٿم، پر صفا ڇڏيا نہ اٿم. ٿڪن ڏيڻ جا موقعا ڏينهان پوءِ گهٽجندا ٿا وڃن. زندگي تہ ڪٽجڻ لاءِ ئي آهي. ڪيئن نہ ڪٽبي؟

(بزالو)

درشيہ - ٣٨/ٻ | پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) | رات

پوپٽي: مان ڪجهہ بہ نہ ٿي ڳولهيان. مون کي ڪا تلاش ئي ناهي ۽ نہ ڪو درد اٿم. ها، ڪڏهن ڪڏهن اڪيلي سو محسوس ڪندي آهيان پر گهڻي وقت لاءِ نہ. مان پاڻ سان ئي ڳائيندي آهيان. ڳائڻ مان ئي تسڪين ۽ سڪون ملندو اٿم. خبر اٿيئي تہ سال کن کان اُستاد رکي غزل سکندي آهيان؟...

(بزالو)

درشيہ - ٣٨/ٽ | پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) | رات

(پوپٽي خط لکي رهي آهي.)

پوپٽي: مان غزل جي گائڪي اڃا سکندي آهيان. اهو ئي وقت آهي جڏهن منهنجو روح پنهنجو ڪاڄ حاصل ڪري سگهندو آهي ۽ ڪجهہ وقت لاءِ دنيا کي وساري پاڻ ۾ کوهجي ويندو آهي منهنجو روح! تون اچ تہ توکي غزل ضرور ٻڌائيندس. سنگيت جي نازڪ ۽ ريشمي تار اسان جي من کي ڪجهہ وقت لاءِ سڪون ضرور ڏيندي.

(بزالو)

درشيہ - ٣٨/ث | پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) | رات

(پوپٽي خط لکي رهي آهي.)

پوپٽي: منهنجي زندگي صرف راهہ ئي راهہ آهي. اُن کي ڪا منزل ڪونهي. مان هلان ئي هلان ٿي. فرض سمجهي هلان پيئي.

زندگيءَ ۾ ائين ئي ڪجهه ٿيو آهي. مون ڪنهن کي پنهنجو ٻڌائڻ جو ٻيڻ ئي نه ڪيو آهي! ان ڪري ان حالت جو ورڻن ڪرڻ سٺيؤ ڪونهي مون لاءِ... (ڊزالو)

ڊرشيه – ٣٨/ب پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) رات

(پوپٽي خط لکي رهي آهي.)

پوپٽي: ... مان پاڻ مان، پنهنجي جيون مان سنتشٽ آهيان. سوچڻ لاءِ جهجهو ٿي وقت اٿم پر ايترو ڪجهه هاڻي سوچيندي نه آهيان. قدرت جي پوبلتا ۾ وشواس اٿم. ٿسان قدرت ڇاٿي ڪرائي مون کان؟.... (ڊزالو)

ڊرشيه – ٣٨/ب پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) رات

(پوپٽي خط لکي رهي آهي.)

پوپٽي: ... مان ائين محسوس ڪندي آهيان ڄڻ منهنجي هردي اندر هڪ تمام اونهو زخم آهي. سند، حيدرآباد، ملير ۽ ماروئي، ڪير فقط اشارو ڪري ۽ منهنجو زخم اُٿلي پوندو آهي. تون پڇين ٿو ته مون زندگيءَ ۾ ڇا پاتو آهي، ڇا وڃايو آهي؟ مون حساب ئي نه لڳايو آهي. ماڻهو سمجهندا آهن ته مون پيار ئي نه ڪيو آهي. مون اٿاهه پيار ڪيو آهي. ڪنهن کي؟ ان جو نالو به ڪونهي. مان انهن کي پيار ڪريان ٿي جيڪي سند کي پيار ڪن ٿا. جڏهن ٿسان ته انهن جو پيار مطلبي آهي ۽ موت ۾ ڪجهه وٺڻ ٿو چاهي ته منهنجو هنيانءُ ڦاٽي پوندو آهي! ۽ هيڏانهن ڪي اُهي به آهن جي ترقي ترقي رٽ ڳاڙين ٿا!.... مان دنيا اڄ چڙيان يا سياڻي. صرف هڪ هڪ ارمان ڪٺي ويندي س! هاءِ! منهنجيءَ جاتيءَ جو آئيندهه سرڪشت ٿي ته سگهيو! منهنجيءَ شخصي جيون ۾ ته سڀ ڪجهه آهي. جيڪي به گهريو هوم سو مليو اٿم. (ڊزالو)

دوي: (ڪجهه مذاقي لهجي ۾) جاگيردار صاحب، اسان گجراتين کي نه وسار. سنڌين کي جي "واپار - سموات" سڏيندين ته پوءِ مارواڙين ۽ ڪڇين کي ڇا چوندين؟ گجراتين کي ڪٽي ڇڏ.

هدا: (گنڀيرتا سان) پروفيسر هيراننداڻي! مان اهو سمجهي نه سگهيو آهيان ته سنڌي هيترن سارن سالن ۾ به پنهنجي سڃي اميج ڇو نه ٺاهي سگهيا آهن؟ پاڻ ڏيکون پوءِ وڃي ٿي هٿن جي ڇپي خراب ٿيندي. سنڌي ڀلي واپار ۾ بيجوڙ هجن پر ته به ماڻهو هنن جي ساراهه ڪرڻ جي بجاءِ "پئسي جو ديوانو" ۽ "پئسي لاءِ سڀ ڪجهه ڪندڙ" چئي ڇو ٿا بدنام ڪن؟

پوپٽي: شايد ان لاءِ جو اسانکي ڪائي زمين ڪانهي. ڪوئي پرانت ڪونهي ۽ ڪنهن به قسم جي سياسي طاقت ڪونه آهي. اسين سنڌي سڄي هندستان ۾ پکڙيا پيا آهيون، انڪري ڪنهن کي ووٽ جي چوٽ به نه ٿا هڻي سگهون!

دوي: عام طرح سيٺي جو اهوئي رايو آهي ته سنڌي جاتي صرف ڌن ميڙڻ ۽ ڌن جي زور تي سڀ سهوليتون خريدڻ واري جاتي آهي. عام سنڌيءَ جي دل ۾ نه ساهتيه لاءِ ڪائي سڪ آهي ۽ نه ڪلائن لاءِ ڪوئي قدر يا چاهه. پئسو، پئسو ۽ فقط پئسو...

جاگيردار: اهڙيءَ جاتيءَ ۾ ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪارن جو قدر ٿي ئي نه ٿو سگهي.

هدا: ان جو جيئرو جاڳندو مثال اسان جي سامهون ئي آهي.

(پوپٽيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.)

پوپٽي: اسان جي جاتي ڀلي ساهتيه ۽ ڪلا ڏانهن لاپرواهه هجي، پر اسان ساهتيڪار جاتيءَ ڏانهن لاپرواهه نه آهيون. سچو ڪلاڪار - ساهتيڪار اهوئي آهي جيڪو پنهنجيءَ جاتيءَ کي پنهنجي دل جي ٽڪرن وانگر، پنهنجيءَ اولاد وانگر پيار

جاڳائن ٿي ته ائين راهه ۾ هلندي هلندي اُي هميشه لاءِ سانت ٿي ويندي...

(ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي شانت ۽ گنڀير چهري تي. درديلو سنگيت.)

(فيڊ آئوٽ)

... ...

(فيڊ - ان)

ڏينهن درشيه - ٣٩ ڪي. سي. ڪاليج ۾ ڪامن روم (اندر)

ميڊيم شاٽ. ڪئميرا ڪي. سي. ڪاليج جي پروفيسرن جي ڪامن روم جي دروازي کي ڪَوَر ڪري رهي آهي. اسان ڏسون ٿا ته دروازي مان پروفيسر پوپٽي، پروفيسر هُدا (پنجابي)، پروفيسر دوي (گجراتي) ۽ پروفيسر جاگيردار (مرهٽو) اندر داخل ٿي رهيا آهن. ڪئميرا هنن سان گڏ اُي پئننگ ڪري ٿي. هوُ سڀ ديوار سان لڳل صوفن تي آرام سان ويهجي ٿا وڃن. ڪامن روم ۾ ديوارن سان صوفا ۽ صوفا ڪرسيون رکيل آهن. ڪمري جي وچ ۾ هڪ وڏي مستطيل ميز پيئي آهي، جنهن جي چوگرد ڪرسيون پيئون آهن. هن وقت ان ميز جي آس پاس ٻه - ٽي پروفيسر ويٺا آهن ۽ ڪجهه لکڻ ۾ مٿوُ آهن. ٻيا ٻه - ٽي پروفيسر ديوار سان رکيل صوفن تي پڻ هيڏانهن هوڏانهن ويٺا آهن. پوپٽيءَ جي عمر پنجاهه سالن جي ارد - گرد آهي. ڪيس ساڙهي پيئي آهي ۽ هٿ ۾ ڪجهه ڪتاب ٻه ائس، جيڪي هن پنهنجي سامهون رکيل ننڍي ٽيبل تي ڪٺي رکيا آهن.

جاگيردار: (ڄڻ اڌ ۾ ڇڏيل ڳالهه جو سلسلو جوڙيندي... ڪوئي مون کان جي پڇي ته سنڌي جاتيءَ جي پهچان هڪ شبد ۾ ڪراءِ ته مان يڪدم چئي ڏيان - "واپار - سمراٽ"

ٽيون: سنڌي سچو ۽ وفادار دوست آهي. يارن جو يار، دلبرن جو دلبر.
چوٿون: سنڌي اغيارن جو به يار آهي. ٻين سان به ڀلو ڪندو.
پنجون: سنڌي پوريءَ طرح شانتي - پريه، صلح پسند آهي. سنڌيءَ جو وشواس ڏڪ جو جواب ڏڪ سان ڏيڻ ۾ ڪونه آهي.
ڇهون: هرڪو سنڌي صوفي لاڪوفي آهي. دين-ڌرم، اوچ-نيچ جي ڀيد - ڀاوَ کان گهڻو گهڻو مٿي.
ستون: ڪوئي به سنڌي اهو نه چاهيندو ته ڪنهن جي نظرن ۾ ڪِران. مان - مريادا جو مٺيو آهي.
اٺون: مهمان - نواز ته سنڌيءَ جهڙو دنيا ۾ ڳولهيو نه ملندو.
نائون: سنڌي نمرتا جي مورتي آهي. لڪن تي ليڪڻ وهندس پر ته به نهٺو ۽ حليم.
(سڀ پروفيسر ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن.)
پوپٽي: انهن نوَن ڳڻن جي سنگم مان ئي سنڌيت جو روپ جڙيو آهي. اهي نوَ ته بنيادي ڳڻ آهن. انهن جي جوڙ مان اڪيچار ڳڻ ٺهي سگهن ٿا. اڄ توهان کي اسان سنڌي ڪجهه به لڳون پر اسان جا سنسڪار اهي آٿوَ. اسانجي وجود جو بنياد انهن ڳڻن تي ٻڌل آٿوَ ۽ شايد اسان جي ڪاميابين جو راز به انهن ڳڻن ۾ سمايل آٿوَ. هڪ سنڌي ٿيڻ لاءِ جگر گهرجي!
هدا: مس پوپٽي! ٻرو نه مڃيو ته مان هڪ ڳالهه چوندس. توهان سنڌين کي سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ نه اچڻ کپندو هو. ڪجهه پنهنجي جوان مرديءَ جو ثبوت ڏيڻ به دنيا ۾ لازمي آهي.
پوپٽي: اهو توهان سولائيءَ سان چئي سگهو ٿا، ڇو ته توهان پنجابين کي اڌ پنجاب ملي ويو ۽ بنگالين کي اڌ بنگال ملي ويو.
هدا: هرو ڀرو ائين ناهي.

ڪري. اسان جي جاتي اڄ بگڙيل لڳي رهي آهي ته ان کي سڌارڻ سڌوارڻ جو فرض به اسان جو ئي آهي.

جاگيردار: رائيٽ. ائبسولُيٽلي رائيٽ!

پوپٽي: اسان جا ليکڪ، شاعر، ڪلاڪار سڀ سڀيت کي بچائڻ جي ڪم ۾ جنبيا پيا آهن. اڄ اسان جي سامهون هڪ ئي مقصد آهي - سڀيت جي رکيا!... ملڪ ڇڏي آياسين پر سڀيت جو ورثو وڃائڻ نه ٿا چاهيون.

دوي: سڀيت؟ سڀيت به ڪائي شيءِ آهي! مون کي بلڪل ڄاڻ ڪونهي.

هما: مس پوپٽي! پليز يُو ايڪسپلين سڀيت. آءِ ائم ڊائيڱ ٽو نو اِٽ، ريئلي!

پوپٽي: توهان پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ته نالو ٻڌو هوندو.

سڀ: آف ڪورس...

دوي: پنجواڻيءَ کي ته سنڌين جو سرتاج سمجهيو ويندو آهي.

پوپٽي: منهنجو ڀاءُ آهي. هر سال مان رکڙي ٻڌڻ ويندي آهيانس. پنجواڻيءَ سڀيت کي نَوَن (٩) گڻن رستي سمجهايو آهي. سنڌيءَ جا نَوَ گڻ ئي سڀيت جو بنياد آهن.

هما: نَوَ ئي ڇو؟

پوپٽي: ڇو ته نَوَن کان مٿي انگ ٿيندا ئي ڪونه آهن. نَوَن (٩) کان پوءِ ته انگن جو فقط دهراءُ آهي.

جاگيردار. (کلندي) اوهه! ڏهه يعني هڪ ۽ ٻڙو. ائين؟

(سڀ مرڪن ٿا.)

دوي: ۽ اهي نَوَ گڻ ڪهڙا آهن؟

پوپٽي: پهريون: هرڪو سنڌي راءِ ڏياچ آهي. سر جو سانگو نه ڪري قربان ٿي ويندو.

ٻيو: سنڌي سڀ جو خير چاهي. پهريون ٻئي جو پوءِ پنهنجو خير چاهيندو.

(سڀ ٽهڪ ڏين ٿا، پر پوپٽيءَ جو ٽهڪ سڀني کان وڌيڪ زوردار آهي. ڪئميرا پوپٽيءَ جي ٽهڪ ڏيندڙ چهري تي ڪلوز.)
(ڪٽ)

....

درشيه - ٤٠   پوپٽيءَ جو ڪمرو   ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. هوءَ ڏاڍي تمنا سان "عزيز" جو غزل ڳائي رهي آهي. ڪئميرا ڪجهه پل بڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هوءَ صوفي تي ويٺي آهي. کاٻي هٿ جي مٺ ڀيڪوڙيل اٿس ۽ ساڄي هٿ جون آڱريون ان جي مٿان رکي ڏسٽيءَ ۽ وچينءَ آڱر سان تال رکي رهي آهي.

پوپٽي: صورت جو ناهي سانگ سنائي نه مارجانءِ
هر هر جهان دل جو نچائي نه مارجانءِ
صورت ......

(زنانو " واه - واه " جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو. ڪئميرا ڪجهه وڌيڪ پل بڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته پوپٽيءَ جي سامهون هڪ صوفا چيئر تي پڳونتي ناواڻي ويٺي آهي. پوپٽيءَ جي عمر پنجاهه سالن جي ارد - گرد آهي ۽ پڳونتي اٽڪل پنجٽيهن کن سالن جي. هنجي چهري تي هميشه جيان مرڪ آهي ۽ ڏاڍو خوش نظر اچي رهي آهي.

پوپٽي: ١- اي نُور - حسن! هڪ جا نظر باز ٿيا هزار،
نيڻن جو نيهن دل کي اڳائي نه مارجانءِ
صورت ......

٢- هيءَ دلبري چوان ڪ چوان مان ستمگري
هِنَ هُنَ سان پيچ پيار جو پائي نه مارجانءِ
صورت ......

ٻوڙني: جيڪڏهن اِئين ناهي ته پنجابي ۽ بنگالي هندستان واري پاسي ڇو ڀڄي آيا؟ توهان لاهور جي بجاءِ امرتسر ۾ رهڻ ڇو بهتر سمجهيو؟ ڍاڪا ۾ رهندڙ هندو ڇو ڪلڪتي هليا آيا؟

جاگيردار ۽ ڊوي: (تاڙيون وڄائيندي) هيئر، هيئر...

هدا: اُتي خون جون نديون وهڻ لڳيون هيون. مذهبي تعصب اِنساني خون جو پياسو ٿي پيو هو...

ٻوڙني: ۽ اهو ساڳيو اِنساني خون جو پياسو مذهبي تعصب سنڌ ۾ به پهچي رهيو هو... سنڌي مسلمان اوترا خونخوار درندا ڪونه آهن. پناهگيرن جي آمد حالتون بيحد خراب ڪري ڇڏيون.

(سڀ چپ آهن. ٻوڙني ڪجهه دير ساهه پٽي ٿي.)

ٻوڙني: سڀ کان وڏو افسوس مون کي پنهنجن اڳوانن جو آهي. هنن ڇو سڄي جي سڄي سنڌ پاڪستان جي حوالي ڪري ڇڏي، جڏهن ڪ ٿرپارڪر ضلعي ۾ هندن جي گهڻائي هئي؟ ڪٿي ميجي نه به هئي ته به ڇا هنن جو اِهو فرض نه هو ته سنڌي هندن لاءِ سنڌ ۾ ئي ڪنهن زمين جي ٽڪري جي گهر ڪن؟

جاگيردار: توهان سنڌين جي سهنشيلتا جي اڳيان مان نت-مستڪ آهيان... توهان جي جاتيءَ جي گڻن ۽ پيڙائن کان اسان هتان جا ماڻهو بلڪل ناواقف آهيون... ٽوٽلي اگنورنٽ... ڪمپليٽلي اِن ڊارڪنيس....

ٻوڙني: دنيا جي سڀني ڌرمن ۾ هندو وڏيڪ سهنشيل آهن... (مرڪي ٿي) ۽ هندن ۾ وري سنڌي وڌ ۾ وڌ سهنشيل آهن!

ڊوي: نو ڊائوٽ.

ٻوڙني: مصيبت اِها آهي جو اسان جي سهنشيلتا ڪائرتا جي دائري ۾ داخل ٿي وئي آهي!

ٻه ناهي سگهندي آهيان. ڪار جي نج ٽانوَ جي مهنت شانتيءِ
ٽڏاٽيءَ ڪي ضرور ڏنو هوندءِ. اُها منهنجي مائٽياڻي آهي.
ڪيس ڪيترن ئي ٻچن جون ڏنون مون ناهي ڏٺيون آهن.

ڀڳونتي: دادي، اها ته مونکي بلڪل خبر ڪونه هئي.

ٻوپتي: اِنسان، اِنسان جي باري ۾ ڄاڻي ئي ڇا ٿو؟ اسان
هڪ ٻئي بابت فقط مطلب واري ڄاڻ رکون ٿا.

ڀڳونتي: صحيح ٿا چئو. دنيا ئي مطلبي آهي.

ٻوپتي: غزل جي گائڪي سکڻ لاءِ مون هڪ اُستاد ٻه رکيو.
حيدرآباد دکن جو مشهور غزل - گوُ اسلم خان گهر ۾ سيکارڻ
ايندو هو.

ڀڳونتي: تڏهن توهان جي غزل ۾ ايترو سوز ۽ درد محسوس
ٿيو! غزل جي ڌن ٻه توهان ناهي آهي؟

ٻوپتي: هائو. غزل جي ڌن ناهڻ وقت اِهو خيال رکڻو پوندو
آهي ته غزل، غزل مان بدلجي گيت نه ٿي پوي! مرزا غالب
جي هڪ مشهور غزل جو ستياناس ان طرح شنڪر - جئڪشن
ڪيو آهي هڪ فلم ۾. ”يه نه ٿي هماري قسمت“ جهڙي
درديلي غزل کي ڊانسنگ ٽيوُن (Tune) ڏيئي هلڪو - ڦلڪو
گيت بڻائي ڇڏيو اٿائون. ڪن - رس ٻرابر وڌي ويو آهي پر غزل
جي روح پائمال ٿي ويئي آهي. مان پاڻ غزل سان اهڙا تجربا
ڪرڻ جي خلاف آهيان.

ڀڳونتي: خوشامد ۽ ڪوڙي ساراهه ڪلاڪار لاءِ موت ثابت
ٿيندي آهي. ماڻهو ته منهنجيءَ ساراهه مان ڀاپجندا ئي ڪونه
آهن. پر مان چاهيان ٿي ته توهان پنهنجا خيال ٻڌايو. گائڪا
طور مان ڪٿي بيٺي آهيان؟

ٻوپتي: تر ٻڌ. لاڏا ۽ هلڪا ڦلڪا گيت ڳائڻ لاءِ گلي جو
مٺاج ڪافي آهي. پر ڪلام ڳائڻ لاءِ سوز کپي. تنهنجي آواز

٤- آهين قريب جيترو تي تيترو نه دور،
دل ۾ رهي اکين کي مڻجهائي ته مارجانءِ
صورت ......
٥- منهنجو فقط نه تي تو سڏيو مونکي ڇو عزيز؟
هر جا وڻندڙ سان پيار پڻائي نه مارجانءِ.
صورت ......

ڀڳونتي: (گد گد ڪندي سان) دادي، منهنجي گلي ۾ ايترو اثر، ايترو سوز ۽ درد ڪٿان پيدا ٿيندو؟ ڪيئن پيدا ٿيندو؟

پوپٽي: رياض ۽ ڪنهن ڪامل اُستاد جي سنوار. فقط آواز جو مٺو هئڻ ئي سڀ ڪجهه ناهي. آواز ۾ سوز و گداز گهرجي، تڙق ۽ بيقراري هئڻ گهرجي. پنهنجي درد ۽ دانهن کي ٻئي جي دل تائين پهچائڻ جو فن هجي......

ڏات کهڙي هجي نه جنهن ۾ ڏانءُ؟

ڀڳونتي: واه! ڏات کهڙي هجي نه جنهن ۾ ڏانءُ؟ برابر دادي، رياض ئي ڏات کي ڏانءُ ڏئي ٿو. پر مصيبت اها آهي جو مون وٽ وقت ئي ڪونهي. هڪ هنڌان پروگرام ڏيئي ٿي اچان ته پنجن هنڌان سڏ ٿا اچن. رياض لاءِ وقت ئي ڪٿي ٿو ملي.

پوپٽي: جيڪڏهن چاهين ٿي ته سنگيت ڪلا جي اونچاين کي ڇُهين ۽ گهرائين کي ماپين ته وقت ڪڍڻو ئي پوندءِ. اسٽيج جو پروگرام ڪلا جون آخرين حدون ڪونه آهن.

ڀڳونتي: مان به اهو سمجهان ٿي .... ڪوشش ڪنديس....

پوپٽي: مون کي ڏس. سنگيت سان منهنجو ٻچپن کان چاهه آهي. مون کي ننڍي هوندي کان ڳائڻ جو شوق آهي. ڪيترن کي خبر به ڪونه هوندي ته مان دلربا، بئنجو، هارمونيم ۽ ستار وڄائڻ ننڍي هوندي کان ڄاڻان. مان گيتن ۽ غزلن جون ڌنون

پوڄنڌي: ستارام، هن دفعي ڪاليج ۾ مان پنهنجيءَ هڪ لکيل ڪويتا کي بحث جي صورت ۾ پيش ڪرڻ ٿي چاهيان. ڪويتا جو عنوان آهي: ڪنيا، ڪنوار ۽ ڏرم جي ڪٿا. شايد تو اها ڪويتا پڙهي به هجي. مون ان جون ڪجهه زيروڪس ڪاپيون ڪرائي رکيون آهن. هان وٺ، هيءَ ڪاپي تون پاڻ وٽ رکه... (پوڄنڌي ميز تان هڪ ڪاپي کڻي ستارام کي ڏئي ٿي. ستارام ڪاپيءَ تي سرسري نظر وجهي ٿو.)

پوڄنڌي: ڪويتا اڄ جي ساماجڪ براين ۽ ڏرم جي نالي ۾ ناهيل حيواني ريتين رسمن کي ٽڪائيءَ سان چيري ڦاڙي ٿي... تون سڀ ڪويتا پڙهندين ته پاڻيهي محسوس ڪندين ته اڄ جي سماج عورت جي ڪهڙي حالت ڪئي آهي.

ستارام: (پني تي هڪ هنڌ اِشارو ڪندي) توهان جي ڳالهه کي هيءَ هڪ پئرا ئي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.... (پئرا پڙهي ٿو.)

ڏرم موجب
هندستاني ڪنيا جي شادي
هڪ مرد سان نه
بلڪ هن جي سڄي ڪٽنب سان ٿئي ٿي،
ان ڪري
سياري جي سخت ٿڌ هجي
ته پاڻيءَ ۾ هٿ وجهي
مون کي
سڀني ڀاتين جي ڪپڙن جي مٿل ڪڍڻي
انهن کي ڌوئڻو آهي.
ٻڪهر ٻارينڌڙ گرمي هجي
ته مون کي
باهه جي ڀر ۾ ويهي
سڀني لاءِ روٽيون سيڪڻيون آهن...

۾ سوز جي ڪمي آهي. هاڻي هيئن ڪر. سنڌ ۾ جيڪي به ڳائيندڙ آهن اُنهن جي آواز کي ڌيان سان ٻڌ ۽ پنهنجي آواز ۾ سوز ۽ سڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪر.

پڳوڻتي: مان ضرور ڪوشش ڪنديس.

پوپٽي: هرهڪ گيت، غزل يا ڪلام ڳائڻ وقت مرڪڻ ضروري ڪونه آهي. ڳائڪ جي عادت ڪلا لاءِ رنڊڪ بڻجي پوندي آهي. ڳائڻ وقت يا ته چهرو نرو ڪار هجي يا ڪلام جي ڀاوَ سان ميل کائي اچي.

پڳوڻتي: دادي، ڳائڻ وقت مرڪڻ جي عادت پئجي وئي آهي.

پوپٽي: عادت ٽوڙ. هڪ ٻي ڳالهه. گروانيءَ مان ڪجهه شبد ۽ پڙهن به ڳائڻ سک. ڪيترائي سنڌي گرنت صاحب جي ٻاڻي ٻڌڻ چاهيندا آهن.

پڳوڻتي: برابر. ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ماڻهن وٽان گرنت صاحب مان ڪو شبد ٻڌائڻ جي فرمائش به آئي آهي... مان ان طرف هاڻي ضرور ڌيان ڏينديس.

(ڪئميرا ڪلوز پڳوڻتيءَ جي مرڪندڙ چهري تي.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه – ٤١ پوپٽيءَ جي فلئٽ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوپٽي ۽ سترام روهڙا هڪ ٻئي جي سامهون صوفا چيئرس تي ويٺا آهن. پاسي کان هڪ ننڍي ٽيبل به پيئي آهي جنهن تي ڪجهه ڪتاب ۽ پنا پيا آهن. پوپٽيءَ جي عمر پنجاهه ۽ پنجونجاهه سالن جي وچ ۾ آهي. سترام روهڙا کي چوغو – پاجامو پيل آهي. ٻئي ڪنهن پروگرام جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهن.

ڪئميرا ڪلوز هڪ ٻالڪا جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته ڇهن ستن سالن جي هڪ ٻالڪا راند ڪري رهي آهي، نچي - ٽپي رهي آهي. هوءَ تمام خوش آهي. اوچتو ڪـل ڪـل ڪنديون ڪجهه ٻيون ٻالڪائون به اچي ٿيون وڃن ۽ سڀ ملي ڪري گول ڦيريون پائين ٿيون.

آواز: (زنانو) مان جڏهن ڪنيا هيس
ڏاڍي خوش هيس
پر ڌرم چوي ٿو ته

آواز: (مرداڻو) ڪنيا کي ڪنوار ضرور بڻائڻو آهي
نه ته اَڌرم ٿو ڦهلي ...

(چوگرد ڌنڌ ڇانئجي ٿو وڃي. راند ڪندڙ ٻالڪائون گم ٿي ٿيون وڃن. ڌنڌ ئي ڌنڌ. شهنائيءَ مان درديلا سُر نڪري رهيا آهن. اوچتو سنگيت بدلجي ٿو ۽ شهنائيءَ مان شاديءَ جا سُر نڪرن ٿا.)

(استريءَ جي آواز ۾ ڪويتا پاٺ. ان سان گڏ نرتيه سنگيت چالو رهي)

٢- ان ڪري
مونکي ڪنوار بڻايو ويو
پوتر اگنيءَ جي سامهون
هنجي ۽ منهنجي
ڪپڙن ۾ ڳنڍ ٻڌي وئي
منتر برهمڻ پڙهيا
۽ منترن ۾ اُچاريل قسم پڻ
برهمڻ ئي ڪنيا
مگر شادي اسان ٻنهي جي ٿي.

(رنگ منچ تي ڏيکاريا ويندڙ درشيه)

نائڪا ڪنوار جي ويس ۾ نرتيه ڪري رهي آهي. گهوٽ به نرتيه ڪندو اچي ٿو. ٻئي گڏجي نرتيه رستي پلي - پلؤ ٻڌجڻ، ڦيرا پائڻ ۽ ويڙهي پڙهجڻ جو ڀاڱو - پردرشن ڪن ٿا.
(سنگيت چالو آهي)

پوپٽي: مون کي تنهنجي ۽ ڀڳونتيءَ جي آوازن جي ضرورت پوندي ...

سترام: ٺيڪ آهي. مان توهان لاءِ وقت ڪڍي سگهندس.

پوپٽي: ڀائي، اڄ ڪلهه تون فلمن ۾ ڏاڍو بزي ٿو رهين، ان لاءِ ڊپ هو ته متان وقت نه ڪڍي سگهين.

سترام: ماڻهو ڪيترو به بزي هجي، پر دل هوندي آهي ته وقت پاڻيهي نڪري ايندو آهي.

پوپٽي: ڀڳونتيءَ سان ڪالهه ڳالهايم. ان به مڃيو آهي. ڀائي، مان ته توکان سواءِ ڀڳونتيءَ جي ۽ ڀڳونتيءَ کانسواءِ تنهنجي ڪلپنا به ڪونه ڪري سگهندي آهيان. توهان ٻنهي جي ڳائڻ ۾ حد کان وڌيڪ هم-آهنگي مون محسوس ڪئي آهي. مون کي ته توهان ٻئي هڪ ٻئي کان سواءِ اڌورا ۽ بيسرا لڳندا آهيو ....

(ٻئي کلن ٿا.)

سترام: ڪي ماڻهو چوندا آهن ته منهنجو آواز ٻسو ۽ ڀاڙو آهي. شايد انهن مونکي ڀڳونتيءَ سان گڏ ٻڌيمت ۾ نه ٻڌو هوندو. (مرڪي ٿو) سولو (Solo) ٻڌو هوندائون.

پوپٽي: چسا هوندا اهي ماڻهو. اهڙن ماڻهن جي آلوچنا تي ڌيان نه ڏيندو ڪر .... تنهنجي آواز ۾ ڪشش آهي ۽ ٻي ڳالهه ته تنهنجو آواز نج سنڌي آواز آهي ۽ ان ۾ سوز ۽ ڇڪ ڀريل آهي.

سترام: شڪريه.

پوپٽي: ان ڪري تنهنجو آواز سنڌي لاڏن، ڀڄڻن ۽ کهڙي به قسم جي لوڪ گيتن لاءِ سؤ في صدي موزون آهي.

(ڪٽ)

... ...

اڳئي تي ڦهلائي
(اِستريءَ جي سوڙ ۾)
هوءُ منهنجيءَ ڀر ۾
نه هوندو هو ......
(سڏڪا ـ سڏڪا ـ سڏڪا)

٥ـ جيو ته ڌرم موجب
هندستاني ڪنيا جي شادي
هڪ مرد سان نه
بلڪ هن جي سڄي ڪٽنب سان
ٿئي ٿي ـ ان ڪري
سياري جي سخت ٿڌ هجي
نه پاڻيءَ ۾ هٿ وجهي مونکي
سڀني ڀاتين جي ڪپڙن جي
مٿل ڪيڏي
انهن کي ڌوئڻو آهي
پگهر ڳاريندڙ گرمي هجي
نه مون کي
باهه جي ڀر ۾ ويهي
سڀني لاءِ روٽيون سيڪڻيون آهن

نوٽيس ۾ پساڳ ـ پوڊرشن. نوٽيس سان گڏ سنگيت به هلندو رهي ٿو.

(ڪٽ)

درشيه ـ ٤٢/ب   ڪمرو (اندر)   رات

ڪئميرا ڪلوز نائڪا جي چهري تي. هن جو سر جهڪيل آهي. ڪئميرا پل ٻڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته نائڪا ميرن ڪپڙن ۾، ڏکي حالت ۾ زمين تي ويٺي آهي. هن جي چوگرد گهيرو ٺاهي جلادن وانگر سهرو، سس، نڻاڻ، ڏير ۽

٣- شادي؟
جيڪا هن جي غرض آهي
غرض
جيڪا هر مرد کي زال ۾ ٿڻي ٿي
مگر پوءِ به هن
منهنجن مائٽن کان
مٺيا ڪپڙا ۽ سوکڙيون طلبيون
منهنجن مائٽن ڏنڊ طور
اهو سڀ ڪجهه
سون ۽ چانديءَ سميت
ڏنو، جو هن گهريو.
ڇاڪاڻ ته
ڌرم - انوسار
ڌيءَ پيدا ڪرڻ وارا
ڏوهي ٿين ٿا.

گهوٽ - ڪنوار جو نرتيه ۾ خوشيءَ ۽ لڄ جو ڀاوَ-پردرشن. ڪجهه ساهيڙيون به گول ناهي نرتيه ڪن ٿيون ۽ پوءِ ڪيترڙيون ئي نرتڪيون مٿي تي ڏاج جو سامان کڻي هڪ طرف کان ٻئي طرف ڏانهن نرتيه ڪنديون وڃن ٿيون.

پٺي - پسندي اڪيلا آهن. نرتيه جي رستي سهاڳ رات جو پردرشن. ڪجو راهو جي ڪن مدرائن جو نرتيه رستي ڏيکاريو وڃڻ.

(سنگيت چالو آهي)

٤- (پوش جي سوَر ۾ ڪويتا پاٺ)
جڏهن هوائن گيت پئي ڳايا
۽ بادلن موتي پئي لٽايا
جڏهن سانجهيءَ جي پورئين
تاري پئي مشڪيو
۽ صبح جي هير
گلن جي سرهاڻ کڻي پئي آئي
جڏهن چنڊ چانڊنيءَ کي
ڀاڪر ۾ پئي ڀريو
۽ سورج سونهري ڪرڻن واري

نائڪا جو ڀاو - پردرشن. نرتيه کي آڌار ڏيڻ لاءِ ڪوتا - پاٺ سان گڏ ئي ڌيمو ڌيمو نرتيه - سنگيت هلندو رهي ٿو. پٺوا جي انت ۾ سڏڪن وقت نائڪا اُٿي دکي هئڻ جو ڀاو ڏيکاري ٿي ۽ پنهنجين ٽوڻ سان کڻي ٿي منهن ڍڪي.

نائڪا: بابا، منهنجا پيارا بابا،
مان واپس اچان؟

ڇني: بابلي، تون اهڙين
پيٽين ساري ڄمار
ڪنواري رهجي ويندي
اسان جي سماج ۾ ڌرم
انهن ئي بڻيل آهي.

(ڪٽ)

درشيه – ۴۲/پ　　　رنڌڻو (اندر)　　　رات

ڪئميرا ڪلوز نائڪا جي چهري تي. هوءَ ڪُڙهيون چيخون ڪري رهي آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته نائڪا رنڌڻي ۾ جلي رهي آهي ۽ رڙيون ڪري رهي آهي. رنڌڻي جو دروازو بند آهي. باهه. باهه. سڄي پردي تي باهه ئي باهه ۽ ان جي وچ ۾ ڦٿڪندڙ جسم!

(ڪٽ)

درشيه – ۴۲/ب　　　اسپتال جو ڪمرو (اندر)　　　ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز مڙس جي چهري تي. هن جو منهن لٿو پيو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته جليل نائڪا اسپتال جي بستري تي پيئي آهي. هن جو سڄو بدن چادر سان ڍڪيو پيو آهي. منهن تي به پٽيون ٻڌيون پيئون اٿس. هوءَ پٽين ۾ ويڙهيل هڪ مردو لڳي رهي آهي. سهرو، سس، مڙس، ڏير، نڻان سڀ هنجي پلنگ جي آس-پاس بيٺا آهن. هو سڀ ڪافي ڏکيل ۽ روئڻهارڪا لڳي رهيا آهن.

سهرو: ڌيئڙي، بابلي، ٻچڙي،
پوليس جي اڳيان سچ
اسٽو تي رڌيندي
مون کي باهه وڪوڙي ويئي!

مڙس بيٺا آهن. نائڪا ٿر - ٿر ڪنبي رهي آهي.

سهرو: ڪٿر ٿي. وڃ. ڪٿي آهي؟

سس: ڦرج ڪڏهن ايندي؟

ڏير: مونکي اِسڪوٽر ڪڏهن ملندو؟

نڻان: ويڊيو وسري وين ڇا؟

مڙس: پنهنجي وٽان فليٽ جي چابي ڪڏهن ملندي، جيڪو اسان جو پنهنجو گهر ٿيندو؟

(ڪئميرا ڪلوز نائڪا تي. هوءَ خاموش آهي ۽ ڏڪي رهي آهي.)

سهرو: تون نياڳي آهين.

سس: ڇنال، سڀن جي ڏيءَ، ڪني ڪُتي....

ڏير: منهنجي جوءِ هجين ته هيئن جو لت هڻانءِ ته سڌو انهن ڪتن جي وچ ۾ وڃي ڪرين.

نڻان: مائٽ سڀ سڪٽا اٿيئي ته يارن کان ئي وٺي ڏي.

(مڙس نائڪا کي ٻه - ٽي چماٽون هڻي ٿو. نائڪا ڏڪندي ڪائي پٽ تي ڪري پوي ٿي.)

(ڪٽ)

درشيه - ٤٢/ب ڪمرو نائڪا جي پيڪي گهر ۾ (اندر) ڏينهن ڪئميرا ڪلوز جتيءَ تي جيڪا چائنٽ ڪان ٻاهر پيئي آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري مٿاهينءَ ڏانهن ٽلٽ (Tilt) ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته نائڪا ۽ سندس ماءُ پلنگ تي ويٺيون آهن ۽ نائڪا جو پيءُ سامهون ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. نائڪا جا ماءُ - پيءُ پڙهيل لکيل ۽ جديد قسم جا لڳي رهيا آهن.

نائڪا: اَما، منهنجي پياري اَما،
مان واپس اَچان؟

ماءُ: (روئندي) ڌيئڙي، ڏولي هتان وڃي ٿي،
اَرٿي اُتان اچي ٿي،
ڌرم اِئين ئي چوي ٿو.

فيڊ - اِن

درشيہ -٤٣/الف آسمان (ٻاهر) ڏينهن

لانگہ شاٽ. اسان ڏسون ٿا تہ آسمان ۾ هڪ هوائي جهاز اُڏامندو وڃي رهيو آهي.

(ڪٽ)

درشيہ -٤٣/ب هوائي جهاز (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوڄيءَ جي چهري تي. هوائي جهاز جو اندريون درشيہ. پوڄي هوائي جهاز ۾ دريءَ جي اڳيان ويٺي آهي. ڪئميرا سندس چهري تي ڪلوز آهي ۽ سندس ئي آواز اوور لئپ ڪري ٿو. پوڄي پاڻ خاموش آهي اسان سندس خيال ٻڌي رهيا آهيون.

پوڄي: (سندس آواز پر پاڻ چپ) منهنجي پير ۾ چڪر آهي. مان هڪ زبردست گهمڪڙ آهيان. جن شخص دنيا تي ڏاڪو ڄمايو آهي، اهي وڏا گهمڪڙ هئا. گوتم، شنڪرآچاريہ، نانڪ، وويڪانند، ساڌو واسواڻي. انهن مان هرهڪ گهمي گهمي دنيا جون دليون جيتيون. اڄ دنيا انهن کي ياد ٿي ڪري ڇو تہ هڪ ڏينهن انهن گهمي گهمي دنيا جي سيني تي پنهنجي ڇاپ هڻي هئي. مان تہ گهمڻ کي بہ هڪ ڌرم سمجهندي آهيان. گهمندڙ کي لڳندو تہ سڄي دنيا هڪ آهي، سڀ انسان هڪ آهن، سڄي انسان - ذات جا قوت بہ هڪ جهڙا آهن تہ خطرا بہ هڪ جهڙا آهن! مون ۾ گهمڻ جي هير ننڍي هوندي کان ئي پئجي ويئي هئي. منهنجو پتا گشت تي ويندو هو ۽ ٻہ - ٽي دفعا مون کي بہ پاڻ سان گڏ گهمڻ ۾ وٺي ويو. ننڍي هوندي ٿي ڪوئيٽا ڏٺم. ”زيارت“ ۽ ”چمن“ جون هل - اسٽيشنيون ڏٺم. حيدرآباد جي چوگرد هئا ٽنڊا. ٽنڊو قيصر، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار! ماستري ڪيم تہ ڪڏهن هِنَ ٽنڊي ۾ تہ ڪڏهن

(سڀ ڪنڌ ڦوڙي ڪيس اِهو اِشارو ڪن ٿا. نائڪا پلنگ تي مردن وانگر ويٺي آهي.)

(ڪٽ)

درشيه -٤٢/ت رنگ منچ (اندر) رات

(استريءَ جي آواز ۾ ڪورس - پاٺ. ان سان گڏ نرتيه لاءِ سنگيت به هلندو رهي ٿو)

استري: وري هڪ ڀي
ڌرم پتني ايندي
وري ساڳي کهاڻي دهرائبي
وري هڪ وار
ڌرم ۽ ڪنيا جي ڪٿا واچبي
ڌرم، جو صدين لاءِ ڪر
مرد سان پاسخاطري ڪري ٿو
۽ زال مٿان اتياچار ڪرائي ٿو.
ڀلا اِئين ڇو نه ٿو ٿئي
ته جيئن اوءُ صرف پتي آهي
تيئن مان صرف پتني هجان
مون سان ڌرم لاڳو نه هجي
اِئين جيئن هن سان لاڳو نه آهي؟
مون سان ڌرم لڳايو وڃي ٿو
ته مان مظلوم بڻجي وڃان ٿي
صديون گذري ويئون آهن
۽ مان اڃا به مظلوم آهيان
ڇو ته مان ڌرم-پتني آهيان!

(منچ تي ڏيکاريا ويندڙ نرتيه جا درشيه)

ڪئميرا ڪلوز نائڪا جي چهري تي. ڪئميرا پل ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هوءَ ڪورس - پاٺ جي آڌار تي ڀاوَ - پرڌرشن ۽ سنگيت جي آڌار تي نرتيه ڪري رهي آهي.

(فيڊ آئوٽ)

... ...

ٿي. ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هڪ ڪار
اُتي اچي بيهي ٿي جنهن مان پوپٽي، موتي ۽ نارائڻ هيٺ
لهن ٿا. پوپٽيءَ جي عمر چوويهه کن سال آهي. موتي پنجاهه
کن سالن جو ۽ نارائڻ چاليتاليهن کن سالن جو آهي. ٽيئي رايل
هوٽل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اڳتي وڌن ٿا.

(ڪٽ)

درشيه - ٤٤/ب   لابي (اندر)   ڏينهن

ميڊيم شاٽ. اسان ڏسون ٿا ته پوپٽي، موتي ۽ نارائڻ لابيءَ مان
لنگهندي ڪمري ڏانهن وڃي رهيا آهن. ڪيترائي جاپاني اچ-
وڃ ڪري رهيا آهن. ڪجهه جاپاني ڇوڪريون جيڪي هوٽل
۾ ڪم ڪنديون آهن، اهي به اچ-وڃ ڪن ٿيون.
ڪئميرا هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ هڪ جاپاني ڇوڪريءَ تي. هوءَ
گوري، ننڍڙي ۽ فضيلت واري آهي. هوءَ ساڄو هٿ ڇاتيءَ
۽ پيٽ جي وچ واريءَ جڳهه تي رکي، جهڪي، چپن ۾ آهستي
جاپاني ٻوليءَ ۾ هنن جو سواگت ڪري ٿي. موتي هن کي جاپانيءَ
۾ ئي ڪجهه جواب ڏئي ٿو پر نارائڻ ۽ پوپٽي چپ آهن. ڪجهه
اڳتي وڌڻ تي ٻي ڇوڪري به ان طرح هنن جو سواگت ڪري
ٿي. ان کي به موتي جواب ڏئي ٿو پر پوپٽي ۽ نارائڻ چپ
آهن. ٽيئي اڳتي وڌندا رهن ٿا. ڪئميرا هنن سان گڏ ئي
پئننگ ڪري ٿي.

(ڪٽ)

...   .

درشيه - ٤٥/الف   رايل هوٽل ۾ ڪمرو (اندر)   ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ
ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته پوپٽي صوفا چيئر تي ويٺي
آهي. آس پاس ٻين چيئرس تي نارائڻ ۽ موتي ويٺا آهن.

هن ٽنڊي ۾ پيو وڃبو هو. موئن جو دڙو به ڏٺم. پر افسوس آهي جو بيمار هئڻ سبب پوريءَ طرح نه ڏسي سگهيس.

١٩٦٠ کان پوءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا سان وابسته ٿيڻ ڪري دورا ڪرڻا پوندا هئا. سميلن، سيمينار يا ڦانڪ. اُتسو جي ڪري ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ وڃڻو پوندو هو. گانڌيڌام، احمدآباد، ڄيپور، اجمير، اُڄين، اندور، ڀوپال، ڪانپور، لکنو، ڪلڪتو، بنگلور الائي ڪيترن شهرن ۾ ٿڪي آهيان.

ڀارت کان ٻاهر به ڪافي گهمي آهيان. ١٩٦٠ ۾ ٿي مون سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول جي ماستري ڇڏي ۽ پهريون دفعو سنگاپور پهچي ڀاڻ موٽيءَ وٽ ويس. اُتان هانگ ڪانگ ويس... ۽ پوءِ ته بس ٻاهرين ملڪن جو سير و سفر شروع ٿي ويو...

(ڪٽ)

درشيه - ٤٣/ب   تصويرون

هن درشيه ۾ پوئتيءَ جي گهميل ملڪن يا شهرن جي ڪنهن مکيه جڳهه جي تصوير ڏيکاري ان جي هيٺان ان ملڪ يا شهر جو نالو ڏنو ويندو.

تصوير - بئنڪاڪ
تصوير - مليشيا
تصوير - انڊونيشيا
تصوير - انگلينڊ
تصوير - اسپين
تصوير - پئرس

(ڪٽ)

... ...

درشيه - ٤٤/الف   رايل هوٽل (ٻاهر)   ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز "رايل هوٽل" جي جاپاني ڀاشا ۾ لکيل نالي

پيٺون آهن. گهڻو ڪري سڀ ميزون ڇٽن ڪرسين واريون ئي آهن. ڪيترائي ماڻهو لنچ ڪري رهيا آهن. سرو (Serve) ڪندڙ ڇوڪريون هيڏانهن هوڏانهن ڦڏڪ ڦڏڪ ڪري ماڻهن کي اٽينڊ ڪري رهيون آهن.

ڪئميرا هڪ ٽيبل کي ڪَوَر ڪري ٿي جنهن جي آس پاس ڪرسين تي پوپٽي، موتي ۽ نارائڻ ويٺا آهن.

موتي: هي ملڪ اُتيئي ماس خورن جو. تون ويشنو آهين، هتي بُک مرڻو پوندءِ.

نارائڻ: يا فقط ڪافيءَ ۽ آئيسڪريم تي گذر ڪر.

پوپٽي: جيئن ڪيان پيئي ٿي.

(ان وقت هدن جي ميز جي اڳيان هڪ ڇوڪري اچي ٿي ۽ موتيءَ ۽ نارائڻ جي اڳيان مڇي، ڇانورن مان ٺهيل سئنڊوچ ۽ ڇانورن مان ئي تيار ٿيل شراب جي بوتل ۽ پيالا رکي ٿي ۽ پوپٽيءَ جي اڳيان آئيسڪريم جو پيالو رکي ٿي وڃي. موتي ۽ نارائڻ پوپٽيءَ ڏانهن مرڪي نهارين ٿا ۽ لنچ شروع ٿا ڪن. پوپٽي عجيب قسم جو منهن بڻائي آئيسڪريم ڳلي کان هيٺ ٽڪي ٿي.

موتي: چينائي گهڻو ڪري گوشت ڪونه کائيندا آهن. چينائي چست ضرور آهن پر انهن جي پيٽ ۾ جاپاني وڏيڪ چست آهن ۽ جاپاني هر قسم جو گوشت کائيندا آهن. خاص ڪري بيف (ڳانءِ جي گوشت) جا ڏاڍا شوقين آهن. ڳانءِ کي مالش ڪري، بيئر پيئاري پوءِ ڪُهن ٿا جيئن اُنجو گوشت وڏيڪ لذيذ ٿئي!

پوپٽي: مونکي آئيسڪرم به ڪائڻ ڏيندين يا اِها به ڦٽي ڪٽي ڪيان؟

موتي: (پنهنجي ئي مستيءَ ۾) جاپاني ڪافي هلڪا ڦلڪا آهن. خبر اٿيئي ڇو؟

پوپٽي: اسان کي ته پائي اهي جاپاني ٻه لفظ چوڻ ٻه ڪونه ايندا. هتي جون ڇوڪريون ته هر هر ٽيون سواگت ڪن. اسان ته سمجهيو ٿا وڃون ته آخر جواب ڪهڙو ڏيون.

ناراڻ: پوپٽي ٻڌ. سولي ڳالهه آهي. ڪوئي ڪجهه چوي ته اسان ٻه ڪٽي چپن ۾ پڙ- پڙ ڪنداسين ته، هري مائي مري ويندي. ڳالهه ٿي ايندي ۽ پت رهجي ايندي.

(موتي ۽ پوپٽي زوردار ٽهڪ لڳائين ٿا.)

موتي: پوپٽي، هتي سڀ بندوبست اٿيئي. ڌوٻي، ٽپال، مالش ڪندڙ ڇوڪري، روزانو سليپر، گائون، ٽٿ برش، پيسٽ، صابڻ، ڪريم، پئڊ، پين سڀ ڪجهه پاڻمرادو ملندءِ. ڪمرو ايئر- ڪنڊيشنڊ، ريڊيو، ٽيلي- ويزن، فون، پڙهڻ لاءِ ناول سڀ ڪجهه ميسر اٿيئي. لفٽ ۾ ٻه فون اٿيئي. ڪٿي اٽڪي پوين ته هڪدم ڪال ڪجانءِ.

(وگيان جو ڪمال ۽ سهوليتون ڏسي پوپٽيءَ جي ڇهري تي عجب جون ريکائون آهن. ناراڻ پنهنجو پاڻ ۾ مگن آهي. موتي اُٿي ٻٽڻن جي قطار جي اڳيان اچي ٿو.)

موتي: هن ٻٽڻ جو راز سمجهي ڇڏ. پهرئين سان ريڊيو هلندو، ٻئي سان ٽي. وي.، ٽئين سان بلب ٽڪو ٿي پوندو، چوٿين سان جهڪو ٿي ويندو...

ناراڻ: (کلندي) ۽ هن ٻٽڻ سان دماغ جا سڀ ٻٽڻ اُڏامي ويندا ۽ هوا لاءِ کڙڪيون کلي پونديون.

موتي: (ڳالهه جاري رکندي) هي ٻٽڻ دٻائيندينءَ ته پلنگ مٿي کڄي ايندو...

(ڪٽ)

درشيه-۴۵/ب رايل هوٽل جي ريسٽارنٽ ڏينهن

فل شاٽ. شاهي هال آهي، جتي سهڻي نموني ميزون ڪرسيون

دوزانو ٿي، جيئن مسلمان نماز پڙهڻ وقت گوڏن ڀر ويهندا آهن، هڪ گيشا گرل ويٺي آهي. هوءَ مغل شهزادين جهڙي حسين آهي. اکيون گلابي ۽ خمار ڀريل. بدن سنهڙو. عمر اٽڪل پنجويهه سال. کيس ڪمونو پهريل آهي. پاسي ۾ ڪڙتو ۽ پتلون پهريل هڪ ٻي جاپاني عورت به ويٺي آهي، دوزانو ٿي ڪري. هوءَ پوپٽيءَ سان گڏ آئي آهي انٽرپريٽر ٿي ڪري. هوءَ انگريزي ڄاڻندي آهي. سڀني وچ پيالن ۾ ڪيتريون ئي کاڌي جون شيون سجايون پيئون آهن.

پوپٽي: مون گيشا گرلس جي باري ۾ پڙهيو آهي ته توهانجي ملڪ جاپان ۾ ڪاموگوا نالي ندي آهي جنهن جي ڀرسان "پانٽو - چو" نالي هڪ محلو آهي جتي صدين کان ڇوڪرين کي گيشا بڻجڻ جي ترتيب ملندي رهي آهي. مان ان باري ۾ ڪجهه وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيان ٿي.

گيشا: اسانکي ننڍي هوندي کان وٺي اداڪاري ڪرڻ، نچڻ ۽ ڳائڻ سيکاريو ويندو آهي. اسان کي مرد جو رول ڪرڻ به سيکاريندا آهن. اسان مردن وانگر ئي ڳالهائي ۽ هلي چلي سگهنديون آهيون.

پوپٽي: هڪ ڇوڪري ڇا سڄي عمر گيشا گرل ٿي رهندي آهي؟

گيشا: (کلندي) سڄي عمر ڪيئن رهي سگهندي؟ نالو برابر گيشا ئي رهندس پر ڪم جي ورهاست ٿيل آهي. اسان ٽيهن سالن تائين نچڻ، ڳائڻ، اداڪاري ڪرڻ ۽ مردن کي خوش ڪرڻ جو ڪم ڪنديون آهيون. اسان مان گهڻين کي پنهنجا جدا گهر آهن. اسين اڪثر پنهنجن گهرن ۾ ئي رهنديون آهيون. مونکي پڻ پنهنجو گهر آهي.

پوپٽي: عمر چڙهي وڃيو ته پوءِ ڇا ڪريو؟

(پوپٽي موتيءَ ڏانهن نهاري ٿي.)

موتي: ڇو ته اُهي تمام ٿورو کائيندا آهن. پر کائيندا هر گهڙيءَ آهن.

ڏارائڻ: ڪهڙن جاپانڻ سان دل لڳي ويئي اٿيئي ڇا؟

(پوپٽي کلي ٿي.)

موتي: مون لاءِ چينائڻ ئي ڪافي آهي، ڇنگ! ڇنگ جي معنيٰ ته ايندي اَٿوَ نه؟

پوپٽي: توئي ٻڌايو هو ته ڇنگ معنيٰ صاف پاڻيءَ جي نهر. ڇنگ ڪٿان!

ڏارائڻ: اسان ڪي ته سنڌس هندوُ ڏالو ريڪا ئي پسند آهي، ريڪا هيراننداڻي! خالص حيدرآبادي عاملياڻي!

پوپٽي: جلدي کائي وٺو. ٻاهران ڪجهه خريداري به ڪرڻي آهي. بريڊ، ٻڌو ۽ ميوو ختم ٿي ويو آهي. سياڻي نه ته نيرڻ ڇا جي ڪنديس؟

ڏارائڻ: اڄ رات ”ڪاموگوا اودري“ شو تي به هلڻو آهي. ڪيڏيءَ نه مشڪلات سان ٽڪيٽون مليون آهن.

پوپٽي: اُهو گيشا گرلس جو شو؟

موتي: هائو.

پوپٽي: مان ته انهن گيشا گرلس کان انٽرويو وٺنديس. گيشا گرلس! نرتڪيون؟ يا طوائفائون؟

(ڪٽ)

... ...

درشيه-٤٦ گيشا جي گهر جو ڪمرو (اندر) شام

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پوپٽي پلٿي ماري پٽ تي وڇايل هڪ سهڻي ٽلائي تي ويٺي آهي. سنڌس سامهون

ڀٽي ها. تنهنجي نڪ جي ٽوٽيءَ کي سهلائي ها. ان طرح
تنهنجو دماغ هلڪو ڪري ها ۽ تناءُ دور ڪري ها.

گيشا: هيءَ ٺيڪ ٿي چوي. مرد کي مڪمل آرام ڏيڻ جي اسان کي ڪافي ٽريننگ ڏني ويندي آهي. اسان کي چڱيءَ طرح سمجهايو ويندو آهي ته بدن جي ڪهڙي حصي تي، ڪهڙي قسم جي ڇهاءُ يا دٻاءُ جو ڪهڙو اثر انسان جي دل و دماغ تي ٿيندو آهي.

پوپٽي: اسان جي پراچين پستڪن ۾ ڪام کي به هڪ مهان ڪلا مڃيو ويو آهي. لڳي ٿو ان تي عمل توهان ڪري رهيا آهيو.

(ٽيئي کلن ٿيون. ڪئميرا پوپٽيءَ جي ٽهڪ ڏيندڙ چهري تي.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه ــ ٤٧ سينگاپور: موتيءَ جي گهر ٻاهران باغ رات

ڪئميرا ڪلوز موتيءَ جي چينائڻ زال چنگ ڪُئان (ريڪا) جي چهري تي. ڪئميرا پُل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته ريڪا (٤٨) پيالن ۾ چانهه وجهي رهي آهي. ميز جي آس پاس ڪرسين تي موتي (٥٠)، نارائڻ (٤٦) ۽ پوپٽي (٥٦) ويٺا آهن. ريڪا کين ڳالهه تي مرڪي رهي آهي.

پوپٽي: چنگ ڪئان نالو ئي ميوزڪل آهي. ڪوئي گيتڪار چاهي ته انهن ٻن لفظن جو مکڙو ناهي ڪوئي مڌر گيت لکي سگهي ٿو.

نارائڻ: (ميز تي تال ونديي) چنگ ڪئان ـ چنگ ڪئان!
جلدي ڏي ـ چانهه پيـاان!
چنگ ڪئان ـ چنگ ڪئان!

(سڀ ٽهڪ ڏيئي کلن ٿا. ريڪا جي منهن تي شرميلي مرڪ آهي.

گيشا: عمر چڙهي وڃي ته اسان اسٽيج تي ساز وڃائيندڙيون آهيون، ڳائيندڙيون آهيون. مون ڪاڏو ڪارائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي. اڳي نديڙي هئس ته مرد راتِ به مون وٽ ٽڪندا هئا پر هاڻي اِئين ڪونه ٿئي. منهنجي گهر جي ٻاهران لڳل بورڊ تي سڀ ڪجهه لکيو پيو آهي.

ڊوپٽي: توهان کي ساماجڪ ڏر - ويوهار يا ايمان نه سهڻو پوي؟

گيشا: (مرڪندي) ڇاجو ساماجڪ ڏر - ويوهار ۽ ڇاجو ايمان؟ گيشا گرل بڻجڻ شرم يا ايمان جي ڳالهه ڪونه آهي. ڪنهن زماني ۾ وڏن وڏن خاندانن جون ڇوڪريون ملڪ جي لڙاڪو ۽ جانباز جوانن جي مَن بهلائڻ لاءِ حياتيءَ جا ڪي سال گيشا بڻجي گذاريندڙيون هيون. ان ڪم کي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سمجهيو ويندو هو.

ڊوپٽي: اڄ ڪلهه عام جاپاني ماڻهو ڇا ٿا سوچين؟

گيشا: اڄ به عام جاپاني ماڻهو گيشا گرلس ڏانهن نفرت يا حقارت جي ڀاونا ڪونه ٿا رکن. بلڪ اسان ڏانهن هوُ عزت ۽ فخر سان نهارين ٿا. ڪهڙي به پڌ واري مرد کي اسان وٽ اچڻ ۾ شرم يا هتڪ محسوس ڪونه ٿيندي آهي. جاپان ۾ گيشا گرلس جو سسٽم زندگيءَ جو هڪ انگ آهي.

ڊوپٽي: مان جيڪڏهن مرد هجان ها ۽ تون جوان گيشا هجين ها ته مون سان ڪيئن پيش اچين ها؟

گيشا: (مشڪندي) ان حالت ۾ مان تنهنجي پاسي ۾ ويهي ڏيري ڏيري ڪوئي مستيءَ ڀريو گيت ڳايان ها. نديڙا نديڙا گرهه ڪٽي توکي ناز ۽ انداز سان کارايان ها...

انٽرپريٽر ڇوڪري: (وچ ۾، ڪجهه شرارت مان) پورو نه ٿي ٻڌائي. ڪجهه بيو به ڪري ها. تنهنجي ڪن جي پاپڙيءَ کي

موتي: لڳي ٿو هي ڇوڪرو هندو ڌرم ۽ فلاسافيءَ ۾ گهڻي
دلچسپي وٺندو.

پوپٽي: ڀيمسين هنومان جو پڇ ته سُري نه سگهيو ڇو ته هن
کي پنهنجي ٻل تي گهمنڊ هو ۽ خبر ڪو نه هئس ته جنهن کي
هو هڪ معمولي ٻاندر سمجهي رهيو آهي اُهو رام جو پرم ڀڳت
هنومان آهي. وويڪ، نسوارٿ سيوا ۽ پريم انسان ۾ تمام گهڻي
شڪتي ڀري ٿو. سيوا ۾ ٻل آهي. پريم ۾ شڪتي آهي...
(فيڊ آئوٽ)]

... ...

فيڊ - اِن

درشيه -٤٨/الف ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز هڪ ريڊيو سيٽ تي. ان مان سنڌيءَ ۾ ڪائي
گهوشڻا ٿي رهي آهي.

گهوشڻا:... سال ١٩٨٢ جـو سنڌي ڀاشا لاءِ ساهتيه اڪاڊمي
پرسڪار مشهور ۽ لوڪ پريه ليکڪا پـروفيسر ڪماري پوپٽي
هيرانندڻيءَ کي سندس جيوني "منهنجي حياتيءَ جـا سونا
روپا ورق" تي ڏنو ويو...

(ڪٽ)

درشيه ٤٨/ب ڪمرو (اندر) ڏينهن

(پردي تي ڳالهائيندڙ جي تصوير ۽ نالـو ڏنو ويندو ۽ بئڪ
گرائونڊ ۾ سندس چيل لفظ اُچاريا ويندا)

پوپٽي: ڌيري ڌيري پنهنجين رچنائن جي حوالي ۾ مون ۾
وڌيڪ ۽ وڌيڪ آتم - وشواس جاڳندو ويو ۽ اُن سان گڏوگڏ
اُنهن رچنائن جي باري ۾ عزت گهٽجندي وئي جيڪي فقط
فئشن کي ڌيان ۾ رکي لکيون وينديون هيون. مون ڏٺو ته
ڪيترائي ساهتيڪار ڏاڍو منجهيل لکي رهيا آهن. ڪڏهن

ريکا: (پوپٽيءَ کي) جڏهن سنگيت جي ڳالهه نڪتي آهي ته ڪوئي غزل ٻڌايو. هڙيون محفلون روز روز نه لڳن ڪونه ٿيون.

پوپٽي: تنهنجو ته گهوٽ ئي وڏو گائڪ آهي. ٽي. وي. سنگر، ريڊيو سنگر. توکي ڳائي نه ٻڌائيندو آهي ڇا؟

ريکا: (اکين ۾ چمڪ آڻي) هن جا گيت ٻڌي ٻڌي ئي ته هيءَ عمر ٿي آهي.

(سڀ کلن ٿا.)

پوپٽي: فقط مکڙو چوندس:

مجهه سي پهلي سي محبت،
ميري محبوب نه مانگ!
مجهه سي ...

موٽي: واهه!

نارائڻ: پوپٽي، ڪڏهن توکي سچ ئي چيو هو ته ڪيا تندرست آواز پائي هئه!

پوپٽي: مونکي اهو سوچي فخر جو احساس ٿيندو آهي ته اسان جي هر پيڙهي سنگيت سان وابسته رهي آهي. ڏمو به سٺو ڳائيندڙ هو. اسڪول ۾ راڳن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام کڻندو هو. نارائڻ به محفلن ۾ خوب موج مچائيندو آهي.

موٽي: تون ته تون آهين ئي ۽ مان ته مان آهيان ئي.

(سڀ کلن ٿا. ڪئميرا ڏهن کن سالن جي وويڪ تي. وويڪ موٽيءَ جو سپتر آهي ۽ هنن ڏانهن اچي رهيو آهي.)

ريکا: وويڪ پيو اچي....

نارائڻ: ننڊ نه ايندي هوندس.

وويڪ: (پوپٽيءَ کي) آنٽي! هنومان ته ڏاڍو ٻليو هو. پوءِ ڀيمسين هن جو پڇ ڇو ڪونه سوري سگهيو؟

انبساط پيدا ڪئي آهي جو ٻيو ڪو مشڪل سان، منهنجي سمجهه ۾ ڪري سگهيو هوندو. زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڇهيو اٿائين... هڪ ڳالهه جيڪا سندس مضمون پڙهندي پاڻ محسوس ڪندو سا اِها ته سندس لکڻ جو ڍنگ اهڙو سڀاويڪ آهي گويا نهر جهرڻو ڪندي وهندي ٿي وڃي. ٻوليءَ جي رنگيني، سٽائيل جي لچڪتا ۽ خيال جي وهڪ، گويا هڪ ترويڻي سنگم آهي.

گوبند مالهي: پوپٽي بيباڪ اڳ به هئي، اڄ اُن بيباڪيءَ کي مقصد ملي ويو آهي. بهادر اڳ به هئي مگر اڄ ان بهادريءَ کي بنياد ملي ويو آهي. ليکڪا اڳ به هئي پر اڄ هن جي تحريرن کي نظريه ملي ويو آهي. ڳالهائي اڳ به سگهندي هئي، ليڪن اڄ هن جي تقرير کي گهرائي ملي وئي آهي. تحريڪ ۾ ٽڪو ڀرو وٺندي هن نوان گڻ پرايا آهن. سهنشيلتا، گسي پيسي هلڻ ۽ اٿڻ ويهڻ ۽ اٿڻ جهلڻ... هن جي حيدرآبادي - پڻي مٿان محض سنڌي - پڻو غالب پيو آهي... گهڻن کان هن کي وڌيڪ اگني - پرڪشائون ڏيڻيون پيون آهن. مخالفتين هن جي ناري هجڻ جو به لحاظ نه پئي رکيو آهي ۽ هن به مردانگي ڏيکاريندي رحم ۽ همدرديءَ جي اُميد به نه رکي آهي.

ڪرشن کٽواڻي: پوپٽيءَ جي ڪنهن به رچنا پڙهڻ سان هڪ ڳالهه يڪدم ذهن ۾ ايندي - سندس آدرش ۽ فرض ڏانهن موه. هن پنهنجي سڄي عمر جد و جهد ڪندي گذاري آهي. هيءَ جد و جهد آهي انهن انسانن خلاف جن کي هوءَ غلط ٿي سمجهي. هيءَ جد و جهد آهي اُنهن آدرشن لاءِ جن کي هوءَ زندگيءَ جي سندرتا ۽ سماج جي بهبوديءَ لاءِ ضروري ٿي سمجهي.

موتي پرڪاش: پوپٽي هيراننداڻي سنڌي ساهتيه جي اُنهن

ڪڏهن هو اهو ڪجهه لکي ٿا وڃن جيڪو وچٿرو ۽ انوکو هوندي به رواجي سمجهه کان ٻاهر آهي! مون اهو به ڏٺو ته بهت ۽ سمجهاڻيون پاڻ رچنا ڪري وڌيڪ اُلجهيو ۽ مجهيل بڻائي پيا ڇڏين! ان ڪري مون ساهتيه رچنا لاءِ سؤلو ۽ چٽو رستو اپنايو. مهنجيون لکڻيون صاف آهن، چٽيون آهن ۽ سيدي جي سمجهه ۾ اچڻ جهڙيون آهن...

ملڪاڻي:- سماجي مضمون نويسي ذرا پٺتي پيل ٿي ڏسڻ ۾ اچي، جنهن تي فقط ٻن ليکڪن قلم آزمايو آهي. پهريون بوڪه عالماڻو ليکڪ آهي لعلسنگهه اجواڻي ۽ ٻي پرگتي ليکڪا آهي پوپٽي هيرانندڻي، جنهن ٿورن سالن اندر ساهتيه جي گهڻين اُئي شاخن ۾ لکڻ سان چڱي شهرت حاصل ڪئي آهي.

هري دلگير: عورتن ته ڇا، پر مردن ۾ به پروفيسر اجواڻيءَ کان سواءِ ڪنهن کي زبان تي اوترو ضابطو نه آهي. ان لاءِ مان پوپٽي هيرانندڻيءَ کي دلي مبارڪواد پيش ڪريان ٿو.

موتيلعل ٻناڻي: پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ليکن سنڌي جاڻن جو چڱو چوکو ۽ خاص ڌيان ڇڪايو آهي. پيرڻ زوردار ڍنگه ۽ للڪاريندڙ زبان ۾ انسان-ذات جي اڌ حصي، استريءَ جي جيوت تي جا روشني وجهي ٿي تنهن لاءِ هوءَ جس لهڻي.

ٽي. ايچ. آڏواڻي: سنڌين ۾ پوپٽي هڪ خاص ليکڪا آهي جنهن جي ڪنهن سان ڀيٽ ڪري نه ٿي سگهجي. هن جو لفظ به لفظ معنيٰ سان ڀريل هوندو آهي. معمولي ۾ معمولي درجي جي پڙهندڙن کي هوءَ اثر ڪري ٿي.

ڪيرت ٻاٻاڻي: ڪماري پوپٽي هيرانندڻيءَ ساهتيه جي هر شاخ تي قلم آزمايو آهي. پر مضمون نويسيءَ ۾ هوءَ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ادب ۾ ٻين شاخن جي ڀيٽ ۾ مضمون اُجو وشيه ڪيترو وسيع آهي. تنهن ۾ به پوپٽيءَ ته اهڙي گوناگوني

مالڪڻ آهي پوپٽي هيرانداڻي. هن مَن، وچن ۽ ڪرم سان پنهنجي اندر اُجارڻ جو جڻ هميشه جتن پئي ڪيو آهي.

اڄ سنڌين جي صحيح رهنمائي ڪرڻ جي صرف هن ۾ ئي جهجهي توفيق ۽ قابليت نظر اچي ٿي. اعليٰ چرتر ٻل جو هن زره پهريو آهي. پوپٽيءَ ساري عمر پاڻ کي ضابطي هيٺ رکي زبردست اچا - شڪتيءَ جو نرماڻ ڪيو آهي.

ڪملا ملڪاڻي: گهڻا ماڻهو مونکي ”پوپٽيءَ جي ڀيڻ“ سان ئي سڃاڻندا آهن ڇو جو مون ته ڪنهن به ڳالهه ۾ مشهوري حاصل نه ڪئي آهي. گهر ۾ اسانجو هڪڙو ڀاتي اعليٰ ۽ مشهور آهي، ان ڳالهه جو اسان سڀني کي فخر آهي.

پوپٽيءَ کي ننڍپڻ کان ئي ڳائڻ ۽ لکڻ جو شوق آهي. هوءَ رڌڻ ۾ به ڏاڍي هوشيار آهي. ايترو جلد ۽ ايتريون گهڻيون چيزون ٺاهي وٺندي آهي جو عجب لڳندو آهي ته ٻن هٿن ايترو ڪم ڪيئن ڪيو؟ رڌڻ ۾ شايد ان ڪري هوشيار آهي جو کيس چٽ - پٽي چيزون کائڻ جو به ڏاڍو شوق آهي! ڪو وقت هو جو هر روز گول گپا کائيندي هئي. هوءَ ٻوٽا پوکيندي آهي. سندس ڪيڏانهن وڃڻ بعد ڪو ٻوٽو سڪي ويندو آهي ته هوءَ اسان کي دٻ ڪيندي آهي. ٻوٽن جي پٽن کي ڪپڙ - ٻاڙيءَ سان ڌوئيندي آهي ۽ هڪ هڪ ٻوٽي کي پاڪو پائي کيس صاف ڪندي آهي.

(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ - ان

درشيه-٤٩/الف.

آر. ڪي. تلريجا ڪاليج هاسٽل: اُلهاسنگر (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جي ڇهري تي.

ڳاڻ ڳڻين ليکڪائن مان آهي، جن ساهتيہ جي ترقي، ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سنسڪرتيءَ جي اُنتيءَ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي... مونکي سندس ڪهاڻيون پڙهندي اِئين محسوس ٿيو آهي تہ پوپٽي انهن ٿورن سنڌي اديبن ۽ اديبائن مان آهي جن استري ۽ مرد جي رشتي کي صحتمند ڪنڊ کان ڏٺو آهي ۽ هنن جي نہ فقط ڪمزورين کي بينقاب ڪيو آهي بلڪ سندن سڀاوڪ ڪمزورين ڏانهن همدردانو رخ ورتو آهي.

واسديو نرمل: پوپٽي استري - هردي جي تصوير نهايت اثرائتي نموني چٽي ٿي. ان ڪري ڪيس سماج - سڌارڪا سمجهڻ جي ڀل ڪئي ويندي آهي. شايد ان ڪري ئي، اِئين سمجهيو ويندو آهي تہ ڪيس پرش نہ وڻندو آهي. اهي ٻئي ڌارڻائون بنهہ غلط آهن.... پوپٽيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ کي مالامال ڪرڻ ۾ ڪائي ڪسر باقي نہ رکي آهي.

اندر ڀوڄواڻي: اي روح - پرور پوپٽي!

طوفان - پرور پوپٽي!
تنهنجو ادب آ زندگي بخش،
تنهنجو قلم آ -
سنڌين جي لاءِ مسيحا!
سنڌوءَ جي اي سپتري!
پرڻام توکي وار وار!

لڇمي ڪلاڻي: سچ پچ سهڻي آهي هوءَ، هر لحاظ کان سهڻي، ڌيرڄي، بيبڪي، برجستي، خوش طبع، تعليم ۽ تهذيب يافتہ، غيرتمند، تيز فهم، حاضر جواب، ويدانت گياني، ڏکن ۽ ناڪامين جي نهائيءَ ۾ پچي راس ٿيل، قلم ۽ زبان جي تلوار سان گيدين جا چوڙا لاهيندڙ، بهادرن کي اُمنگ ۽ اُتساهہ بخشي اڳيان اڳتي وڌڻ لاءِ للڪاريندڙ، همت ۽ حوصلي افزائي ڪندڙ. سونهن جي انيڪ وصفن سان ڀرپور شخصيت جي

تائين موجود آهي. ڇوڻ جو ضرور نہ آهي تہ تعليم ئي ٻولي، ساهتيہ ۽ ڪلچر جي ڄياڻپ ۽ واڌاري جو سڀ کان اهم وسيلو آهي......

(ڪٽ)

درشيہ ٤٩/ب ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز گرمکداس جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي تہ اسان ڏسون ٿا تہ هو پلينٽ ۾ سلاد سينگاري رکي رهيو آهي. سندس پاسي ۾ ڪناڻ جو ڪولو، ڏهي، وڙا، سلائيسڊ ڊبل روٽيون وغيره پيون آهن. سندس اڳيان هڪ ماڻهو بصر ڪٽي رهيو آهي. ڪجهہ ٻيا پاپڙ رڌجي رهيون آهن. ڪجهہ مرد ۽ ڇوڪرا ڪم ڪري رهيا آهن.

گرمکداس: (ڇڻ پاڻ سان ڳالهائيندي) جڏهن ڪم پاڻ تي کنيو آهي تہ نباهڻو بہ اُئين جو واهہ واهہ! ماڻهو آڱريون نہ چٽن تہ نالو بدلائي ڇڏجو. جتي هٿ رکي گرمکہ، اتي سکہ ئي سکہ. ڪيئن؟

هڪ: ها سائين، توهان ڪڏهن ڪوئي ڪچو اکر ٿورو ئي ڳالهايو آهي.

گرمکداس: اڄي دل لڳائي ڪم ڪريو. خبر اٿوَ سڄي هندستان مان چونڊ چونڊ ودوان، ڪوي، ليکڪ، ساهتيڪار، عالم فاضل اسان جي شهر ۾ پڌاريا آهن. هڪڙي کي بہ شڪايت ڪرڻ جو موقعو ڏيڻو ناهي. شهر جي عزت جو سوال آهي. سنڌين جي مهمان-نوازي جو سوال آهي. هن ڪم کي فقط ڪاڌو کارائڻ نہ سمجهو. اِئين سمجهو تہ سڄي سنڌيت داءُ تي لڳل آهي.

(ڪئميرا پاڄي رڌيندڙ ماڻهوءَ تي. هو ٻاٽلي ۾ زور زور سان ڪيوڙو گهمائڻ لڳي ٿو.) (ڪٽ)

ڪشميرا بل ٻڌڪ ڪري ٿي تہ اسان ڏسون ٿا تہ ڊائس جي پٺيان ٻهي سيميدار جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ هوءَ پومڪائي پاشڻ ڪري رهيو آهي. مدچ جي وچ ۾ هڪ وڏي ميز پيٽي آهي جنهن جي پٺيان ڪرسين تي سنڌيءَ جي ٻرک ليکڪا ڪماري پوپٽي هيرانندڻي، هندي نديشاليہ جو نديشڪ آر. ايم. نواري، اُڏگهاڻن سماروه جو سڀاپتي گجراتي ڀاشا جو مشهور ڪٿاڪار گلابداس ٻروڪر ۽ هندي نديشاليہ جو سنڌي صلاحڪار ٽي. سي. امرناڻي ويٺا آهن. هرهڪ شخص جي اڳيان نالي جي تختي رکيل آهي. پٺيان ديوار تي خوبصورت ٻئنر لڳل آهي:

اوائلي سنڌي نثر نويسي سيميدار

٢٤ ۽ ٢٥ جنوري ١٩٨٥، الهاسنگر

هيرو شيوڪاڻي: دوستو، اسان سڀني جو ڳانڍاپو ۽ لاڳاپو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب جي بدولت آهي. ”اوائلي سنڌي نثر“ جي تاريخي پس منظر ۾ پرک ۽ ڪٿ ڪرڻ لاءِ هي ٻہ ڏينهن، سنڌونگر ۾ بحث ڪنداسين، دستوري غير دستوري رهاڻيون ڪنداسين، ڪچهريون ڪنداسين.

سنڌونگر ۾ هن قسم جو آل انڊيا سطح تي هي شايد پهريون سيميدار آهي ۽ جيئن چيو ۽ مڃيو وڃي ٿو تہ سنڌونگر ڀارت ۾ سنڌين جي سڀ کان وڏي بستي آهي. نہ فقط ايترو بلڪ باوجود مخالف حالتن ۽ نراس ڪندڙ حقيقتن جي هن شهر ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تعليم ابتدائي درجن کان پي. ايڇ. ڊي ليول تائين ڏني وڃي ٿي.

نوڙي هتي، الهاس نگر ۾، اسان جي ٻولي ساهتيہ ۽ ڪلچر جي پوڙي ٻڏڻ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا آهن تہ بہ هي سنڌونگر ئي شايد ڀارت ۾ هڪڙو شهر وڃي بچيو آهي، جتي سنڌي ماڌيم سان تعليم ۽ سنڌي وشيہ جو ايڀياس پرائمري کان پي. ايڇ. ڊي

ڇوڻ آهي تہ پاڻ سنسڪرت ڀاشا سنڌيءَ مان پيدا ٿي آهي. سنڌيءَ طرح نہ تہ گهٽ ۾ اَڻ - سنڌيءَ طرح! حقيقت ڪجهہ بہ هجي پر اسان سنڌين لاءِ اها ڳالهہ بيحد فخر واري آهي تہ ڪي ماڻهو ائين سمجهن ٿا! اسان کي پنهنجيءَ زبان جي مهانتا، ان جي عظمت جي حفاظت ڪرڻي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي نثر تي اونهي کوجنا ڪاريہ جي ضرورت آهي. مان سمجهان ٿو تہ هي سيمينار هن ڏس ۾ پهريون ۽ اهم قدم آهي. ان ڪاريہ ۾ ڊڪشنريون وڏي هٿي ڏئي سگهن ٿيون. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ ڊڪشنريون ناهڻ ڏانهن خاص ڌيان ڪونہ ڏنو ويو آهي. اڄ سنڌيءَ ۾ نيون ڊڪشنريون ناهڻ جي سخت ضرورت آهي. اسان اڄ بہ پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ تي ڀاڙيندا آهيون، جيڪا اَڌ صدي اڳ ۾ ٺاهي وئي هئي ۽ ان بعد سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترين ئي تبديليون آيل آهن...

(ڪٽ)

ڊرشيہ -٤٩/ب   هاسٽل جي هڪ ڪمرو (اندر)   ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پاڻيءَ جي هڪ اسٽيل جي وڏيءَ ٽانڪيءَ تي. ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ ڪاليج جي هڪ ڇوڪري پاڻيءَ جو گلاس ڀري رهي آهي. سندس آس پاس هٿن ۾ پاڻيءَ جون ٻوتلون کڻي ڪجهہ ڇوڪريون بيٺيون آهن. سڀئي ڪاليج جون شاگردياڻيون آهن ۽ هن سيمينار ۾ والنٽيئر جو ڪم ڪري رهيون آهن. هر هڪ ڇوڪريءَ جي ڇاتيءَ جي ڪاٻي پاسي ٻلو لڳل آهي.

هڪ: جلدي ڪر. ڪيترن ئي پاڻي گهريو آهي.

ٻي: ڳالهائين بہ گهڻو ٿا نہ....

ٽين: جيڪي چپ ڪري ويٺا آهن انهن کي بہ اڃ اَڄ ستايو آهي.

درشيه -۴٩/ب هاسٽل جو هال (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز سرسوتي ديويءَ جي وڏي مورتيءَ تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته پوڄني (٦١) هٿن ۾ مالا کڻي سرسوتي ديويءَ جي مورتيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. ڪيس ساڙهي پيل آهي ۽ اکين تي عينڪ به پيل اٿس. هوءَ مالها سرسوتي ديويءَ جي ڳلي ۾ پائي ۽ جوت جلائي سيميدار جو دستوري اُدگهاٽن ڪري ٿي. درشڪن جون تاڙيون اوور لئپ ڪن ٿيون. پوڄني واپس پنهنجي ڪرسيءَ ڏانهن موٽي ٿي. ڪئميرا پئننگ ڪندي درشڪن کي ڪَور ڪري ٿي. درشڪن ۾ تقريبا سڀ ساهتيڪار ئي آهن جيڪي جدا جدا شهرن مان آيا آهن. انهن ۾ الهاس نگر ۽ بامبي جا ساهتيڪار به شامل آهن. ڪئميرا ڪلوز پوڄنيءَ جي چهري تي. هوءَ ڊائس جي پٺيان بيهي ڀاشڻ ڪري رهي آهي.

پوڄني: هرهڪ زمين جي ٽڪري کي پنهنجو نج ڪجهه ٿئي ٿو، جنهن تي اُن زمين جو رهندڙ فخر ڪري ٿو. جيئن هرهڪ گل کي پنهنجو رنگ ۽ پنهنجي بوءِ ٿئي ٿي تئين هرهڪ ايراضيءَ کي پنهنجو خاص ڪجهه ٿئي ٿو. اسان جي زمين سنڌ هئي. ان زمين جي ٽڪري جو جيڪو ڪجهه نج پنهنجو هو اهائي اسان جي سنڌيت آهي. ان سنڌيت سان ئي اسان کي پيار آهي ۽ ان سنڌيت تي ئي اسان هتي فخر ڪري سگهون ٿا ۽ ان سنڌيت وسيلي ئي اسان پنهنجي پڇاڻ قائم رکي سگهون ٿا. چيو ويندو آهي ته ڀارت جون ڀاشائون سنسڪرت مان نڪتل آهن ۽ سنسڪرت جون ڌيئر آهن. سنڌي سنسڪرت مان ڪو نه نڪتي آهي. سنڌي ڀاشا سنسڪرت جي ڌيءَ ڪو نه آهي. ان کي اسان وڌ ۾ وڌ سنسڪرت جي ڀيڻ چئي سگهون ٿا. پر ڪي ودوان ته هڪ قدم اڃا به اڳتي ويا آهن. انهن جو

هوٽل ۾ ڪمرو بوڪ ڪرائي ڏي.
جگديش: هوٽل ۾ ڪمرو بوڪ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. توهان مون سان گڏ هلو. توهان کي سڄي فليٽ مان ڏيندس، ويل فرنشڊ. توهان ڪوئي فڪر نه ڪريو.
ٻوڍي: ڪائي فليٽ وٺي رکي ڇڏي اٿيئي ڇا؟
جگديش: منهنجي دوست جي آهي. هو ٻاهر ويو آهي ۽ بلڪل خالي پيئي آهي. منهنجيءَ فليٽ جي مٿان. اُتي توهان کي نه صرف اڪيلائي ملندي، پر Service به ٿيندي.
(ڪٽ)

... ...

درشيه-٥٠ جگديش لڇاڻيءَ جي فليٽ جو ڪمرو (اندر) رات
ڪئميرا ڪلوز گلدستي تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته ٻوڍي (٦١) ڪوچ تي ويٺي آهي. سامهون صوفا چيئر تي جگديش لڇاڻي ۽ ڪجهه دور رکيل ٻيءَ صوفا چيئر تي شريمتي وينا لڇاڻي ويٺي آهي.
ٻوڍي: گهر کان ٻاهر نڪري مون کي ٻن ڳالهين جو شدت سان احساس ٿيو آهي. هڪ ته هرڪو عورت جي ايمانداريءَ سان پوريل احساس جو گهڻو فائدو ٿو وٺي...
وينا: برابر...
ٻوڍي: ٻيو ته اسانجو عورتپڻو ڪيترن ئي ڳالهين ۾ اسانکي اڳيان وڌڻ کان روڪي ٿو.
وينا: دادي، ان ۾ ته ماتر به وڌاءُ ڪونهي.
ٻوڍي: ان ۾ شڪ ڪونهي ته سڌيت ڏانهن منهنجي گهڻي جذبات آهي. منهنجي ان جذباتي ڪمزوريءَ جو گهڻن ئي فائدو پئي ورتو آهي. ڪيتي پئسو وڃايو اٿم. ڪيتي وقت ڏنو اٿم ته ڪن وري مونکان مفت ۾ محنت ڪرائي نالو پاڻ ڪمايو آهي!

چوٿين: سوچ ڪي وهڪري لاءِ به ته پاڻي کپي نه.
(سڀ کلن ٿيون). گلاس ڀريندڙ ڇوڪري گلاس ڀريندي وڃي ٿي ٽري ۾ رکندي.)
پنجين: هنن ويچارن کي متو هڻندو ڏسي مونکي ٽالسٽاءِ جي هڪ ڪهاڻي ياد اچي رهي آهي.
ڇهين: اڇا، ته تون گلشن نندا کان سڌو رشيا پهچي وئينءَ!
پنجين: سو ناراض پارٽيءَ پڌائي هئي. جنهن ۾ هڪ ودوان ماڻهو مينار تي چڙهي ٿو وڃي ۽ شيشن سان خوب سر ٽڪرائي ٿو.
پاڻي ڀريندڙ: هيءُ به ته اسٽيج تي مٿي چڙهي مٿا ٿي ته ٽڪرائي رهيا آهن.
چوٿين: چوندا آهن انهيءَ ٽڪر مان ٿي ديش ۽ جاتيءَ کي بچائڻ واريون شڪتيون پيدا ٿينديون آهن...
پاڻي ڀريندڙ: في الحال ته فقط مسئلا ٿي پيدا ٿي رهيا آهن.
(سڀ ڇوڪريون ٺهڪ ڏين ٿيون. ڪئميرا ٽري تي، جنهن ۾ پيل گلاس ڇوڪريءَ جي ٺهڪ سبب ڏڪي رهيا آهن.)
(ڪٽ)

درشيه-٤٩/ب ڪئنٽين (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز پوڙهيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هوءَ پليٽ مان ڪجهه کائي رهي آهي. سندس ڀر ۾ جگديش اچاڻي ويٺو آهي. هوُ به لنچ ڪري رهيو آهي. آس پاس ٻيا ليڪ به ويٺا آهن. ڪي کائي رهيا آهن ته ڪي ڳالهائي رهيا آهن. ڪي قطار ۾ بيهي پليٽن ۾ ڪورس وجهي رهيا آهن.
پوڙهي: توکي ته خبر آهي مان جتي به ويندي آهيان، الڳ هوٽل ۾ ڪمرو بوڪ ڪرائيندي آهيان. هتي به ڪنهن سٺيءَ

"اوم- شانتي شانتي شانتي" اُچاري ٿي.

(ڊزالو)

درشيه-٥١/ب   رستو (ٻاهر)   پرڀات

لانگ شاٽ. خالي رستو. پوني دور کان ڏيري ڏيري ڇهل قدمي ڪندي اچي رهي آهي. ٻيا به ڪجهه ماڻهو ايندا ويندا نظر اچي رهيا آهن.

(ڊزالو)

درشيه-٥١/ٻ   پونيءَ جو ڪمرو (اندر)   ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوني هڪ هٿ ۾ هلڪي ناشتي جي پليٽ ۽ ٻئي هٿ ۾ چانهه جو مگ کڻي ڪچن مان ڪمري ۾ داخل ٿي رهي آهي. ڪئميرا هن سان گڏ ئي پئننگ ڪري ٿي. پوني ڊائيننگ ٽيبل تي ناشتي جون شيون رکي ٿي ۽ ڪرسيءَ تي ويهي ڊبلروٽيءَ جي هڪ سلائيس وات ۾ وجهي ٿي ۽ مگ مان چانهه جو ڍڪ ڀري ٿي.

(ڊزالو)

درشيه-٥١/ڀ   رستو (ٻاهر)   ڏينهن

لانگ شاٽ. پونيءَ جي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي هڪ ٿيلهي آهي، جنهن ۾ ڪجهه پيو آهي. هوءَ سنگيتا بلڊنگ جي مکيه ڦاٽڪ کان ٻاهر اچي رهي آهي. ڪئميرا ڪٽ ۾ ويٺل هڪ يتيم ڇوڪري تي. پوني هن جي اڳيان اچي ٿي ۽ ٿيلهيءَ مان ڀاڄيءَ ڀريل ڊبلروٽي ڪڍي ڇوڪري کي ڏئي ٿي. اوچتو هيڏانهن هوڏانهن کان ست - اٺ ڇوڪرا اچي هن جي اڳيان بيهن ٿا. پوني هر هڪ کي هڪ - هڪ سئنڊوچ ڏئي ٿي. سئنڊوچ ختم ٿي ٿا وڃن ته باقي بچيل ٻن ڇوڪرن کي ٿيلهيءَ مان ڪيلا ڏئي ٿي ۽ واپس وري ٿي.

(ڊزالو)

(پوڄڻي ڪلي ٿي. ويدا ۽ جگديش بہ ڪلڙ ۾ ڪيس سافٽ ڏين ٿا.)
جگديش: توهان کي زندگيءَ ۾ ڪافي تلخ آزمودا مليا آهن.
پوڄڻي: تلخ نہ بلڪ زهريلا. وهہ ٻڌا! عورت آهيان، بيباڪ آهيان، ان ڪري ماڻهن کي ڄڙ مونهنجي چوڙ کي لوڙ جو حق مليو آهي! ڪن سڌيءَ طرح تہ ڪن اڻسڌيءَ طرح پنهنجي بيمار ذهنيت جو پڻي ثبوت ڏنو آهي.
ويدا: تڏهن بہ توهان اڏول رهيئہ؟
پوڄڻي: رهڻو ئي پيو. حالتون مٺڙ کي بہ پٿر بڻائي ڇڏينديون آهن. مان تہ خير مڙي ڪان ئي سخت جگر واري آهيان.
جگديش: تڏهن بہ دل تي اثر تہ ٿيندو هوندو.
پوڄڻي: شروعات ۾ من ڊانواڊول ٿيندو هو. اکين جي پلڪن تي ڪئين ڀيرا قطرا مڙي آيا ۽ منهنجيءَ دل مان ڪئين دفعا دونهون نڪتو پر مون انهن قطرن کي ڏارا ڪين بڻايو ۽ نہ ئي دونهين جي ڏنڊ ۾ پنهنجو هوش حوصلو گم ڪيو.
ويدا: هڪ ڏوڙ چانهہ جو ٿي وڃي.... اڄهو ٿي ٿاهي اچان...
(ويدا صوفا ڇيڙ تان اٿي ڪچن طرف وڃي ٿي. ڪئميرا سعدس پڄڻيءَ تي.)
(فليش بئڪ ختم)

(فيڊ آئوٽ)

... ...

فيڊ اِن

ڊرشيہ -١٥/الف پوڄڻيءَ جو ڪمرو (اندر) پرڀات
(ڊرشيہ ٢١ وارو ماحول)
ڪئميرا ڪلوز پوڄڻيءَ (٦٥) جي بعد اکين تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پوڄڻيءَ کي ڏيان ڪندو ڏسون ٿا. ڪجهہ ئي دير ۾ هوءَ ڌيري ڌيري اکيون کولي ٿي ۽ مدهن مان

ٻُڍي: اِنسان کي هڪ دفعو ڏن حاصل ڪرڻ جو جيڪڏهن رستو مليو تو وڃي نه ان کي هوءَ ڪڏهن به حالت ۾ ڇڏڻ نٿو چاهي. ڏن جي چمڪ اِنسان جون اکيون انڌيون ڪري ٿي ڇڏي. ٻري ۽ ڀلي جي تميز هن کان موڪلائي ٿي وڃي.

(ڪئميرا پل ٻئي ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هڪ وڏيءَ ميز جي چؤگرد پيل ڪرسين تي ١٨ ڪن عورتون ويٺيون آهن. ٻُڍيءَ جي پاسي ۾ مس گدواڻي (سينٽ زيوئر ڪاليج جي انگلش ڊپارٽمينٽ جي رٽائرڊ هيڊ)، ان کانپوءِ مس ساوتري گدواڻي (رٽائرڊ آفيسر آف ٻلڊ اسٽار)، ڪجهه پرڀرو مسز ساوتري رامچنداڻي ۽ سندس سامهون مسز وندري شواڻي ويٺيون آهن).

ساوتري رامچنداڻي: اڄ جي حالت تي عجب ٿو لڳي. هڪ طرف اِنسان جون هيڏيون ساريون حاصلاتون ۽ ٻئي طرف اِنسان جي جانور کان به بدتر حالت! جڏهن به مان ڪڏهن خون جي خبر، نونهن کي جلائڻ جي خبر، ڪنيائن جي آپگهات جي خبر پڙهندي آهيان ته پاڻ کان ئي پڇندي آهيان ڇا هيءَ اها ساڳي دنيا آهي جنهن ۾ وڏا وڏا وگياني، وڏا وڏا اِنسان - دوست، وڏا وڏا ڪلاڪار، ساهتيڪار ۽ سماج سڌارڪ رهن ٿا؟

ٻُڍي: هائو. هيءَ اها ساڳي ئي دنيا آهي. تون عجب نه کائنجانءِ جي هڪ ئي شخص ۾ توکي اوچ ۾ اوچ ۽ نيچ ۾ نيچ ماڻهو ملي وڃي. هيءَ دنيا شايد سمجهڻ لاءِ نه پر اُنجو تماشو ڏسڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي.

وندري: تروڪار روپ ۾؟

ٻُڍي: بهتر طريقو نه اِهوئي آهي. اِيءَ حالت ۾ اسان خود تماشي جو حصو بڻجي ويندا سين ۽ اجايو پڇندي من جا

درشيہ-١٥١/ب پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوپٽي وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي پٺ جـي آڌار تي پتر لکي رهي آهي. سندس اڳيان ڪجهہ لفافا ۽ اڻ-لکيل پيا آهن. لکندي لکندي هوءَ هڪ خط ڪڍي وري پڙهي ٿي ۽ لکڻ لڳي ٿي.

(ڊزالو)

درشيہ-١٥١/ت پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز هڪ هارڊ بائونڊ ڪتاب تـي. ڪتاب جو نالو آهي A History of Sikh People ۽ ليکڪ جو نالو آهي: ڊاڪٽر گوپال سنگهہ. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿـي ۽ اسان ڏسون ٿا تہ پوپٽي ڌيان سان اهو ڪتاب پڙهي رهي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اسان غلام عليءَ جو هڪ غزل بہ ٻڌون ٿا. غلام عليءَ جي غزلن جـي ڪئسيٽ هلي رهي آهي. پوپٽي غزل ٻڌڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ جو ڪم گڏوگڏ ڪري رهي آهي.

(ڊزالو)

درشيہ-١٥١/ٿ رنڌڻو (اندر) ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوپٽي گئس تـي مڇهند جي ماني تيار ڪري رهي آهي. ڀاڄيءَ ۾ لوڻ وجهي رهي آهي. ڪلوز شاٽ.

(ڊزالو)

درشيہ-١٥١/ٽ پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ميڊيم شاٽ. پوپٽي پنهنجي بستري تي آرام ڪري رهي آهي. پکو ڌيري ڌيري هلي رهيو آهي.

(ڪٽ)

... ...

درشيہ-٥٢ ويڊيو ڪلب (اندر) شام

ڪئميرا ڪلوز پوپٽي (٦٥) جي ڇوڪري تي. هوءَ پنهنجي ڪا ڳالهہ چٽي رهي آهي.

الائيڊس ۾ نوڪري ڪندي آهي ۽ تمام گهڻي خوش آهي.
وندري: دنيا ۾ هيڏا سارا ڌرم پيدا ٿيا، هيڏا سارا پنٿ ۽ مت ٺهي نڪتا پر انسان جي حيوانيت ۽ شيطانيت ساڳي جي ساڳي رهي، ائين ڇو؟
سروج: ڇو ته ڌرم، پنٿ ۽ مت شريرن جي مٿان وائيٽ واش ڪرڻ جا ٿي فقط نمونا آهن. حيوانيت ۽ شيطانيت انسان جي خون ۾ سمايل آهي.
(سڀ کلن ٿيون)
پوپٽي: خون ۾ سمايل حيوانيت ۽ شيطانيت کي دٻائڻ، پنهنجو آتم ـ بل وڌائڻ ۽ زماني جي ڪٺورتائن کي کل ۾ اڏائڻ لاءِ گهربل همت مهيا ڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، پنهنجي لاءِ ڪوئي اوچو آدرش چونڊ ۽ ديوانن جيان ان جي پٺيان لڳي وڃ. هن شطرنجي دنيا جي طلسم کي ٽوڙڻ جو اهوئي هڪ مها ـ منتر آهي.
ساوتري گدواڻي: تو ٻاتوت، پوپٽي. هڪ ڌارمڪ اپديش کي معمولي گيانڪ نموني سان سمجهائڻ ڪوئي توکان سکي.
سروج: آخر ته زندگي اوڏن کي سيکاريندي ۽ علم جا درياهه وهائيندي گذاري اٿائين.
(هلڪي کل)
پوپٽي: ڦل کهڙو نڪتو آهي سمجهائڻ جو؟ ڪڏهن ڪنهن کجهه سمجهيو به آهي؟ زندگيءَ جي هن آخري ڏينهن ۾ پٺيان نهاري پنهنجيءَ زندگيءَ جي ٻاري ۾ سوچيان ٿي ته معلوم ٿئيم ٿو ته ايران ۾ نه فقط هڪ محمد غزنوي ٿيو ۽ هڪ فردوسي. پر سعدي جاليءَ ۾ نه سوين فردوسي آهن ۽ سڀ جاليءَ جي جالي محمد غزنوي آهي! دولت ۽ شهرت جي ديوانن سان ڀري پيئي آهي سڄي سعدي

هزارين ٻوجهه وڌائي ڇڏيندا سين.

وندري: ڇا ٻار کي ان طرح حالتن کان کڻي جدا ڪرڻ ممڪن آهي؟

ٻوٽي: ان جو دارومدار انسان جي پنهنجي ول - پاور تي آهي.

سروج گدواڻي: انسان پيسو ٺاهيو پنهنجيءَ سهوليت لاءِ. اڄ پيسي ڪانسواءِ انسان کي ڪائي سهوليت ملي ڪونه ٿي ۽ خود انسان پيسي جو غلام ٿي ويو آهي.

ساوتري گدواڻي: تون ٻوٽيءَ کي ڏس. پيسي جي لالچ جو شڪار ۽ ول - پاور جي مورت تنهنجي سامهون ويٺي آهي. ٻوٽي، پنهنجي منهن سان ته ٻڌاءِ ته تو ان ڇوڪري کي ڇا وچي ڇيو جنهن جي مائٽن تنهنجي شاديءَ ۾ پندرهن هزار روڪ ۽ پندرهن هزارن جو مٽيو ڪپڙو ٻوليو هو؟

ٻوٽي: (کلندي) ڇڏ اهي پراڻا قصا. اڄ ان ڳالهه کي اڌ صدي اچي ٿي آهي پر انسان جي مورتيءَ ۾ آيو آهي ڪوئي فرق؟ ٻار جيئن ٿڌ، تيئن وڌ. منهنجيءَ پيءُ ڪملا جي نڌيءَ ڌيءُ سنگيتا سان ساهرن ڇا ڪيو، خبر نه اٿو. وڏيءَ پيٽس ريٽوڪا هڪ پنجابي ڇوڪري ارونڊ گپتا سان لو - مئريج ڪئي سو اسان نڌيءَ جي شادي هڪ سنڌي گهر ۾ ڪرائي. ڇئن مهنن کان پوءِ اسان وٽ واپس هلي آئي.

هڪ عورت: ڇو؟ ڇا ٿيس؟

ٻوٽي: سهري زندگي زهر ڪري ڇڏيس. ڇي مائٽن کان فلئٽ وٺي ڏي.

ٻي عورت: هاڻي ڪٿي آهي؟ توهان وٽ؟

ٻوٽي: مان نه چاهيندي آهيان نه ڪوئي ڪنهن تي بار ٿئي يا ڪنهن جو محتاج ٿئي. سنگيتا هن وقت سينگاپور ايئر-

(هلڪي کل)
پوپٽي: نہ. اسان هن کي مٺو ڳالهائڻ سيکاري ڇڏيو آهي.
پي: حيدرآبادي مٺو يا شڪارپوري مٺو؟
(سڀ ٽهڪ ڏيئي کلن ٿيون. ڪئميرا پوپٽيءَ جي ٽهڪ ڏيندڙ چهري تي.)
(فيڊ آئوٽ)

....

فيڊ - اِن
درشيہ-٥٣ پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن
ڪئميرا ڪلوز شاٽ جي مٿان رکيل هڪ سهڙي ۽ لسي بدا ليڪن واري پوي تي، جنهن تي ڪوئي ڪجهہ لکي رهيو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي تہ اسان ڏسون ٿا تہ وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي پوپٽي پلنگہ تي ويٺي آهي ۽ ڪجهہ لکي رهي آهي. پوپٽي خاموش آهي پر بئڪ گرائونڊ ۾ پوپٽيءَ جي آواز ۾ سندس لکيل جملا دهرايا وڃن ٿا.
پوپٽي: (پاڻ خاموش، فقط سندس آواز پڌجي ٿو) گيتا ڪرم - يوگين جو گيت آهي. ويدانت ۽ فراويت بئي پاڻ ۾ اَڻ - ٽهڪندڙ لفظ آهن. مڪتيءَ جي معنيٰ دنيا کي ڇڏڻ يا ڪرم نہ ڪرڻ بلڪل ناهي. مڪتي معنيٰ اگيان ۽ اُڇاٽائيءَ کان آزاد ٿيڻ. پر اگيان ۽ اُڇاٽائيءَ کان پوري پڇي اڇڻ ناهي بلڪ گيان سان اگيان کي ۽ چاڻ سان اُڇاٽائيءَ کي اٿين دور ڪرڻو آهي جيئن بتي ٻاري اوندهہ کي دور ڪبو آهي. اندڪار کي ٻهاري ٻاني يا پاڻيون پوري ٻاهر نہ ڪڍبو آهي نہ ئي ان کان پوري پڇي وڃبو آهي بلڪ اُٿي ڏيئو ٻاري روشني ڪبي آهي.
مون گروُ ڪئي آهي جيئن منهنجي مَن، وچن ۽ ڪرم تي

جاڻي. آهي ڪوئي اهڙو قدردان جنهن جي دل ۾ سنڌيت لاءِ، سنڌي سڀيتا لاءِ، سنڌي سنسڪرتيءَ لاءِ ۽ سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا لاءِ سچي پيار جو جذبو هجي؟

(سڀ خاموش آهن. وايو منڊل ڪافي گنڀير ٿي ويو آهي.)

پوپٽي: سيٺي کي ٽڪڙو ناڻو گهرجي ۽ ٽڪڙو نالو گهرجي. ان حالت ۾ گراوٽ ته لازمي آهي. مصيبت اِها آهي ته هرڪو گراوٽ کي ترقي، زماني سان قدم ملائي هلڻ ۽ گهرائي سمجهي پاڻ پڌائي رهيو آهي!

وندري: هتي هندستان ۾ سنڌيت جو حال پٺو پوندو ٿو وڃي، ان ۾ به رايا ٿي نٿا سگهن. پر مون ٻڌو آهي ٻاهرين ملڪن ۾ سنڌي سنڌيت کي زنده رکي ويٺا آهن.

پوپٽي: مان اڌ کان مٿي دنيا ڏسي چڪي آهيان. يورپ ۾ ته سنڌي پنهنجي ٻولي قائم رکي ويٺا آهن اِهو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. باقي سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ جا سنڌي، سنڌي ڪاڏي، سنڌي ريتين رسمن کي زنده رکـي ويٺا آهن. پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ٿي ڳالهائيندا آهن. ايتري قدر جو سنڌن گهرن ۾ جيڪي چيني ڪم وارين آهن، اُهي به سنڌي ڳالهائڻ سکي ويئون آهن.

وندري: چيني سنڌي ڳالهائي وڃن؟

پوپٽي: اسان وانگر ته نه پر ڪم ـ ڪڍائو طريقي جي ڳالهائي وينديون آهن. آخر هر ٻوليءَ جو پنهنجو لهجو ٿئي ٿو. چيني ماڻهن جو ڳالهائڻ کهرو ۽ زور سان هوندو آهي. توهان کي اِنهن لڳندو جڻ وڙهن ٿا. ان ڪري هو سنڌي به پنهنجي ان لهجي ۾ ڳالهائيندا آهن.

هڪ: پوپٽي، تنهنجي هڪ ڀاڄائي به ته چيڻ آهي، اُها به اِنهن کهرو ڳالهائي؟

هيءُ ڀڄنگ. زندگيءَ جو ڏس، ڇا ڇال آ هلي مون سان،
اڃا هلڻ ئي مس سگهيس، ته هن چيو: هلان ٿي مان.
(ڪمرا ڪملا ٿي. هوءَ واڻڻ وانگر ڀرڻ ڏانهن نهاري رهي
آهي.)

ڀوڳني: مون کي ڀن- ڪشن سمجهي
سيون ٽٻيندا ويا.
گوڙين جا ڀترا اپترا ڏسيائون
جو انهن جي ڍڳهه
هردوار جي ڀيڙن
۽ ڳوٺ جي واٽين
جي ٻيڙين کي ٻه شهه ڏيئي ويئي!
ٻدن مان رت
۽ ڪيسي مان پئسا ڦري
مونکي هر طرح ڪمزور بڻائي
پوءِ اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون
ڇي:
اسان نه توکي رنو ويٽ ڪيو آهي
هاڻ ٽون ان رنو ويشن کي
ڪيستائين ٿي هلائين
اهو توتي مدار آهي.
(ڀوڳنيءَ جي ڇهري جو ڪلوز- اپ. هنجي ڇهري تي ڦڪي
مرڪ آهي)

ڀوڳني: زندگيءَ کان موت تائين
هڪ لمحي جو مفاصلو ئي نه آهي!
بس، هاڻي زندهه ۽ هاڻي مئل!
(ڀوڳني ڇهل قدمي بعد ڪري اچي پلنگ تي وهي ٿي. ڪملا

انڪش رهي. منهنجي گرو عمر ۾ مونکان وڏي آهي، سندي آهي ۽ B.Sc پاس ڪيل آهي. سندس پتا ٻيٽي ڪليڪٽر هو. هو شڪروار تي شام جو پنجين کان ستين بجي تائين اسان سڀ ڌالون گروءَ وٽ ويندا آهيون. هوءَ گيتا ۽ گرواڻيءَ مان مثال ڏيئي سکيا ڏيندي آهي. هن جو گهڻو زور نام جپڻ، ڌيان ڪرڻ ۽ ٻين کي ڪاڌو دان ڪرڻ تي هوندو آهي. هوءَ چوندي آهي ته وهنوار ۾ سچائي هجي ۽ ڪنهن سان به نفرت نه ڪجي. رتين رسمن ۾ هن جو وشواس ڪونهي. نه ڌوپ نه اگربتي. نه پوڄا نه ڪيرتن. نام جي جاپ کي ئي هوءَ پوڄا سڏيندي آهي. سندس سکيائون چئن لفظن ۾ سمائي سگهجن ٿيون- نام، ڌيان، دان ۽ سچائي ....

(پوپٽي اجا لکي ئي رهي آهي ته سندس پيرڻ ڪملا جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

ڪملا: پوپٽي ياد اٿئي نه ...

(ڪئميرا ڪملا کي ڪور ٿي ڪري جيڪا دروازو لتاڙي ڪمري ۾ داخل ٿي رهي آهي.)

ڪملا: ... ته سڀاڻي اسپتال وڃڻو اٿئي.

(پوپٽي پنڊ، پنا ۽ بـال پين کڻي پنهنجي پاسي ۾ ٿـي رکي. ڪملا پلنگ جي هڪ ڪنڊ وٽ ويهي ٿي رهي. پوپٽي چپ آهي. خيالن ۾ گم. اوچتو هوءَ اُٿي ٿي ۽ ڪمري ۾ ڏيڍي ڏيڍي چهل قدمي ڪري ٿـي. ڪئميرا هن سان گڏ ئـي پئننگ ڪري ٿي.)

پوپٽي: ايم. ڪمل جي هڪ غزل جي مطلع آهي:

هڪ چوٽ کان ٻيءَ چوٽ ڏي سرندو ئي رهيس مان،
هر لهجي ۽ هر پاسي کان جهرندو ئـي رهيس مان.

۽ هڪ ٻئي غزل ۾ لکيو اٿائين:

(تصوير ۾ ڪملا ۽ سندس گهوٽ ڏيکاريل آهي. پوپٽي چپ ٿي وڃي ٿي. ڪئميرا ڪلوز ڪملا جي چهري تي. هن جي اکين ۾ ڪجهه لڙڪ لرزي رهيا آهن.)

پوپٽي: ڪملا، آءِ ائم ساري...

(پوپٽي پنو بدلائي ٿي.)

پوپٽي: ۽ هي اسانجو ٽهڪيلو' ڀاءُ نارائڻ! خوش مزاج! سدا بهار! محفل ۾ رنگ جمائيندڙ!... ڪملا، هيءَ تنهنجي ڌيءُ رينوڪا پنهنجي مڙس اروند گپتا سان ۽ هي سنگيتا!

(پوپٽي آلبم ڪٽي تي بند ڪري. ڪئميرا ڪلوز بند ٿيل آلبم تي.)

(فيڊ - آئوٽ)

... ...

فيڊ - اِن

درشيه - ٥٤/الف پوپٽيءَ جو ڪمرو رات

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي لکيل پارهن ڪهاڻي - سنگرهن تي جيڪي شوڪيس ۾ هڪ ٻئي جي پٺيان پيا آهن. ان ڪانپوءِ هڪ هڪ ڪتاب جدا پردي تي ڏيکاريو وڃي ٿو، هڪ ڏيڍ سيڪنڊ لاءِ.

١- منجو، ٢- جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تاس، ٣- حسرتن جي تربت، ٤- سئلاب زندگيءَ جو، ٥- هڪ پشپ پنڌرهن پنکڙيون، ٦- چرن چٽڪن چت ۾، ٧- زنده سا قوم رهندي، ٨- ٻولي منهنجي ماءُ، ٩- سنڌي ڪلهه ۽ اڄ، ١٠- عزيز- شخص ۽ عالم، ١١- شاهه - سنڌي تهذيب جو روح، ١٢- سنڌي شاعرن جي هنديءَ ۾ ڪوتا، ١٣- تنقيدي مضمون، ١٤- ڀاشا شاستر، ١٥- سنڌي ٻولي، ١٦- روح سنڌي رچ، ١٧- ڀارت جي استري، ١٨- مان ڇا آهيان؟، ١٩- سنڌي ساهتيه جي جهلڪ،

اُتي پلنگ تي ئي ويٺي آهي.)

پوپٽي: ڪملا، فئملي آلبم ته آڻي ڏي، شايد هنن ڪتابن جي ڀرسان پيو اٿيئي.

(ڪملا اُٿي ٿي. ڪئميرا پوپٽيءَ تي. ڪجهه ٿي دير ۾ ڪملا اچي ڪيس آلبم ڏئي ٿي ۽ ڀرسان ويهي ٿي رهيس.)

پوپٽي: ڏاڍو ڏکيو آهي سمرتين کان مُڪتي پائڻ، موت سي پهلي آدمي غم سي نجات پائي ڪيون؟

(ڪئميرا ڪلوز آلبم تي. پوپٽيءَ جا فقط هٿ نظر اچن ٿا. پوپٽيءَ تصويرون بدلائيندي ٿي وڃي ۽ ڳالهائيندي به ٿي وڃي.)

پوپٽي: هيءُ ڀاءُ ڏسو، هيءَ ڇٽرا سندس زال. ڪيڏو موهه اٿس مون ۾! منهنجي آپريشن ٿئي ته لنڊن مان اُڏامندي هتي اچي! هي سندس پٽ سنيل، سنيل جي زال آرتي، انيل ۽ سندس زال. ڪملا ڏس، هيءَ مان. ڪيئن ٿي لڳان؟ هي حشوُ ۽ هيءَ شانتي...

(ڪئميرا ڪملا جي چهري تي. هوءَ اکيون اُگهي رهي آهي. پوپٽيءَ جو آواز به ڀريل آهي)

پوپٽي: ... هي ڏس موتي. اسان سڀني ڀائرن ڀينرن ۾ سهڻو، ٺاهوڪو ۽ سڀني کان ڊگهو. هيءَ سندس چينائي زال جيڪا پنهنجن مائٽن لاءِ چنگ ڪٿان ۽ اسان لاءِ ريکا. هيءَ سندس ڌيءُ سشما پڪي چينائڻ ۽ هي سندس انڊونيشيا جو چينائي گهوٽ ۽ هي سندن ٻار سُوريه! هي موتيءَ جو پٽ سورج. پيءُ وانگر ڊگهو، سهڻو. خيالن جو پڪو پارٽي، چاهي ڪئناڊا ۾ پڙهندو آهي ته به! هي موتيءَ جو ننڍو ٻار وويڪ. هي ته پڪو هندو آهي. هندو ڌرم جا ڪتاب پڙهندو. هندو درشن شاستر ڏانهن مائل!... ۽ ڪملا هيءَ آهين تون ۽ هيءُ...

بس ليٽڻ جي دير آهه،
اکيون پورڻ جي دير آهه
۽ هڪ اڀياس سپنو...
سپنو...

(ڪئميرا ڪلوز پوڄيءَ جي چهري تي. هن جي چهري تي وئراڳ جا ڀاو آهن. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي. پوڄي ڌيري ڌيري هلندي اچي پنهنجي بستري تي ليٽي ٿي پوي. ڪئميرا هن سان گڏ ٿي پئننگ ڪري ٿي.

پوڄي: زندگي سپنو آهي
يا زندگيءَ کان پوءِ
انت سپنو آهه؟
سپنو...

(پوڄي ڪٽي ٿي اکيون بند ڪري. ڪئميرا پوڄيءَ جي چهري تي ڪلوز. فقط اکين تي ڪلوز.)

(ڪٽ)

... ...

درشيه -٥٥/الف   سپنو (ميدان)   رات

ڪئميرا ڪلوز جلندڙ مشعال تي. سنگيت، جنهن ۾ عجيب قسم جو جنون آهي، وڄي رهيو آهي. دهل جو آواز سڀني آوازن کان وڌيڪ ڪڙو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ ڪيترا ئي مرد ۽ عورتون هٿن ۾ مشعالون کڻي گول ٺاهي بيٺا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪجهه جوان ۽ جوانڙيون ڳائي رهيون آهن. هڪ طرف سنڌ جو هڪ شاهي نقشو ڪاٺين جي آڌار تي ٽنگيو پيو آهي، جنهن جي پٺيان پاسن کان به مشعالون جلي رهيون آهن. ڪڏهن ڪڏهن وقت آس-پاس کان رنگين دونهون اچي نظاري کي رهسيه پورو بڻائي رهيو آهي.

٢٠- سنڌي هستيون، ٢١- پدمڻي، ٢٢- ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سکو، ٢٣- منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق، ٢٤- Sindhis_ History of -٢٥ ،The Scattered Treasure Sindhi Literature، ٢٦-The Coward، ٢٧- شريمد ڀاڳوت، ٢٨- ڪبير، ٢٩- وويڪانند - جيوني.

(ڪٽ)

درشيہ-٥٤/ب پوپٽيءَ جو ڪمرو رات

ڪئميرا ڪلوز پوپٽيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پل ٻئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هوءَ پنهنجن لکيل چاليهارو ڪن ڪتابن جي اڳيان بيٺي آهي. سندس لکيل ڪتاب پنيان الماريءَ ۾ پيا آهن.

پوپٽي: هيترا سارا ڪتاب مون لکيا آهن. انهن کان عدد ۾ تمام گهڻو وڌيڪ منهنجي دماغ ۾، منهنجيءَ دل ۾ ۽ منهنجيءَ ڪلپنا ۾ سمايا پيا آهن. پر هيڏي وڏي برهمانڊ جي ڀيٽ ۾ هنن جي هستي ئي ڪهڙي آهي؟ هن اٿاهه سرشٽيءَ جو هڪ ڪڻو به ته نه سمائجي سگهيو آهي هنن ۾! ۽ وري ڇا هيءَ سرشٽي ڪئميرا ۾ قيد ٿيڻ لاءِ ٻڌي آهي؟ هي رچنائون! ڏس، ته گهڻو ڪجهه آهن. سوچ ته ڪجهه آهن. سمجهه ته ڪڻو به ڪونه آهن! ڪجهه به ڪونه آهن!

پنن ۾ وڪوڙيل - ويڙهيل زندگي
ڪتابن ۾ قيد ٿي،
سفر جتان شروع ٿيو
پورو اتي ٿيو!...
زندگيءَ جي شام اچي چڪي آهي،
ڏيئا ٻري چڪا آهن
بسترو وڇائجي چڪو آهي،

درشيہ-٥٥/ب سيٽ: پوپٽيءَ جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ڏيئي جي لاٽ تي. ڪئميرا پُل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته هڪ ميز تي آرتيءَ جي ٿالهي سجايل پئي آهي، جنهن ۾ ڏوپ جلي رهيو آهي. ٿالهيءَ جي پاسن کان چانور، سندور، ڪافُور وغيره پيو آهي. هڪ ڪنڊ کان هڪ رکڙي به پيئي آهي. پوپٽي سفيد ساڙهيءَ ۾ ملبوس ڳُڪڙي لڳائي ڏيئي ڏانهن نهاري رهي آهي. اوچتو هڪ مرداڻو آواز اوورلئپ ڪري ٿو. آواز رام پنجواڻيءَ جو آهي.

رام: (فقط آواز، ڪئميرا پوپٽيءَ تي) پيڻي، اڄ رکڙي - ٻڌن آهي، ياد اٿيئي نه؟

(ڪئميرا دروازي کي ڪَوَر ڪري ٿي. رام مرڪندڙ چهري سان اُتي بيٺو آهي. سفيد پوشاڪ، اکين تي عينڪ. وار ڇگيءَ طرح سنواريل. پيرن ۾ ڪاري رنگ جي چمپل. هن وقت سندس چهرو وڌيڪ سٺيو، وڌيڪ رونقدار ۽ وڌيڪ پيارو لڳي رهيو آهي. هُو ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو.)

رام: ... ڏس، مان اچي ويو ٿي مانءُ، منان ميار ڏين ...

پوپٽي: (سواگت ۾ پنهنجي جڳهه تان اُٿندي) پاءُ، توهان تي ڪهڙي ميار. مون کي ته پاڻ فخر آهي جو هيڏي وڏي مان - شان وارو هيئڻ تو مون سان نوڙت سان هلي! اچو وهو....

رام: وهندس ٻه، وهندس ٻه.

(رام پلنگ جي ڪناري وٽ وهي ٿو. پوپٽي ميز تان آرتيءَ جي ٿالهي کڻي ٿي اچي. رام جي آرتي ڪري، هن جي نرڙ تي تلڪ ڏئي ٿي. رام جي منهن تي معصوم مرڪ آهي.)

پوپٽي: منهنجي پاءُ جا جتي پير اُتي خير! منهنجا لال سائين، منهنجي پائڙي ۽ تنهنجي سيوڪ جي ڪيولي شل لهون وانگر

جوان: سعد يي اڄ جاڳي آهه!
ڙي سعد اسان جي جاڳي آهه!

جوانڙي: سعد ...

جوان: ١- آهن عاشق سوُريءَ لئه مڙيا
زخمن جا آهن گل ٽڙيا
هيءَ خبر سڀني سڀاڳي آهه
ڙي سعد ...

جوانڙي: ٢- هر ترنگ ۾ هڪ آواز
هر دل وچي تي بڻجي ساز
لطيفي لاٽ به ساڳي آهه
ڙي سعد ...

جوان: ٣- ليلا چوڪ لئه تي پڇتائي
سهڻي پيئي آهه ڪُنن ۾ ڪاهي
سسئي به چوي نعب نياڳي آهه
ڙي سعد ...

جوانڙي: ٤- محب وطن جو ڪهڙو آئيندهه؟
عشق ڪڏهن جو ٿئي تابندهه؟
هيءَ چڻنگ چولي وچ لاڳي آهه
ڙي سعد ...

اوچتو ڊونهون وڏيڪ ٿو وڏيڪ گهرو ٿيندو ٿو وڃي. آهستي آهستي سڀ ماڻهو ڊونهين ۾ گم ٿيندا ٿا وڃن. ڍهلن جو آواز جهڪو ٿيندو ٿو وڃي. فقط ڪجهه مشعالون ڏنڌليون ڏنڌليون نظر اچي رهيون آهن. ڪئميرا هڪ مشعال تي چارج ڪري ٿي.

(ڪٽ)

رام: رهندا به ڪين، اصل ڪين رهندا، مور ڪين رهندا...
(اوچتو دروازي کان دونهون اچي ٿو. ڪمرو دونهين سان ڀرجي ٿو وڃي. رام ڀڄواٽي ڌيري ڌيري دونهين ۾ الوپ ٿيندو ٿيندو صفا غائب ٿي ٿو وڃي. پوڄي ان طرف نهاريندي ٿي رهي. اوچتو رام جو آواز اوورلئپ ٿو ڪري.)

رام: (فقط آواز، ڪئميرا پوڄيءَ تي) پوڄي، پاٽين جو اڄ جنم جو ڏينهن اٿئي، واڌايون ڏينس...

(ڪٽ)

درشيه-٥٦ سڳينا بلڊنگ جو دروازو صبح

لانگ شاٽ. پوڄي (٦٥) بلڊنگ کان ٻاهر نڪري رهي آهي. هن جي ساڄي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي هڪ بئگ آهي جنهن ۾ غريبن کي ڏيڻ لاءِ ڀاڄيءَ ڀيل ڊبلروٽيون ۽ ڪيلا پيا آهن. هوءَ ڌيري ڌيري ڪمپائونڊ جي مکيه ڦاٽڪ ڏانهن وڌي رهي آهي.

ڪئميرا پوڄيءَ کي پٺيارو ڪور ڪري ٿي. لانگ شاٽ. پوڄي ڌيري ڌيري هلندي ڪمپائونڊ جي مکيه ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪري ٿي وڃي.

(فيڊ آئوٽ)

سماپت

لهرائيندي دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ڦهلجي
وڃي ...
(رام جي مرڪ برقرار آهي. پوڙهي هن جي ڪرائيءَ ۾ رکڙي
ٻڌي ٿي. مٿهن ۾ مائي جي چٽڪي وجهيس ٿي. رام جي چهري
تي سنتوش ۽ انوکي آنند جو ڀاءُ آهي.)
رام: پيءُ پوڙهي، تنهنجي هيءَ رکڙي ٽنهي لوڪن ۾ منهنجيءَ
رکيا ڪندي، مون کي ڀروسو آهي، وشواس آهي، يقين آهي.
پوڙهي: ٽنهي لوڪن ۾؟
رام: پيءُ، اڄ اسان تنهنجي لاءِ آسمان مان لهي آيا آهيون...
اسان هتي هتاسين ٿي ڪٿي؟
پوڙهي: توهين منهنجي سامهون ٿي نه هتا ۽ سامهون ٿي نه
آهيو ....
رام: هن وقت آهيون، آهيون، ضرور آهيون .... پر هتاسين
ڪين...
(پوڙهي عجب ڀريل نظرن سان رام ڏانهن نهاري ٿي.)
رام: ... اڄ جهيڙو - جهڳڙو ڪونه ٿيو ڪونه؟ نه بحث. نه
الزام. نه ڏوراپو. پوڙهي، اڄ هي توکي ڇا ٿي ويو آهي؟
پوڙهي: اڄ مان سنتشت آهيان، بلڪل آنند مگن ....
رام: سدائين آنند ۾ ٿي رهندينءَ، سنتشت رهندينءَ.... عهدن،
انعامن ۽ اڪرامن وارا هيٺ ڪريا ٿي پيا هوندا. تون بنا عهدي
ٿي مٿي رهندينءَ. توکي نه عهدي جي لالسا آهي نه شوق.
توکي پرواهه ٿي ڇا جي رهندي؟ تون نه سچيءَ معنيٰ ۾
بيپرواهه بادشاهه آهين. اڙي پيءُ، جاڪو ڪڇو نه چاهئي،
وهه شاهن ڪو شاهه! سدائين بيپرواهه!
پوڙهي: ڀاءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ جي پريم جي وچ ڇاجا حساب ۽
ڇاجا ڪتاب؟

ڀاسي ڪان ته ڪڏهن ڪهڙي ڀاسي ڪان...“ ڀاڱ ٻاٻت سنڌس اهڙا رمارڪس ٻڌي دل روئندي آهي، پر هن جو حوصلو ۽ طاقت مسلسل هڪ اُميد پيو ڏياريندو آهي ته هوءَ اِئين هتيار ڦٽا نه ڪندي. هن جي لڳن، جرئت ۽ جستجوُ اڃا به ڪيس ڪيترائي سال زنده سلامت رکندا ۽ هوءَ وقت ڪان اڳ پنهنجا هڙئي رنگ سميٽي، اَدب کي ٻسو ڪري، هرگز اسان وٽان نه ويندي.

اَدب ۾ ڪنهن به سچي اَديب لاءِ سڀ ڪان اهم شيءِ ڪيس اُتساهه ڏياريندڙ جذبا ۽ احساس آهن جيڪي ڪيس ڪنهن به حوالي سان ملن ٿا ۽ ڪيو به هن لاءِ رکي ٿو.

بيباڪ ۽ ٻرڪه ليکڪا پوپٽي جو اَدبي قدر سڃاڻندي ٻن اَدب دوستن موهن ٻيدي ۽ جگديش لڇاڻي ڪيس ”ٻڙ- ڦٽي پوپٽي“ جي صورت ۾ جديد انداز سان خراج ڏنو آهي جيڪو پوپٽي لاءِ اُتساهه جو سبب بڻجڻ ڪان سواءِ سنڌي اَدب ۾ به پنهنجي دلڪش ۽ جدت ڀري ٽيڪنڪ سببان وڏو مان پائيندو.

ڪتاب ۾ پوپٽي جي پوٻت رنگي پاوتائن کي گڏ ڪرڻ ڪان علاوه سنڌس آئم ڪٿا جي به ڪن حصن کي ڪاغذ تي نهايت نفاست سان جڙ فلمايو ويو آهي، جنهن جو مکيه ڪردار پوپٽي پاڻ آهي. سنڌس هر سوچ، هر رنگ ۽ هر انداز پڙهي اِئين ٿي محسوس ٿيو جڻ ”ٻڙ- ڦٽي پوپٽي“ ڪا ڪتابي فلم آهي جنهن کي اکين سان پڙهي ذهن جي فل اِسڪرين تي زندگيءَ جي سمورن رنگن سان حرڪت ڪندي ڏسي سگهجي ٿو.

اَدب ۾ جمود ڪان بچڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا نئين انداز جا تجربا ٿيڻ ضروري آهن، جنهن لاءِ جگديش لڇاڻي ۽ موهن ٻيدي لاشڪ ته مبارڪ جا مستحق آهن.

مونکي اُميد آهي ته هي ڪتاب جدت پسندن سان گڏ عام پڙهندڙن ۾ به نهايت گهڻو پسند ڪيو ويندو.

ماهتاب محبوب

حيدرآباد سنڌ

ماهتاب محبوب جي نظر ۾ پوڙ-ڦٽيي پوپٽي

جيئن پوپٽ جي پرن کي ڪو هڪ رنگ ناهي، تيئن اُدبي ڪيتر ۾ پوپٽي جي لکڻين جا ٻه ڪيئي رنگ آهن. سندس اعليٰ پائي جون تحريرون اُدب جي مختلف صنفن ۾ نمايان ۽ منفرد حيثيت رکن ٿيون. هوءَ ادب جي جنهن مقام تي اڄ بيٺل آهي، اُتي هن جو فن ڪنهن روايتي اُدبي قصيده نگاريءَ جو محتاج ناهي. پوپٽي جي محبتن ۽ نفرتن جي جذبن ۾ بي اِنتها شدت آهي. جتي هن عورت جي حق تلفيءَ ۽ تڪليفن خلاف ڀرپور نموني جدوجهد ڪئي آهي اُتي سنڌيت جي بچاءُ لاءِ تحريڪن ۾ به اڳڀري نظر آئي آهي. هن جي بردبار شخصيت تي نه ڪنهن جو اَثر آهي نه ئي ڪنهنجي ڪا ڇاپ آهي. هن وٽ پنهنجي نجي پجي شخصيت آهي جنهن جو اِظهار هوءَ لکڻين وسيلي ڪندي ٿي رهي. لکڻ ۾ ئي هن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد حاصل ڪيو آهي، انڪري ئي ڪيس لکڻ مان جيڪا روحاني ۽ جسماني راحت ملي ٿي ان جو ڪو اَنت ناهي.

پوپٽي هن نديي ڪدب جي وڏن ليکڪن جي ليول جي ليکڪا آهي. مان هن جي دل چهنڊڙ ۽ اِنساني نفسيات کي سمجهڻ واريون، گهريون لکڻين جي شيدائي ته آهيان ئي پر سندس جرئت مندائي، سهپ ڀري (سهن شڪتي) ۽ خوش-مزاج شخصيت پڻ منهنجي دل ۾ هن لاءِ هڪ خاص مقام پيدا ڪيو آهي. هوءَ گذريل ڪجهه سالن کان چاڪ ناهي، وڏ ٽڪ واريون اذيتناڪ آپريشنون ته هاڻ هن جو مقدر بڻجي پيون آهن. جنهن سچي زندگي سنڌيت جي حقن حاصل ڪرڻ جي جستجوءُ ۾ گذاري، سا هيڏي ٿي، بيماريءَ اڳيان ڪيئن هٿيار ڦٽا ڪندي...؟ هوءَ ان سان ٻه فائيٽ ڪندي ٿي رهي ته ڪڏهن زنده دليءَ سان ان وڏ-ٽڪ تي چٿر ڪندي، ٻڏا ٽهڪ ڏيئي چوندي آهي:

”مونکي برٿ ڏي ڪيڪ وانگر ٽا ڪاٽين، ڪڏهن کهڙي

منوهر - جگديش جو اسڪرپٽ ساهت

* ڇپيل *

١- جوڳي جادو لائي ويا (١٩٨٧)
(رام پنجواڻيءَ جي جيون ۽ ڪارج تي ١٣ ڪنڊن ۾ لکيل)

٢- ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان (١٩٨٧)
(پرسرام ضيا، ماسٽر چندر ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ تي لکيل ٽيلي - پليز)

٣- ٻو-ڦٽي ٻوٽي (١٩٨٨) - توهان جي هٿن ۾.

* اڻڇپيل *

١- مصنوعي ذهن (آڌار: شاهه جو ڪلام ڪاويه الذو دونهون ۽ ڪي گيت)

٢- بي آگم جان ڏا پروانا (ڪهاڻي: سگڻ آهوجا)

٣- جن جي دل ۾ درد (ڪهاڻي: رام پنجواڻي)


٤- جل ۾ جوتين وارو (اڏيري لال جي جيون - ڪٿا)


٥- نه ماس نه مدرا (ساڌو واسواڻيءَ جو جيون - انش)

٤- وڪرال - ١ (جانباز جاسوس وڪرال جو ديش - دروهين سان وڪرال - ٢ ٻيالڪ نکر - اصلوڪي رچنا)


وِٽا پبليڪيشن

٧٠١، راجيو اپارٽمينٽس - اُلهاسنگر - ٤٢١٠٠١





جگديش لڇاڻي



منوهر بيدي